Food and Agriculture Organization of the United Nations

ضميمو ۴

ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جو ڍانچو

سنڌو درياءِ جي آبهوا جي تبديل ٿيڻ سان موسمياتي زراعت ۽ پاڻي جي انتظام

پاڪستان

خوراڪ ۽ زراعت جا اداره اقوامِ متحده

پيش لفظ

هي ماحولياتي ۽ سماجي جوڙجڪ جو ڊانچو، پاڪستان جي حڪومت ۾ سائو موسمي فنڊ (گرين ڪلائميٽ فنڊ) جي منصوبي لاءِ سيني مالياتي (مالي) سرگرمين تي لاڳو ٿئي ٿي. جنهن ۾ ٽيڪنيڪل مهارتي يا مالياتي مدد پڻ هن منصوبي ۾ مدد ڪئي ويندي، جيڪو " سنڌو درياءِ جي آبهوا جي تبديل ٿيڻ سان موسمياتي زراعت ۽ پاڻي جي انتظام"

منصوبي جي انتظاميہ جي ايڪائي "دي پروجيڪٽ مينيجمينٽ يونٽ"، قومي سطح تي نامزد ٿيل ميزبان ايف.اي.او اسلام آباد جي آفيس، هن منصوبي جي سيني سرگرمين جي ذميوار آهي. حفاظتي انتظامن جي لاءِ خاص طور تي دي ليڊ سيفٽيگارڊ سپيشلسٽ (صوبائي انتظاميہ هن منصوبي تي عمل درآمد ڪندو ۽ جيڪو يونٽ ملتان، پنجاب جي نگراني ۾ هوندو).

لاڳاپيل پي.پي.آئي.يو ۽ ضلع عملي درآمد يونٽ هر ڏينهن تي مخصوص عملي درآمد جا ذميوار آهن ۽ اهي اِهو يقيني بنائڻ تہ ڪا بہ شڪايت اي ايس ايم ايف، صنف ايڪشن پلان ۽ مطلقہ حفاظتي دستاويزات، جنهن ۾ مڪمل جائزو ونڊ لاءِ جي.سي.ايف جا ڏنل منصوبي جا دستاويز شامل آهن.

هي دستاويز هڪ زنده دستاويز سمجهيو ويندو ۽ هن جي سِٽن ۾ ڪنهن بہ صورت يا ڪنهن بہ حالت ۽ مقصدي سرگرميون لاءِ تبديلي ڪري سگهجي ٿي. جيڪا تمام ويجهي مشاورت جي.سي.ايف سان ۽ اي ايس.ايم.ايف جي منظوري ضروري هوندي.

فهرست

١ منصوبي جو خرچو ۽ ماليات (يو.ايس.ڊي ملين ۾)

٢ ضلعي ايراضي ۽ آدمشماري

٣ خشڪ سالي جا علائقائي بنياد تي پاڪستان جي ايراضي جيڪا غيرآبادي تي فهرست مشتمل هوندي.

۴ پاڪستان ۾ گرمي پد جا رجحانات (لاڙا) ١٩٥١ع کان ٢٠٠٠ ع تائين

۵ منصوبہ پنجاب ۾ ضلعن جي زمين جو احاطو (ڪلوميٽر اسڪوائر)

٦ منصوبہ سنڌ ۾ ضلعن جي زمين جو احاطو (ڪلوميٽر اسڪوائر)

٧ پنجاب اي.اِي.زيڊ جو خاصيتون

٨ قومي ٻيلن جي ورهاست ۽ وضاحت

٩ مجموعي آبادي (پنجاب، سنڌ)

١٠ منصوبي جي حوالي سان (پنجاب ۽ سنڌ) جي ضلعن جي آبادي

١١ پنجاب ۽ سنڌ جا ٻار جيڪي اسڪولن کان ٻاهر آهن

١٢ ضلعي وار تعليمي معيار (پنجاب)

١٣ ضلعي وار تعليمي معيار (سنڌ)

١٤ پاڪستان ۾ سماجي تحفظ جي منصوبن جون اهم خاصيتون

١٥ بين الاقوامي معاهدو ۽ پاڪستان ۾ رواج ۽ رسمن سان لاڳاپيل معاشرتي محافظ

١٦ منصوبي لاءِ شروع ڪيل حفاظتي پاليسين جي فهرست

١٧ آئي.ايف.سي جي ڪارڪردگي جو معيار ۽ ايف.اي.او سان لاڳاپيل ماحولياتي ۽ سماجي محافظ

١٨ پيش ڪيل تجويزن جي گهٽتائي.

شڪلن جي فهرست

١ منصوبي جي علائقي جو نقشو (جيڪي نقصان پهچائڻ جي اسڪور تي مبني آهي.)
٢ پنجاب جي چونڊيل ضلعن جي اوروگرافي.
٣ سنڌ جي چونڊيل ضلعن جي اوروگرافي.
۴ سنڌ ۾ ضلعي واري ابتدائي مِٽي جو قسم
۵ زمين جا ڊڪيل درجا
٦ فصلن سان لاڳاپيل طبقو، پنجاب ۽ سنڌ جي ايف.اي.او ۾ شامل ٿيل ڊڪيل زمين
٧ ورهايل اهم فصل ۽ انهن جي ايراضي (اسڪوائر ڪلومينٽر)
٨ ايف اي او/ سُپارڪو چانورن جو ماسڪ
٩ ايف اي او/ سُپارڪو ڪڻڪ جو ماسڪ
١٠ ايف اي او/ سُپارڪو ڪمند جو ماسڪ
١١ ايف اي او/ سُپارڪو ڪپهه جو ماسڪ
١٢ آدمشماري في ايڪڙ جتي پاڻي موجودگي
١٣ سنڌو درياءِ جي آبپاشيءَ جي علائقن ۾ زميني پاڻي جا نقشا
١۴ گڏيل تحقيق جو مرڪز ١٠ سالن جي دور ۾ ٻيهر ايندڙ ٻوڏ جي خطري جو نقشو
١۵ درياءِ سنڌ جي آبپاشي جي نظام جو معيشتي آريام (نقشو).
١٦ پاڪستان جي زراعت جا شعبا
١٧ پاڪستان جا ايڪوريجنس.
١٨ پنجاب جي زرعي ماحولياتي علائقي جو نقشو جيڪو ضلعي سطح تي ڇاپو
١٩ پاڪستان جا محفوظ علائقا ضلعي ڇاپي سان گڏ
٢٠ صحت جي سهولتن جي قسم جا مختلف پاڳا.
٢١c مجموعي طور منصوبي جي جوڙجڪ ۽ ان کي هلائڻ جو ڍانچو

مرکزی خلاصو

١ . پاڪستان ۾ موسمياتي تبديليءَ جي موجوده منظرنامي کان اِهو پڌرو ٿئي ٿو تہ سنڌو درياءِ تي زرعي ۽ پاڻي جي انتظام جو رُجحان ڪاروبار ڪيو ويو آهي، جيڪڏهن اِهو ساڳئي طرح جاري رهيو تہ ٢٠٥٠ع تائين ملڪ اندر گرميءَ جي شدت ۾ سخت اضافو ٿيندو ۽ برساتن جي گهٽ پوڻ جي ڪري هارين ۽ سندن ذريعہ معاش تي خراب اثر پوڻ جو امڪان آهي. هيءُ منصوبو اهڙي تبديليءَ جي غرض سان تيار ڪيو ويو آهي تہ پاڻيءَ جي بيجا واهپي کان پاسو ڪندي، زراعت کي پاڻيءَ جي انتظام ماتحت نئين ضابطي ڏانهن مُنتقل ڪجي، تہ جيئن موسمياتي تبديلين جي پيش نظر هاري پنهنجي ذريعي معاش کي هٿي ڏيڻ جي قابل ٿئي. هن منصوبي جو مقصد، سنڌو درياءَ جي پاڻي جو صحيح استعمال ڪري زراعت کي پنهنجي اصل صورت ۾، متاثر هارين جي مدد ڪرڻ ۽ حڪومتي صلاحيت کي تقويت بخشڻ آهي، تہ جيئن اُها هِن اختياري عمل وسيلي عام ماڻهوءَ کي مُناسب مدد فراهم ڪري سگهي. هِن منصوبي تحت ڄاڻ جي حصول جي صلاحيت ۽ اُن جي وقتائتي استعمال سان مُلڪ جي پيداواري صلاحيت ۾ اضافو ٿيندو ۽ جديد مهارتڪاريءَ جي ذريعي، موسمياتي تبديلين، زراعت ۽ پاڻيءَ جي انتظام مٿان پوندڙ اثرن جو، ڪاميابيءَ سان مقابلو ڪري سگهبو. (جُزنمبر١) . اِهو هارين جي صلاحيت ۾ موسمياتي تبديليءَ کي محسوس ڪرڻ واري حِس جي ذريعي، قابليت، ڄاڻ ۽ فني مهارت سان وڌائيندو . (جُز نمبر ٢). اهو تبديليءَ جي لڳاتار عمل ۽ موسمياتي تبديليءَ واري لچڪ جي بِلا جهجهڪ تفهيمي خيالن کي وسيع قوت بخشڻ وارو ماحول پيدا ڪندو آهي. (جُز نمبر ٣). هِن ٦ ساليانہ پروگرام تحت، مجموعي طورتي پنجاب ۽ سنڌ صوبي جي ٨ ضلعن ۾ شروع ڪيو ويندو. جنهن جي مجموعي لاڳت ٤٩,٧ ملين آمريڪي ڊالر آهي. موسمياتي تبديلي جي وزارت، جيڪا موجوده پاڪستان جي قومي نامزد ڪيل اٿارٽي آهي، جيڪا (مجاز اختياري) هن پرگرام لاءِ مجموعي طور نگراني مُهيا ڪندي جڏهن تہ وفاقي، صوبائي ۽ مقامي حڪومتن جا ذميوار ادارا، مخصوص سرگرمين تي عملدرآمد واسطي عملي سان گڏجي ڪم ڪندا ۽ اُهي خانگي شعبي ۽ سول سوسائٽي جي چونديل نمائندن ۽ خاص طور هارين سان، زميني سطح جي تربيت دوران مُشاورت ۽ مڪمل سهڪار ۾ رهندا. هِن منصوبي مان، ٻهراڙيءَ جا لڳ ڀڳ ١٠٣ ملين ماڻهو سِڌي سنئون فائدو حاصل ڪندا. منصوبي جي قيمتن ۾ واپسيءَ جي اقتصادي شرح ۽ مستفيض ٿيندڙ (فائدو وٺندڙ) في شخص جي شرح ٦.١٥سيڪڙو آهي. جيڪو تقريباً ٣٨ آمريڪي ڊالر آهي. پاڪستان جي قومي نامزد ٿيل اٿارٽي جي درخواست تي موسمياتي تبديلي جي وزارت ۽ ايف.اي.او ٻئي گڏجي *"دي اڪريڊيٽيڊ اٿيٽي اينڊ ايڪزيڪيوٽنگ اٿيٽي"* ڪم ڪندا.

٢. منصوبي جي تحت تجويز ڪيل سرگرمين (مثلاً، مخصوص جڳہ وغيره) جي تفصيلات اڃان تائين حتمي طور تي طئي نہ ٿي سگهي آهي، پر محض بُنيادي نظام جوهڪ خاڪو نهيو آهي. جنهن جي مدد سان، موجوده ماحولياتي ۽ معاشرتي نظام جو ڊانچو (انوائرومينٽل اينڊ سوشل مئنيجمينٽ فريم ورڪ) (ESMF) ايف. اي. او پاران تيار ڪيو ويو آهي، جنهن ۾: (١) جيڪو امڪاني اهليت ۾ عام نفي ماحولياتي ۽ سماجي اثرات جي سڃاڻپ ڪندو(٢)گهٽ ۾ گهٽ اقدامن جي تجويز (٣) چونديل ماتحت سرگرمين جي لاءِ طئي ٿيل بُنيادي معيار مهيا ڪرڻ (٤) عملدرآمد دوران، هر هڪ جي ماتحت سرگرمين جي لاءِ تيار ڪيل اوزارن جي فهرست (٥) اداره انتظاميہ مهيا ڪن جيڪي ماحولياتي ۽ سماجي اپاءُ جا تحفظ ۽ ان جي عملدرآمد لاءِ شڪايت جو طريقيڪار (گريوينس ريڊريس مڪينزم)(GRM)، نگراني، رپورٽنگ ۽ ڪاغذي ڪارروائيءَ جو معيار واضع ڪن. ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جو ڊانچو (انوائرمينٽل ائنڊ سوشل مئنجمينٽ فريم ورڪ (ESMF)) مجموعي طور تي جسماني مشقت ۽ سرگرمين کي اهڙيءَ طرح قابلِ عمل ۽ اڀياس جي مطالعي کان پوءِ ان کي منصوبي تحت يقيني بڻائيندو.

۳. مجموعي طور تي هن منصوبي جا ماحوليات ۽ سماج تي سٺا اثر پوندا آهن. ان ڳالهه جو قوي اميد آهي تہ، اِهو قدرتي وسيلن ۽ زراعت کي وڌيڪ معيار فراهم ڪندو ۽ زرعي زمين ۽ فارمن تي بهتر ڪم، زرعي طريقن ۽ قدرتي وسيلن جو انتظام، خاص طوردرياءِ سنڌ جي پاٽ جي پاڻيءَ جي نظام جي حفاظت پڻ ڪندو.ماحولياتي سرشتي جي سٺي ڪارڪردگي جا انسان جي صحت تي گهڻي عرصي لاءِ موثر اثرات مرتب ٿين ٿا. سماجي طور تي، هيءُ صنفي ڪارڪردگي جو منصوبي (جينڊر ائڪشن پلان) تحت، عورتن کي مصروف بڻايو ويندو، سندن سيني سرگرمين ۾ انهن جي شموليت کي يقيني بڻائيندو ۽ کين زرعي جاڻ ۽ قابليت وسيلي خودمختيار ڪيو ويندو. اُن سان مقرر حلقي جي ذريعہ معاش کي بهتر بنائڻ جي پڻ قوي اُميد آهي. اُن کان علاوه ٽيڪناالاجي، مشيني ۽ زرعي اوزارن جي مد ۾ سيڙپڪاري ڪري،پوئتي پيل ۽ بند فارمن کي استعمال ڪري ان تي اعليٰ معيار جي زرعي افزائش ۽ پيداوار تي پوندڙ موسمياتي تبديليءَ جي اثرن کي گهٽ ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪئي ويندي. اُميد آهي تہ اگري - ڪلائمٽ واٽر انفرميشن پورٽل (ACWA Portal) جي قيام سان سرڪاري ڪاتن ۽ ادارن تي مثبت اثر پوندا ۽ موسمياتي حالتن کي نظر ۾ رکندي، زرعي واڌاري جي خدمت ۽ قدرتي وسيلن جي منصوبہ بندي لاءِ معياري رابطي جو نظام مهيا ڪندو. اهڙين خصوصيتن کان علاوه هيءُ منصوبو، جُز نمبر ۰۲ تحت اهو يقيني بڻائيندو تہ هاري پنهنجي ذريعہ معاش کي بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. مثال طور انٽيگريٽيڊ پيسٽ مئنجمينٽ (IPM) جنهن تحت، هِن منصوبي هيٺ جيت مار دوائن جي استعمال واري مُنظم انتظام وسيلي جيت مار دوائن جي مجموعي استعمال ۽ اُن جي خطرن کي گهٽائڻ شامل آهي.

۴. منصوبي تحت وچٿرو(معتدل) خطرن کي ڀاڱو "ب" (ڪئٽگري "بي") تحت تقسيم ڪيو ويو آهي ۽ اُها اُميد ڪئي وئي آهي تہ منصوبي جون سرگرميون، هيٺ ڏسيل ماحولياتي ۽ سماجي حفاظتي تدبيرن جهڙوڪ: اِي.ايس.ايس ۳، اِي.ايس.ايس ۵، اِي.ايس.ايس ۷ ۽ اِي.ايس.ايس ۹ (ESS۳, ESS۵, ESS۷ ۽ ESS۹) کي تحرڪ (چورڻ) ۾ آڻيندیون. منصوبي جو بُنيادي مقصد، منصوبي جي حدن ۾ ايندڙ بي زمين هارين (اهي هاري جنهن کي زمين نہ آهي) ۽ ليبر مارڪيٽ جي متاثر پورهيتن کي اُن جي سرگرمين ۾ شامل ڪرڻ آهي. انهن حڪمتِ عملي جي عمل درآمد لاءِ ڏسيل سمورين ماتحت سرگرمين جي سجاڻپ ڪري سگهجي ٿو. مخصوص حفاظتي حڪمت عمليءَ جي هيٺ نشاندهي ڪئي وئي آهي.

حفاظتي حڪمت عملي	عملي طريقو	حفاظتي آلات ۽ بچاءُ جا قدم
ESS-١قدرتي وسيلن جو انتظام	نہ	غير لاڳاپيل سرگرمي (ڏسڻي ١)
ESS-٢تبديليءَ جو عمل، ماحولياتي نظام ۽ قدرتي رهائشگاهه	نہ	غير لاڳاپيل سرگرمي (ڏسڻي ١)
ESS-٣ خوراڪ ۽ زراعت لاءِ جينياتي وسيلن جو پلانٽ	ها	ESMF/SEMP رجسٽرڊ بج جو استعمال يقيني بڻائيندو.
ESS-٤زراعت ۽ خوراڪ جي لاءِ جانورن، چوپائي مال ۽ آبي جيوت جا وسيلا	نہ	غير لاڳاپيل سرگرمي (ڏسڻي ١)
ESS-٥ ڪيڙن ۽ جيت مار دوائن جو انتظام	ها	ESMF/SEMP انٽيگريڊي پيسٽ مئنجمينٽ (IPM) سان گڏجي تربيت ۽ اهڙين حفاظتي تدبيرن، جنهن سان جيت مار دوائن جي استعمال ۽ جنهن سان جيتن جو بچڻ ناممڪن هُجي، انهن کي يقيني بڻائيندا.
ESS-٦ غيرارادي آبادڪاري ۽ نقل مڪاني	نہ	غير لاڳاپيل سرگرمي (ڏسڻي ١)
ESS - ٧ مهذب / سليقي وارو ڪم	ها	ESMF/SEMP، هارين جي لاءِ سکيا/تربيت، مهذب ڳوٺن جي لاءِ روزگار، ۽ سرڪاري آگاهيءَ جا اجلاس منعقد ڪندو. عمر مُطابق ڪم، ڪاروبار، صحت ۽ حفاظت، منصوبي تحت رضاڪاراڻہ هدايتن تي عملدرآمد جي ذميوار اداري جو تعين ۽ زمينن، ماهي گيرين ۽ ٻيلن جا دورا ڪرڻ
ESS-٨صنفي برابري	نہ	مخصوص صنفي سرگرمين ۽ صنفي تجزيي واري عمل کي اڳواٽ منصوبي سازيءَ ۾ شامل ڪرڻ.
ESS-٩مقامي ماڻهو ۽ ثقافتي ورثو	ها	ESMF/FPIC، موقعو- تلاش جو سرشتو (ڏسڻي ٤)

٥. عملدرآمد جي ابتدائي مرحلي وقت نمودار ٿيندڙ منفي اثر عارضي نوعيت جا هوندا آهن، جن کي اڳتي هلي بلڪل ختم يا گهٽ ڪري سگهجي ٿو. منصوبي تحت، ڏنل پاڻيءَ جي انتظام جي طريقن کي جُز نمبر ١ ۾ هيٺ سخت ڪارائتي عمل ۽ اِي.ٽي. جي نگرانيءَ تحت مضبوط ڪيو ويندو. هِن منصوبي جو مقصد اهو ناهي ته پاڻي بابت تڪرارن جو سلسلو جاري رهي. ساڳي ريت جُز نمبر ٢ تحت ڪُليل فارمن لاءِ پاڻيءَ جي انتظام واري طريقي لاءِ پڻ اهو نه سمجهيو وڃي تہ اُن جو مقصد هيٺانهين يا مٿانهين پاسي جي پاڻي واپرائيندڙن وچ ۾، پاڻيءَ جي پيدا ٿيل ڪوٽ کي پوري ڪرڻ جي پيشِ نظر تڪرار پيدا ڪرڻ آهي. بي زمين هارين ۽ پورهيتن کي هِن منصوبي ۾ شامل ڪرڻ جو مطلب اهو آهي تہ انهن ۽ زميندارن وچ ۾ لاڳاپا متاثر ٿيڻ جو خدشو هوندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ زمين جي قيمتن سميت پيداواري مصنوعات، ٻيلن ۽ مڇيءَ جي مهانگي ٿيڻ جو خطروپڻ آهي، جنهن کي ذميوار حُڪومت جي نمائندن ۽ رضاڪارن جي هدايتن سان گهٽائي سگهجي ٿو. هِن قسم جي حساسيت ٻهراڙين ۾ عزت واري روزگار، عمر مطابق ڪم جو تعين ۽ نوجوانن جي، پنهنجي خاندانن جي خوشحاليءَ جي لاءِ مناسب منصوبہ بندي ۾صحيح رهنمائي ڪندي.

پيداوار ۾ اضافي جي نتيجي ۾ نئين توانائي جهڙوڪ: سُست رفتار جي ياڻ جيڪو گند جو خاتمو نه ٿو ڪري سگهجي وغيرهه تي اعتبار ڪرڻ جهڙا مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا. آخرڪار پيداوار ۾ واڌارو اُنهن جي استعمال جو نتيجو تصور ٿيندو، پر اجا بہ زرعي جيت مار دوائن جو استعمال سِڌي سنئون هن منصوبي جي مقصدن ۾ هرگز شامل نہ آهي. هِتي اهو واضح ڪجي ٿو ته هِن منصوبي جو صحيح پهلو اِهو آهي تہ سِڌي ريت زرعي جيت مار دوائن جي استعمال جي اثرن کي IMP تربيت تحت ممڪن حد تائين گهٽايو ويندو. مثال طور، جتي اهڙن دوائن جو استعمال مجبورن لازم هوندو، اُتي اُن بابت تربيت جو اهتمام ڪيو ويندو ۽ مُناسب جاڻ فراهم ڪئي ويندي. هِن منصوبي جو مقصد، زرعي جيت مار دوائن جي استعمال کي هرگز هٿي وٺرائڻ نہ آهي پر اهڙي طرح خطرناڪ دوائن جي استعمال کان بہ هر صورت ۾ مڪمل طور پاسو ڪيو ويندو. هن منصوبي تحت تعميراتي سرگرمين طرف ڌيان مرڪوز ڪو نہ ڪيو ويو آهي، البته ايگرو-ميٽ سسٽم خاطر معمولي نوعيت جي سرگرمين جو انعقاد ڪري سگهجي ٿو. اهڙي صورت ۾ ٿوڙي وقت لاءِ مقامي سطح تي، معمولي نوعيت جي منفي اثرن جهڙوڪ شورگوڙ جي آلودگي جي عمل جي لڳائڻ دوران، ڏُڌڙ جي آلودگي مٽي جي ڪري، ايگرو-ميٽ سسٽم جي انعقاد دوران صحت جي حفاظتي خطري جو امڪان رهي سگهي ٿو پر هِن منصوبي جي اها خصوصيت آهي تہ اهڙن خطرن کي اڳتي هلي بلڪل گهٽائي سگهجي ٿو.

تعارف

٦. جرمن واچ جي ٢٠١٨ ع جي چيپل فهرست "دنيا جي وڏي عرصي لاءِ ماحولياتي خطري جي فهرست" (گلوبل لانگ ٽرم ڪلائميٽ رسڪ انڊيڪس) ۾ پاڪستان جو ستون نمبر آهي، ۽ سندس ماحولياتي تبديلي جي منفي اثرن کان بري طرح متاثر ٿيڻ جو امڪان پڻ ڏيکاريو ويو آهي. جنهن جا اهم سبب موسم جو خشڪ ۽ نيم (جزوي) خشڪ هجڻ، هڪ دريائي نظام تي وڌيڪ پروسو ڪرڻ ۽ زراعت جي پاڻي جي فراهمي لاءِ برف باري ۽ گليشيئر جي ڳرڻ تي دارومدار هجڻ ڪري نتيجي ۾ ملڪ ماحولياتي تبديلي جي تناظر ۾ تمام گهڻو حساس ٿي ويو آهي. ملڪ اندر زرعي پاڻي جو ٩٠ سيڪڙو استعمال ڪندي ملڪ جي مزدور طبقي جي ٤٠ سيڪڙو کي روزگار سان لڳائي، اهو طبقو ملڪ اندر ٩٠ سيڪڙو کاڌ ۽ خوراڪ فراهم ڪري ٿو. جڏهن ته ٧٥ سيڪڙو ٻاهرين آمدني ڪمائي ڏئي ٿو. ملڪ جي پنهنجي مجموعي گهربل مصنوعات (گراس ڊوميسٽڪ پراڊڪٽ (جي ڊي پي)) ۾ ڪل ٥.١٩ سيڪڙو حصو زراعت جو شعبو ڏئي ٿو، جيڪو ٻئي نمبر تي آهي. اهڙين حالتن ۾ پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ پاڻي ۽ زراعت جو رشتو/ لڳاپو تمام اهم آهي.

٧. پاڪستان جي زراعت جو تقريباً ٩٤ سيڪڙو آبپاشي نظام تي دارومدار رکي ٿو. جنهن مان ٩٠ سيڪڙو زراعت کي سنڌو درياءِ جو پاڻ (انڊس بيسن) مان پاڻي ڏنو وڃي ٿو. سنڌو درياءِ جي پاڻ، لاڳيتو ٢٠ هزار ڪلوميٽر تائين وهندڙ واهن تي مشتمل دنيا جو هڪ وڏي ۾ وڏو آبپاشي نظام آهي، جنهن ذريعي ١٨ ملين ايڪڙ زمين آباد ڪئي وڃي ٿي. پاڻ اندر زراعت جا انتظام برفاني ۽ گليشيئر پگهرجڻ ۽ پاڻي جي وهڻ جو مقدار ۽ وقت جو تعين هڪ پيچيده مسئلو آهي. جيڪو موسمن جي لاهن چاڑهن جي ذريعي سنڀاليا وڃن ٿا. پاڻ (بيسن) اندر پاڻي جا ٽي مکيه ذريعا آهن: جن ۾ سانوڻيءَ جي برسات، موسمي برفباري ۽ گليشئر جي برف جو پگهرجڻ جڏهن ته ٥ هزار کان وڌيڪ گليشئير ۽ برف جي پگهرڻ جي نتيجي ۾ درياءِ اندر مجموعي وهڪري جو ٦٠ کان ٧٥ سيڪڙو آهي. پاڻي هنڌو ڪش - قراقرم - هماليه جي ٨ هزار ميٽر جي چوٽيءَ کان ٿيندو سنڌو درياءِ ۾ اچي ٿو ۽ ٣ هزار ڪلوميٽر جي ڊيگهه جو مفاصلو طئي ڪري، هندي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. آبپاشي تحت وڌندڙ زرعي زمين ۽ خطي جي خشڪ حالت (سراسري طور تي سالانه ١٥٠ کان ٢٥٠ ملي ميٽر تائين پاڻي جي وهڪرو) ۽ سنڌودرياءِ جي پاڻي جو بُنيادي ذريعو برفباري ۽ برف جو پگهرجندڙ پاڻي آهي، جيڪو درياءِ سنڌ جي پاڻ (انڊس بيسن) کي ماحولياتي تبديلي جي لاءِ وڌيڪ حساس بڻائي ٿو.

٨. موسميات جي مختلف رپورٽن مان اڳڪٿي ڪئي وئي آهي ته درياءِ سنڌ جي پاڻ (انڊس بيسن) جي (علمِ بَحر) هائيڊرولاجي تي آبهوا جي تبديلي جا نهايت سنجيده اثر پئجي رهيا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ گهڻو گرمي پد جو وڌڻ ۽ پاڻي جي وهڪرن جي سطح ۾ تبديلي جا امڪان آهن. گذريل ٣٠ سالن ۾ پاڻ (بيسن) اندر گرمي پد ٥.٠ سينٽي گريڊ تائين وڌي چُڪو آهي، جڏهن ته هڪ اندازي موجب ٢٠٦٠ع ۾ اهو وڌي ١٠٤ کان ٣٠٧ سينٽي گريڊ تائين پهچندو. جيڪو عالمي سراري تناسب کان وڌيڪ آهي. جڏهن ته وڌندڙ گرمي پد سياري جي مهينن ۽ اترين جابلو علائقن ۾ (جيڪي پگهرجندڙ پاڻي جو ذريعو پڻ آهن) وڌيڪ هوندو ۽ برساتن جي اڳڪٿي ڪرڻ مشڪل ٿي ويندي، جڏهن ته موجوده گڏ ڪيل انگ اکرن جي بنياد تي ۽ ايف.اي.او جي وڌيڪ تجزئي ڪانپوءِ مليل ماحولياتي تبديلي جي اڳڪٿين ۽ اثرن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو (هن پروجيڪٽ جي امڪاني مطالعي جي سيڪشن ٣ جي خاڪي ۾ ڏنل آهي.) جن مان هيٺ ڄاڻايل ست مختصر اهڙا اهم اثر آهن، جيڪي بنيادي عنصر تصور ڪري سگهجن ٿا.

الف. برسات ۽ برف مان نڪرندڙ پاڻي وهڪري جي تناسب ۾ تبديلي : برسات جي پاڻي واري وهڪري جو تناسب جيڪو ٥٨ سيڪڙو (سال ١٩٧١ع کان ٢٠٠٠ع تائين) ، ٦٦ سيڪڙو کان ٧٥ سيڪڙو (سال ٢٠٧١ع کان

۲۱۰۰ع تائين) تائين تصور ڪيو ويوآهي، اها تبديلي خاص طور، زراعت جي علائقن ۾ درياءِ سنڌ جي پاٽ (انڊس بيسن) جو سست رفتار ۾ وهڻ جو سبب برف جو آهستي پگهرڻ ڄاڻايو ويو آهي.

ب. برف ۽ گليشيئر جي پگهرڻ وارن نمونن ۾ تبديلي جن جي سال جي شروعات ۾ جلدي ٿيڻ ۽ سال جي آخر تائين رهڻ جي ڪري بهار ۽ سرءُ جي موسم جي شروعات ۾ پاڻي جي وهڪري ۾ وڌندڙ واڌ جيڪا زرعي ڪئلينڊر (جنتري) سان موافقت نٿي رکي.

ت. گليشيئرن مان حاصل ٿيندڙ پاڻي جي مقدار جو گهٽجڻ (۲۰۷۱ - ۲۱۰۰) جيڪي گليشيئر جي پگهرجڻ جي نتيجي ۾ حاصل ٿيندڙ پاڻي ۾ گهٽتائي جي ڪري درياءِ سنڌ ۾ پاڻي جو ڪوٽ جو اهم سبب بڻجندو.

ث. درياءِ سنڌ اندر موجود پاڻي جي مقامي ۽ عارضي تبديلين جي ڪري مٿئين علائقن خاص طور تي، ڪُنزه، شِگار، شيوڪ ۾ درياءِ سنڌ جي ماتحت پاٽ ۾ پاڻي جي وهڪري جي واڌ. جڏهن هيٺين علائقن جي ماتحت پاٽ (سب بيسن) ۾ پاڻي وهڪرن ۾، خاص طور تي بهار جي موسم کان اونهاري واري موسم جي وچ واري وقت ۾ خطرناڪ حد تائين ڪوٽ کي منهن ڏيڻو پوي ٿو.

ج. **پاڻي جي وڌيڪ بخارجڻ جي نتيجي ۾ درياءَ جي وسيع سطح اندر فصل واري پاڻي جي وڌندڙ گهرج**: پاڪستان محڪمہ موسميات پاران هڪ مطالعي ذريعي فصلن جي وزن جو ماڊل (ڪراپ ويٽ ماڊل) جو استعمال ڪندي مکيہ فصلن جي بخارجڻ جي حوالي سان گرمي پد واڌو ۳ سيڪڙو وڌڻ جي نتيجي ۾ زراعت کي پاڻي جي گهرج ۲۰۲۵ع ۾ ٦ سيڪڙو جڏهن تہ ۲۰۵۰ع ۾ ۱۲ کان ۱۵ سيڪڙو جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي. ان جو مقصد ۲۰۵۰ع ۾ فصلن جي بقاءَ لاءِ ۱۰ بلين ڪيوبڪ ميٽر (بي سي ايم) واڌو پاڻي درڪار آهي.

د. ۲۰۵۰ع تائين اناج سان لاڳاپيل فصلن جي اُپت ۾ ٦ کان ۱۲ سيڪڙو، پاڄين ۽ موسمي ميوون جي اُپت ۾ ۵ کان ۱۳ سيڪڙو ڪوٽ جيڪا آبهو ۾ تبديلي جي نتيجي ۾ مقرر ٿيل فصل واري بقاءَ جي حد کي بہ اورانگهي ويندي. پاڪستان جي ٻهراڙي وارن علائقن جي غير يقيني واري صورتحال جي ڪري قدرتي آفتن جهڙوڪ ٻوڏ يا ڏُڪار جو بار بار واقعه ٿيڻ سان وڌيڪ تباهي کي منهن ڏيڻو پوندو.

و. ناخوشگوار موسمي حالتن سبب خطرن جو وڌڻ: سنڌو درياءَ جي منجهيل هائيڊرولاجيڪل حڪمراني ۽ پاڻي بابت تمام گهڻي غير يقيني صورتحال جي ڪري مستقبل جي ٻوڏ يا ڏُڪاري واري حالتن جي وقت جي اڳڪٿي ڪرڻ يا اندازو لڳائڻ تمام ڏکيو آهي. جيتوڻيڪ ايف اي او جو موسمي حالتن جو تاريخي مواد جي بنياد تي تجربو ٻڌائي ٿو تہ مستقبل ۾ اهڙن خراب موسمي حالتن جو بار بار واقع هجڻ جا چڱا امڪان آهن.

۹. سنڌو درياءَ جي چار مکيہ فصلن جي اُپت (جنهن ۾ ڪڻڪ، ڪپهہ، چانور ۽ ڪمند شامل آهن)، جي ٻُري طرح متاثر ٿيڻ جو امڪان آهي. جيڪڏهن انهن مکيہ فصلن جي اُپت ايندڙ ۲۰ سالن ۾ رڳو ۴ سيڪڙو تائين بہ گهٽجي وئي تہ درياءَ اندر زراعت سان لاڳاپيل آبادگارن کي ساڳي عرصي جي لاءِ هڪ اندازي موجب ۵۰۰ ملين آمريڪي ڊالرن جو نقصان ٿيندو. درياءَ تي فصلن جي اُپت جي اهڙي گهٽتائي جي ڪري زراعت جو شعبو نہ صرف پنهنجي اهميت وڃائي ويهندو پر ملڪ جي سراسري معيشت ۾ پڻ ڪيس اهو مقام نہ رهندو. ان جي نتيجي ۾ ملڪ جي معيشيت ڪمزور ٿيندي ۽ ملڪ زرعي پيداوار ٻاهران گهرائڻ تي مجبور ٿيندو.

١٠. زراعت ۽ سنڌو درياهه تي آبهوا جي تبديلي جي اثرن جي نتيجي ۾ درياهه ۽ آسپاس رهندڙ ١٥٨ ملين عوام جي لاءِ پڻ سماجي ۽ معاشي خطرا لاحق ٿيندا. تقريبن ٤٣ ملين ننڍا آبادگار جن ۾ وڏو تعداد ڪُڙمين جو آهي، جن ۾ وري عورتن جو تناسب ٧٠ سيڪڙو آهي، جيڪي سراسر طور تي هڪ هيڪٽر کان گهٽ زرعي زمين آباد ڪن ٿيون. ماحولياتي تبديلي جي متاثرين جو وڏي ۾ وڏو انگ انهن لاچار ننڍن آبادگارن جو هوندو جن وٽ جيئڻ جو ڪو ٻيو وسيلو آهي نہ ڪنهن جاڻ تائي رسائي آهي ۽ نہ ئي وري ڪين نئين ٽيڪنالاجي، مالي وسيلن تائين رسائي توڙي سرڪاري نوڪريون آهن تہ جيئن هُو پنهنجي جياپي جي لاءِ آبهوا ۾ تبديليءَ جي پيش نظر پاڻ کي تبديل ڪن. ان ڳالهہ جو پڻ اندازو لڳايو ويو آهي تہ لڳاتار خطرن جي نتيجي ۾ سماجي نا انصافي زور وني ويندي جڏهن تہ وسيلين جي لُٽ مار جي ڪري سماجي اڻ برابري، جهڳڙا، لڏ پلاڻ واري صورتحال پڻ پيدا ٿي سگهي ٿي.

١١. آبهوا ۾ تبديلين جي نتيجي ۾ پاڪستان جي معيشيت کي لاحق خطرن کي نظر ۾ رکندي ٢٠١١ع ۾ حڪومتِ پاڪستان جي منصوبا بندي، ترقي ۽ سُڌارن واري شعبي پاران ملڪ جي معاشي واڌاري لاءِ هڪ ڊانچو جوڙيو ويو، جنهن ۾ واضح طور تي ماحولياتي تبديلين کي نظر ۾ رکندي معاشي واڌ جي تناظر ۾ زراعت، پاڻي ۽ توانائي جي شعبن ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏنو ويو آهي. انهيءَ جي پيش نظر سال ٢٠١٢ع ۾ وفاقي سرڪار پاران زرعي ترقي تي زور ڏيندي، قومي ماحولياتي تبديلي جي پاليسي جاري ڪئي وئي. اقوامِ متحده ڊانچي جي ماحولياتي تبديلي واري ڪنوينشن (يو.اين.ايف.سي.سي.سي) جي ٢٢ پارٽين واري ڪانفرنس (ڪاپ - ٢٢) ۾ پاڪستان پاران قومي ماحولياتي تبديلي واري پاليسي کي نمايان طور تي پيش ڪندي، ان سان لاڳاپيل ملڪي سطح تي آفتن جي خطري کي گهٽائڻ واري پاليسي (نيشنل ڊزاسٽر رسڪ ريڊڪشن پاليسي) ۽ ان جي پائيدار ترقي وارن مقصدن (سسٽين ايبل ڊولپمينٽ گولز) سان ڳنڍيل پنهنجي ترقي وارن منصوبن جي پڻ واضح طور تي ذڪر ڪيو ويو.

١٢. ماحولياتي تبديليءَ جي خطرن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ اهو ضروري آهي تہ ڪيترائي وڌيڪ ڪارائتا قدم کنيا وڃن تہ جيئن زرعي پيداوار جي بقاءَ ۽ شعبي جي پائيدار واڌ ويجهہ کي قابل بڻائجي جيڪا غربت کي گهٽائڻ لاءِ ۽ کاڌ خوراڪ جي ضمانت جي لاءِ پڻ ضروري آهي. سڀ کان پهرين پاڪستان جي لاءِ پنهنجي پاڻي وسيلن جي انتظامن جي بهتري جي معقول حل لاءِ اهو اهم آهي تہ روزاني جي بنياد تي هائيڊرولاجيڪل سسٽم جي ماپ ۽ نگراني جي انتظامن جي سلسلي ۾ لاڳاپيل عملي جي سگهہ کي وڌائڻ ۽ بهتر بنائڻ تمام ضروري آهي. ملڪ جو زرعي شعبو پاڻي جي حوالي سان وڌ ۾ وڌ مٿاڇري واري پاڻي تي انحصار ڪري ٿو. جيڪو پاڻي، خاص طور تي گليشيئرس جي برف پگهرجڻ جي صورت ۾ حاصل ٿئي ٿو. تنهن ڪري اهو پاڻي وسيلن واري نظام جي گرمي پد وڌڻ جي تناظر ۾ وڌيڪ حساس ۽ خطرناڪ آهن. گرمي پد ۾ مسلسل ۽ تڪڙي واڌاري جي معاون اثرن جي خطرن جي ڪري اهو ضروري آهي تہ پاڻي جي معلومات جي حوالي سان ڪو وقتائتو ۽ بهترين سسٽم هجڻ گهرجي جنهن سان وڏي عرصي لاءِ پاڻي انتظامن جي منصوبا بندي جي سلسلي ۾ بهتر ۽ معقول فيصلا ڪري سگهجن، جيڪي سڄي قوم جي مستقبل سان سهلاڙيل آهن. سنڌو درياهہ مان، زراعت جي لاءِ پاڻي استعمال ڪندڙن کي پاڻي کي بچائڻ واري ٽيڪنالاجي جو استعمال ۽ پاڻي ضايع ڪرڻ کان پاڻ کي روڪڻ توڙي گرم موسم سان مواقفيت رکندڙ فصل پوکڻا پوندا. انهيءَ عمل کي هٿي وٺرائڻ جي لاءِ ماحولياتي تبديلي جي سلسلي ۾ زراعت جي شعبي سان لاڳاپيل مختلف ادارن ۽ ماڻهن لاءِ آگاهي واري عمل کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ ضروري هوندو جڏهن تہ فيصلن ڪرڻ وقت لاڳاپيل ۽ ضروري جاڻ جي رسائي لاءِ وقت سر مناسب جاڻ جو هجڻ تمام ضروري آهي.

۱۳. سنڌو درياهه جي لاڳاپيل ڌرين کي پاڪستان اندر ماحولياتي تبديلين جي خطرن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ جي سلسلي ۾ ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. جنهن ۾ پاڻي، زراعت ۽ ماحوليات متعلق جامع ڄاڻ ۽ تجزئي وارن اوزارن يا سافٽ ويئرز جو فقدان هجڻ آهي. جڏهن ته اها به حقيقت آهي ته هائيڊرولاجيڪل جي ڄاڻ کي گڏ ڪرڻ، نگراني توڙي رسائي، مختلف وزارتن، پاڻي انتظام وارن ۽ تحقيقي ادارن وٽ هجڻ پڻ سهولت بجاءِ مشڪلاتون پيدا ڪري رهيو آهي. ملڪ جي هڪ اهم قدرتي وسيلي (پاڻي) جي استعمال لاءِ موثر ۽ بهتر انتظامن جو نه هجڻ، لاڳاپيل ادارن وچ ۾ مُناسب رابطي ڪاري نه هئڻ جو نتيجو آهي. قديم پاليسين ۽ پاڻي جي جامع نگراني نه هجڻ ڪري نتيجي طور زرعي زمين تي پاڻي جي استعمال وقت ڪابه حڪمت عملي لاڳو نٿي ٿئي. اها به هڪ حقيقت آهي ته صوبائي سطح تي زرعي توسيع کاتي وٽ، ماحولياتي تبديلي جي خطرن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ ڪا ڄاڻ آهي ۽ نه ڪا جديد ٽيڪنالاجي آهي. توسيع کاتي وٽ رهنما پاليسي کي عمل ۾ آڻڻ توڙي ماحولياتي تبديليءَ بابت مهيا ٿيل ڄاڻ کي اڳتي ڦهلائڻ واسطي ڪا موثر حڪمت عملي آهي.

۱۴. خانگي شعبي اندر ڪم ڪندڙ ڏُريون، جيڪي واپار توڙي معاشي خدمتون سرانجام ڏين ٿيون، وٽ ماحولياتي تبديلي جي خطرن بابت نه صرف بهتر ڄاڻ آهي پر انهن خطرن کي منهن ڪيئن ڏجي؟ بابت پڻ جوڳو انتظام نه آهي پر مارڪيٽ ۾ گهربل يا بهتر ٽيڪنالاجي نه هجڻ ڪري محدود معلومات ۽ غير يقيني واري صورتحال ڪري اهڙن خطرن کي منهن ڏيڻ وارو عمل پڻ ڪمزور آهي. آبادگار پڻ ماحولياتي تبديليءَ جي اثرن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ پاڻ پتوڙين ٿا پر مستقبل ۾ ڇا ٿيندو ۽ خطرن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ ڪهڙا حل هجن ٿا، ان حوالي سان اضافي ڄاڻ کان هُو قاصر آهن. وٽن ماحوليات متعلق موجود ڄاڻ لاءِ محدود رسائي آهي. ساڳي ريت لاڳاپيل ادارن وٽ پڻ ماحولياتي تبديلي بابت معلومات يا تجربن جي بنياد تي موافقتي موقعا گهٽ آهن.

۱۵. سنڌو درياهه کي ماحوليات مطابق زراعت ۽ پاڻي انتظامن کي لچڪدار بڻائڻ، جيڪو اڳتي هلي ڪري منصوبي جي حوالي سان لکيو ۽ پڙهيو ويندو، جنهن جو خاص مقصد هن ريت آهي ته سنڌو درياهه جي حساس آبادگارن کي ماحوليات پٽاندڙ وڌيڪ لچڪدار بڻائڻ ۽ حڪومت جي سگهه کي وڌائڻ واسطي آبادگارن کي مستقبل جي ماحولياتي تبديلين جي اثرن کان بچاءُ جي لاءِ مدد فراهم ڪري سگهجي ۽ اهو تڏهن ممڪن ٿيندو. جڏهن منصوبي مطابق هيٺيان مقصد حاصل ڪري سگهبا.

i. ماحولياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ جي لاءِ منصوبابندي ۽ ترقي وارن ريگيوليٽري ادارتي نظام کي هٿي ڏيڻ.
ii. فيصلا سازي جي سلسلي ۾ ماحوليات متعلق ڄاڻ جي استعمال ۽ فراهمي کي وڌائڻ.
iii. پوکيءَ دوران ماحولياتي خطرن جي گنجائش کي گهٽائڻ ۽ موافقت کي وڌائڻ.
iv. لاڳاپيل ڌرين ۾ آبادگارن پاران ماحولياتي تبديلي جي گنجائش جي سلسلي ۾ رابطن ۽ شموليت کي بهتر بڻائڻ.
v. ماحولياتي خطرن کان بچاءُ جي ڄاڻ جي فراهمي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ.

۱۶. منصوبي جو گهڻو ڌيان هيٺ ڏنل شين تي هوندو.

i. درياءِ سنڌ جي پاڻ جا اهي علائقا، جيڪي ماحولياتي تبديلين جي ڪري وڌيڪ حساسيت جو شڪار هوندا.
ii. انهن حساس علائقن وارن آبادگارن ۽ سندن مکيه فصلن جي پوکي جهڙوڪ: ڪپهه، ڪمند، ڪڻڪ ۽ چانور.
iii. ماحوليات سان مواقفيت رکندڙ زراعت واري ٽيڪنالاجي ۽ پاڻي جي انتظامن جي بهتري ڪري غذا ۽ خوراڪ جي حفاظت کي وڌائڻ.

iv. حڪومتي ادارن، سرڪاري ۽ غير سرڪاري ڌرين وچ ۾ رابطن ۽ سهڪار کي هٿي ڏين، تہ جيئن حڪومت يا مالي سهڪار ڪندڙ ادارن (ڊونرس) پاران ماحوليات ۽ پاڻي جي انتظامن کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ مدد گار ثابت ٿين.

منصوبي جي ڪل لاڳت اندازاً ٧.٤٩ ملين امريڪي ڊالر آهي، جنهن ۾ سرڪار پاران مالي سهڪار ٧.١٢ ملين امريڪي ڊالر ۽ جي.سي.ايف جي مالي مدد ٣٧ ملين امريڪي ڊالر پڻ شامل آهن. منصوبي ۾ پنجاب صوبي جي پنجن ضلعن (ڊيرو غازي خان، مظفر ڳڙهہ، ملتان، لوڌران ۽ خانيوال) ۽ سنڌ صوبي جي ٽن ضلعن (سانگهڙ، بدين ۽ عمرڪوٽ) ۾ لاڳو ڪيو ويندو. هن منصوبي تي ڇهن سالن (٢٠١٩ - ٢٠٢٤) اندر عمل در آمد ڪيو ويندو، جڏهن تہ منصوبي جا هيٺيان چار جُز هوندا:

جُز نمبر ١. زارعت ۽ پاڻي واري شعبي ۾ ماحولياتي تبديليءَ جي تناظر ۾ مواقفت جاڻ کي وڌائڻ ۽ بهتر بنائڻ.
جُز نمبر ٢. زرعي فارمن تي، ماحولياتي تبديليءَ جي خطرن کي گهٽائڻ واري نظام سان موافقت رکڻ
جُز نمبر ٣. لڳاتار تبديلي مطابق ماحول جوڙڻ ۽ تيار ڪرڻ
جُز نمبر ٤. منصوبي جي حڪمت عملي ۽ انتظام

١٧. **اقوامِ متحده جي خوراڪ ۽ زراعت جي اداري ايف اي او جي حفاظتي طريقہ عمل يا حڪمت عملي تحت، هن منصوبي کي درجہ وار خطري جي صف بندي ۾ رکيو ويو آهي.** ايف.اي.او جي ماحولياتي ۽ سماجي عڪس ريزي واري فارم (ڏسو ڏسٽي ٣) جي طرفان منصوبي جي خطري ڪيو ويو. جيڪو خطري جي علائقن کي سڃاڻي ۽ انهن خطرن جي جوابي چندڀاڻ جي بنياد تي انهن جي نتيجن جي درجہ بندي ڪندو. منصوبي جي انديشن ۽ خطرن جي ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن جي ڍانچي تحت (اِي.ايس.ايم.اي هن دستاويز) جنهن تي عمل ڪندڙ ادارن ۽ منصوبن جي نشاندهي جي تياري دوران انهن جي تعميل ڪرڻ وارن ادارن، ماحولياتي ۽ سماجي تعين ڪرڻ وارين ڏُرين، اثرن کي گهٽائڻ ، توڙي منصوبي کي عمل ۾ آڻڻ دوران رپورٽ ۽ نگراني ڪرڻ جي پڻ رهنمائي ڪئي ويندي آهي. اِي.ايس.ايم.اَي کي اين.ڊِي.اَي کان منظور ڪرايو ويندو. تہ جيئن ادائيگي جي بنياد تي ۽ ماتحت ٺيڪيدار (مثال طور، جيڪي ايل.او.اَي. معاهدي جي تحت ڪم ڪن). اِي.ايس.ايم.اَي کي ايل.او.اَي. جو حوالو ڏئي ڪنهن بہ ماتحت ٺيڪيدار کي فهرست ۾ شامل ڪري ان کي عملن ۽ قانون جو پابند بڻيو ويندو. منصوبي سان لاڳاپيل سرگرميون منعقد ڪرائڻ کان پهرين LOAs ۾ شامل حصيدارن کي ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ (EES) جي تربيت ڏني ويندي.

١٨. **اِي.ايس.ايم.ايف جو مجموعي مقصد اهو آهي تہ ماحولياتي ۽ سماجي نگراني تحفظ کي يقيني بڻائي سگهجي.** ان سان منصوبي کي عمل درآمد ڪرائڻ وارين ادارن بشمول ايف.اي.او ۽ ذيلي-معاهدي ڪندڙ ادارن کي ننڍين سرگرمين جي ماحولياتي ۽ سماجي اثرن کي ڳولي انهن کي نظر ۾ رکڻ ۽ رهنمائي پڻ فراهم ڪري سگهجي. جنهن جي مدد سان مناسب ماحولياتي ۽ سماجي خطري واري درجہ بندي جو سلسلو طئي ڪري سگهبو. اِي.ايس.ايم.ايف پاران منصوبي کي لاڳو ڪندڙن ادارن، توڙي ميزبان ملڪ جا اخلاقي فرض طئي ڪيا ويندا. جنهن سان اهي توجهہ طلب ماحولياتي ۽ سماجي خطرن ۽ انهن جي اثر جي نشاندهي ڪري سگهندا. ماحولياتي ۽ سماجي حفاظت (ESS) جي معيار مطابق مقصد ۽ گهرجون طئي ڪيون ويندیون تہ جيئن خطرن جي اثرن کي گهٽائي ۽ ان کان بچي سگهجي. اِي ايس ايم ايف جا خاص مقصد هيٺين ريت آهن:

- تجويز ڪيل منصوبي جي امڪاني ماحولياتي ۽ سماجي منفي يا مثبت اثرن جو تعين ڪري انهن اثرن جي گهٽتائي لاءِ بهتر حل تجويز ڪرڻ.
- منصوبي تحت، مالياتي مدد لاءِ ماحولياتي ۽ سماجي منصوبہ بندي، جائزو، منظوري ۽ لاڳو ڪرڻ لاءِ واضع طريقيڪار جوڙڻ (مثال: سرگرميون جو گروهہ گڏجي هڪجهڙائي ۽/يا جاگرافيائي هڪجهڙائي)

- مناسب ڪردار ۽ ذميوارين کي واضح ڪرڻ، ۽ سماجي ۽ ماحولياتي ماتحت سرگرمين سان لاڳاپيل خدشن جي انتظام ۽ نگراني جي رپورٽنگ لاءِ طريقيڪار جو خاڪو جوڙيو وڃي.
- منصوبي جي تياري ۽ عمل درآمد جي دوران مختلف متبادل، اختيارن ۽ مناسب گهٽتائي جي لاءِ اُپاءُ طئي ڪرڻ
- اِي.ايس.ايم.ايف جي ڪاميابي جي سلسلي ۾ انهن جي صلاحيتن کي وڌائڻ ۽ ضروري فني سهڪار جي فراهمي لاءِ سڪيا ۽ تربيت جي ڳولا / نشاندهي ڪرڻ
- عوام سان صلاح مشوري جي سلسلي ۾ طريقيڪار جوڙڻ ۽ منصوبي جي ڪاغذن کي ظاهر ڪري شڪايتن جو ممڪن حل ڪڍڻ.
- گهربل منصوبي جي سرمائي ڪاري جي لاءِ اِي.ايس.ايم.ايف جي ضرورتن کي لاڳوڪرڻ ۽ انهن جي عملي وسيلن کي مهيا ڪرڻ.

منصوبي جي وضاحت

١٩. هِن پروگرام کي اُن ارادي سان تيار ڪيو ويو آهي ته جيئن زرعي معيشت تي ماحولياتي تبديليءَ جي اثرن بعد زراعت جي ٻيهر بحالي ۾ واڌارو آڻجي ۽ اُن سان ٻهراڙي جي لڳ ڀڳ ١,٣۴ ملين ماڻهن ۽ ٢٠٠٠٠٠ ماڻهن کي فائدو حاصل ٿئي. هن مقصد کي موسميات ۽ موسمياتي تبديليءَ جي اثرن جي نگراني ڪندڙ ۽ اُن بابت انگ اکر ۽ معلومات رکندڙ مُلڪ جي مک ادارن ۽ ماهرن جي مشاورت ۽ تعان سان حاصل ڪري سگهبو ۽ اهڙي ڄاڻ جو معمول مطابق جائزو وٺندي ۽ حاصل نتيجا مختلف ٽيڪنالاجيز وسيلي، سنڌو درياهه تي ڪم ڪندڙ زراعت ۽ واٽر مئنجيمنٽ جي ذميدارن سان ورهايا ويندو. پنجاب ۽ سنڌ صوبي جي موسمي اثرن سبب خطرناڪ ڄاڻايل ٨ ضلعن جي لڳ ڀڳ ٢٠٠٠٠٠ ماڻهن کي موسمياتي تبديليءَ جي پيش نظر زراعت جي نئين ٻيهر بحالي بابت تربيت ڏني ويندي. منصوبي تحت تجويز ڪيل تربيتي سرگرمين وسيلي گڏ ڪيل ڄاڻ ۽ مواصلات ۽ اطلاعت جي نظام (انفرميشن ۽ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي) جي مخصوص ائپليڪيشنز جي مدد سان خطري هيٺ آيل وڌيڪ ١٠ ملين ماڻهن تائين آگاهي پُڄائي ويندي. منصوبي تحت، شريڪ ٿيل خانگي شعبي جي ادارن جي تعاون سان خانگي شعبي پاران ٻنهي صوبن ۾ فراهم ڪندڙن خدمتن کي وڌيڪ هٿي وٺرائي ويندي ته جيئن موسمياتي تبديليءَ کان متاثر هاري پنهنجي مصنوعات ۽ پيداوارا ۾ خاطر خواه اضافو ڪرڻ جي لائق ٿين. منصوبي جي لاءِ داخلي معاشي واپسي جي شرح جو ڪاٽو ٦.١٥ سيڪڙو لڳايو ويو آهي. جڏهن ته هر فائدو وٺندڙ تي خرچ جو ڪاٽو لڳ ڀڳ ٣٧ ڊالر ٿئي ٿو.

٢٠. **خرچ ۽ مالي امداد**: تجويز ڪيل منصوبي جي خرچن جو مجموعي ڪاٽو ۴٩,٨٨ ملين ڊالر لڳايو ويو آهي. جنهن منجهان جي.سي.ايف پاران امداد (گرانٽ) جي صورت ۾ لڳ ڀڳ ٠٦.٣٧ ملين ڊالر مهيا ڪيا ويندا. جڏهن ته اُن کان علاوه حڪومت سهڪاري طور تي ١٢,٨٢ ملين ڊالر مهيا ڪندي. هيٺ ڏنل جدول ۾، منصوبي جي مجموعي خرچن، جي.سي.ايف جي امداد ۽ حڪومت جي مالي سهڪار جو تفصيل هيٺ ڄاڻايل آهي.

جدول نمبر ١: منصوبي جو خرچ ۽ مالي امداد (ڊالرن ۾)

پروجيڪٽ جا جُزا	منصوبي جو مجموعي خرچ	جي.سي.ايف جي مالي امداد	حڪومت جي شريڪ امداد	جي سي ايف جي مالي امداد جي شرح
زراعت ۽ پاڻي واري شعبي ۾ ماحولياتي تبديليءَ جي تناظر ۾ ڄاڻ کي وڌائڻ ۽ بهتر بنائڻ.	١۴.١٥	١٣,٨٩	١,٢٥	٩٢ سيڪڙو
موسمياتي تبديلي سبب متاثر فارمن جي بحالي	۴٥.٢٦	١٦,٢٩	١٦.١٠	٦٢ سيڪڙو
تبديلي جي لڳاتار عمل لاءِ موافق ماحول جوڙڻ	٦,١٣	٥٨.٥	٥٥.٠	٩١ سيڪڙو
منصوبي جي حڪمت عملي ۽ انتظام	٢,١٦	١,٣٠	٨٦.٠	٦٠ سيڪڙ
مجموعي	۴٩,٨٨	٠٦.٣٧	١٢,٨٢	٧۴ سيڪڙو

٢١. **منصوبي جا مقصد**: سنڌو درياءِ تي موسمياتي تبديلي سبب تمام گهڻا متاثر ٿيل هارين جي بحالي ۽ مستقبل جي خطرن خاطر سرڪاري صلاحيت ۾ واڌارو آڻڻ.

۲۲. **منصوبي جا جُزا**: هيٺ ڄاڻايل چئن جُزن تي مشتمل آهي. (i) زارعت ۽ پاڻي واري شعبي ۾ ماحولياتي تبديليءَ جي تناظر ۾ ڄاڻ کي وڌائڻ ۽ بهتر بنائڻ. (ii) موسمياتي تبديليءَ سبب متاثر فارمن جي بحالي (iii) تبديلي جي لڳاتار عمل لاءِ موافق ماحول جوڙڻ (iv) منصوبي جي حڪمت عملي ۽ انتظام .

۲۳. **پاڻي ۽ زرعي شعبي ۾ موسمياتي تبديلي ۽ ائڊاپٽيشن بابت ڄاڻ وڌائڻ: (۱۴.۱۵ ملين ڊالر، جنهن منجهان جي سي ايف ۱۳,۸۹ ملين ڊالر مهيا ڪندو).** هِن جُز جو مقصد قومي سطح تي، پاڻي ۽ زرعي شعبي تي موسمياتي تبديليءَ جي اثرن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ صلاحيت کي وڌائڻ آهي، جنهن جي ذريعي ڄاڻ، جائزي، استعمال ۽ نگرانيءَ جو مربوط سرشتو پيدا ٿيندو ۽ اُن وسيلي پاڪستان ۾ پيدا ٿيندڙ موسمي خطرن جو مقابلو ڪري سگهبو. هن خاطر منصوبي وسيلي اُن کي يقيني بڻايو ويندو ته موسمياتي تبديليءَ بابت نوس معلومات ۽ انگ اکر موجود هُجن ۽ اُهي اهڙن ادارن ۽ ماڻهن تائين فوري طور پڄائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي، جيڪي اِن حوالي سان فيصلاسازيءَ جي عمل ۾ شريڪ رهن ٿا. اُن کان علاوه ڊجيٽل ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال، مجموعي طور موسمياتي تبديلي ۽ قدرتي وسيلن جي انتظام بابت انگ اکر، ڄاڻ ۽ معلومات کي هڪبئي سان وندڻ، هن جُز جو حصو رهندا. هيءُ جُز ٽن ذيلي جُزن تي مشتمل آهي.

۲۴. **(۱.۱) پاڻي جي استعمال بابت چڪاس واري نظام جي ترقي**: هِن ذيلي جُز جي بُنيادي مقصد آهي ته ملڪ جا لاڳاپيل ادارا مُناسب، مقرر ۽ عالمي معيار ۽ مقامي ورڇ جي مدنظر پاڻي جي استعمال کي يقيني بڻائين. ذيلي جُز تحت ٽيندڙ سرگرميون هيٺ ڏجن ٿيون.

سرگرمي نمبر ۱.۱.۱ پاڻي جا استعمال بابت حساب ڪتاب واري نظام جو قيام: منصوبي تحت پاڻي ۽ قدرتي وسيلن واري ڪاتي ۽ انڊس رور سسٽم اٿارٽي (ارسا) جي تعاون سان، سنڌو درياءِ تي پاڻي جي استعمال بابت حساب ڪتاب جو معقول نظام نافذ ڪيو ويندو. پاڻي استعمال بابت حساب ڪتاب جي قائم ڪيل، چئن جائزاتي مرڪزن مان هر هڪ صوبي ۾ ٻه ٻه مرڪز ۽ ٻيو واهن (ڪئنال) جي حڪم جي سطح تي قائم ڪيا ويندا. پنجاب ۾ صوبائي آبپاشي ڪاتو ۽ سنڌ ۾ آبپاشي ڪاتي سميت سيڊا قرارداد (۲۵۰، ۵۰۰) تحت پاڻي جي استعمال تي نظر رکندا ۽ اُن لاءِ ڪين پاڻي بابت قائم اداري پاڪستان فار ريسرچ ان واٽر ريسورسز (PCRWR) جو ڪين سهڪار حاصل رهندو. اهو پاڪستان فار ريسرچ ان واٽر ريسورسز ۽ ارسا ۾ موجود انگ اکرن مطابق ڪئنال جي مُنڍ ۽ اُن جي وچ ۾ پاڻي کي صوتي سطح جي حساب سان جائزو ورتيو ويندو ۽ اهڙا انگ اکر واضح نصب ڪيا ويندا. پاڻي استعمال جي حساب ڪتاب جا سمورا انگ اکر، سمورا فني ۽ حوالي جو مواد، جيڪي نظام سان لاڳاپيل هوندا، اُنهن کي لاڳاپيل اداري جي ويب سائيٽ تي رکيو ويندو ۽ ايگري-ڪلائميٽ واٽر پورٽل (ACWA) تي پڻ اُن بابت ڄاڻ رکي ويندي.

سرگرمي نمبر ۲.۱.۱: زير زمين آبي بخارات جي خيري جي بنياد تي چڪاس (رسڪ بيسڊ اسيسمينٽ): ڪئنال سپلاءِ سسٽم کي وڌيڪ متحرڪ بنائڻ جي لاءِزير زمين آبي بخارات جي خطرناڪ جُزن بابت جاگرافيائي نقشي تحت رسڪ بيسڊ اسيسمينٽ ڪئي ويندي، جنهن وسيلي موسمياتي تبديليءَ جي اثرن جو اڳواٽ جائزو وٺي سگهبو. منصوبي تحت ٻنهي صوبن جي چئن ضلعن ۾ زير زمين آبي بخارات جي چڪاس واسطي ۲۰ خودمختار ٽيلي ميٽر نظام نصب ڪيا ويندا، جن کي پي.سي.ڊبليو.آر ۽ ارسا وسيلي هلايو ويندو. ساڳي طرح قومي سطح جي ادارن جا ۳۰ ماهرن کي اُن حوالي سان خاص تربيت ڏني ويندي ته جيئن اُهي جائزاتي سرگرمين جو انعقاد ڪندي، آبپاشي جي طريقن مطابق زير زمين پاڻي (جَر جو پاڻي) ۽ آبي بخارات جو دُرست اندازو لڳائي سگهن ۽ پمپنگ

جي نظام جو خاتمو آڻين تہ جيئن زير زمين تازي پاڻي جو حصول ممڪن بڻجي ٻي صورت ۾ اُن جي نقصانات کان بچي سگهجي.

سرگرمي نمبر: ۳.۱.۱: زير زمين پاڻي نظام جو فيلڊ سطح سان ڳانڍاپو: زير زمين پاڻي يا آبي بخارات جي جائزي بعد جر جي پاڻي جي مقامي انتظام وسيلي پنجاب جي ٻن ضلعن خانيوال ۽ ڊيرا غازي خان ۽ سنڌ جي عمرڪوٽ ۽ سانگهڙ ۾ زيرزمين پاڻيءَ جو فيلڊ سطح تي ڳانڍاپي واري منصوبي تي عملدرآمد شروع ڪيو ويندو، جتي اڳواٽ جائزاتي عمل منعقد ڪيو ويندو. پروجيڪٽ تحت زير زمين پاڻي جي چڪاس، ڊيٽا ڪليڪشن، رڪارڊنگ ۽ رپورٽنگ جي لاءِ، جتي اڳواٽ تربيت يافته هاري موجود هوندا، سان گڏيل شراڪتداري جي سوچ کي هٿي وٺرائي ويندي، جنهن وسيلي زير زمين پاڻي جي ترقي واري ائڪشن پلان کي چڪاسيو ويندو ۽ آبي بخارات جي مشڪل حياتياتي ڪيميائي، جنهن منجهه موسمياتي تبديلي جي حساب سان غيرمعمولي واڌارو ٿئي ٿو، کان محفوظ رهڻ جو بندوبست ڪيو ويندو.

۲۵. (۲.۱): پاڻي جي انتظام جي نظام (واٽر مئجمينٽ سسٽم) جي بُنياد تي بخارات ۾ تبديليءَ واري نظام جو قيام: هن ذيلي جُز جو بُنيادي مقصد اهو آهي تہ پنجاب جي آبپاشي ڪاتي ۽ آبپاشي ڪاتي سنڌ ۽ سيڊا جي تعاون سان، جن وٽ اُها صلاحيت اڳواٽ موجود آهي تہ اُهي هن تي عملدرآمد ڪن. ۽ نظم و ضبط جي نظام، وڏي مقدار ۾ بخارات تي مشتمل نظام کي لاڳو ڪندي اهو اندازو ڪن تہ زراعت جي استعمال واسطي، جُملي ڪيترو حقيقي پاڻي گهربل آهي. هن تحت اُهي ڪاتا پاڻي وسيلن جي ورهاستي نشانن جا تفصيل گڏ ڪندا ۽ فصلن لاءِ درڪار گهُرج مطابق اُن جي ورڇ ڪندا.

سرگرمي نمبر ۱.۲.۱: ترقي ۽ اِي ٽي (E.T) نگراني جي نظام جو قيام: هيءَ سرگرمي پُڻ تي پيل سينسنگ اميج (۲۵۰ — ۱۰۰۰ ميٽر) بيسن اسڪيل وٽ استعمال ڪندي حقيقي اِي ٽي (E.T) نظام جو بُنياد وجهندي. منصوبي مطابق چونڊيل ٻن واهن (ڪئنال) جي ڪمانڊ ايريا (هر هڪ صوبي ۾ هڪ) وٽان اعليٰ سينسنگ اميج (۱۰ — ۳۰ ميٽر) جي استعمال کي وڌايو ويندو. هن سرگرمي وسيلي لازمي طور معلومات وٺڻ، اي ٽي تخميني لاءِ معيار متعين ڪندڙ سافٽ ويئر ۽ خاص طور واهن ڪمانڊ جي سطح جانچڻ وارا هارڊ ويئر جو نصب ڪرڻ سميت لاڳاپيل سافٽ ويئرز کي استعمال ۾ آڻيندي، نوس نتيجا ڪڍيا ويندا. هن ماڊل وسيلي ناسا، اِيسا ۽ ٻين سيٽلائيٽ ادارن مان موصول ٿيندڙ تصويرن کي ڪليل نموني استعمال ڪري سگهبو. جڏهن تہ اُن کان سواءِ وهڪ اوزار ۽ موسميات جي خودمختار مقام وٽان موصول ٿيندڙ انگ اکرن کي، ٻن صوبن جي منتخب واهن جي ڪمانڊ جي علائقن ۾ پڻ استعمال ڪيو ويندو.

سرگرمي نمبر ۲,۲.۱: E.T بنيادي پاڻيءَ جو انتظام(بيسڊ واٽر مئنجمينٽ): هڪ پيرو مڪمل طور تي اِي ٽي سسٽم نصب ٿيڻ ڪانپوءِ، منصوبي جي لاءِ فني معاونت حاصل ڪئي ويندي ۽ آبپاشي ڪاتي پنجاب، سنڌ آبپاشي ڪاتي، سيڊا ايريا واٽر بورڊ، هارين جي تنظيمن ۽ پاڻي واپرائيندڙ تنظيمن جي سهڪار سان نصب ٿيل نظام وسيلي انگ اکر گڏ ڪندي، پاڻي جي ورڇ پاليسي مطابق پاڻي ورڇ جي نگراني ڪندا. اِي ٽي معلومات وسيلي (۱) فصلن لاءِ وقت سر پاڻي جي گهُرج جي تعين ڪرڻ (۲) پاڻي تي پيداوار وڌائڻ ۽ فصلن جي ڪارڪردگي جي بُنياد تي ائڊجسٽمينٽ جي منصوبہ بندي (۳) فصلن جي گهُرج مطابق مُک واهن ۽ ماتحت واهن لاءِ پاڻي جي ورڇ جو تعين ڪرڻ واري موقعي مان فائدو حاصل ڪرڻ (۴) هر فارم يا آئوٽ ليٽ تي خرچ ڪيل يا بچيل پاڻي جي نگراني ڪئي ويندي.

سرگرمي نمبر ١,٢,٣: منصوبي جي ايراضي ۾ ائگروميٽرولاجيڪل سرشتي کي مضبوط ڪرڻ. اِي تي سرشتي جو استعمال ڪندي، موسم جي صورتحال بابت انگ اکر گڏ ڪرڻ ۽ خاص طور ٻوڏن ۽ ڏڪار جي خطري کان پيشگي آگاهي واري سرشتي کي وڌيڪ فعال ڪرڻ جي لاءِ منصوبي وسيلي موسمي حال احوال کان آگاهه رکڻ لاءِ قائم ڪيل ٻن اسٽيشنز کي وڌيڪ فعال ڪرڻ سميت ڇهه نوان ائگروميٽرولاجيڪل اسٽيشنز قائم ڪيون ويندیون ته جيئن منصوبي وارن ضلعن جي تازي صورتحال کان آگاهي حاصل ڪندي، مجموعي طور بيسن جي موسمي صورتحال تي نظر رکي سگهجي.ائگروميٽرولاجيڪل جي اُنهن اسٽيشنز کي ملڪ ۾ اڳواٽ موجود موسمي ۽ هائيڊروميٽ اسٽيشنز جي سرشتي، خاص طور پاڪستان ميٽرولاجيڪل ڊپارٽمينٽ (PMD) سان ڳنڍيو ويندو. مذڪوره اسٽيشنز وٽان حاصل ڪيل معلومات کي، تڪڙي آگاهي فراهم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪندڙ شموليت ڪندڙ ادارن جهڙوڪ: پي.ايم.ڊي ۽ آبپاشي جي صلاحڪاري خدمتن سان ورهايو ويندو. اُن کانسواءِ مذڪوره سرشتي کي خطرن کان پيشگي آگاهي ڏيندڙ عالمي اداري گلوبل انفارميشن جي.اي.اي.اوز سان پڻ ڳنڍيو ويندو ته جيئن زراعت جي ڊٽاءُ جي نظام (ائگريڪلچر اسٽريس سسٽم) جو استعمال به ڪري سگهجي.

٢٦. (٣.١): **ڄاڻ جي وسيلن جو استعمال ۽ اُنهن کي بهتر بنائڻ: (١ .٥٠ملين ڊالر، جنهن منجهان جي سي ايف ١.٤٦ ملين ڊالر مهيا ڪندو)**. هِن ذيلي جُز جو بُنيادي مقصد اهو هوندو ته وقت سر جائزاتي انگ اکر، اهڙن متاثرن جي مطالعي واسطي دستياب هوندا جيڪي حقيقي معنيٰ ۾ سنڌو درياهه تي موسمياتي تبديلي جي صورتحال کي مُنهن ڏئي رهيا هوندا ۽ اهڙا ماڻهو پنهنجي صلاحيتن جي بُنياد تي مذڪوره معلومات ۽ ٽولز کي ڪتب آڻيندي پنهنجي ڄاڻ کي وڌائيندا. موسمياتي تبديليِ جي باري ۾ ملڪ ۾ معلومات ته جهجهي تعداد ۾ موجود آهي البته مختلف ايجنسيز ۾ رابطي جي فقدان، ڄاڻ ۾ فرق سبب مونجهارو ٿئي ٿو. هن جُز جو مقصد آهي ته مُناسب وقت تي دُرست معلومات ۽ جائزاتي انگ اکر اهڙن ماڻهن جي لاءِ دستياب ڪجن، جيڪي وسيلا استعمال ڪرڻ ۽ استحڪام بابت فيصلاسازي جي عمل ۾ سلهاڙيل هجن ٿا، جن ۾ پاليسي ٺاهيندڙ، ائريگيشن اسڪيم مئنيجرس ۽ هاري وغيره شامل آهن.

سرگرمي نمبر ١.٣.١: پاڻي، زراعت ۽ موسمياتي تبديليءَ بابت معلومات جو جائزو وٺڻ، ان کي پکيڙڻ بابت قومي صلاحيت وڌائڻ: هن جو اهم اوزار اهو آهي ته ايف.اي.او پاڪستان ۾ موسمياتي تبديليءَ، زراعت ۽ پاڻي جي معاملن تي عبُور رکندڙ ماهرن جون خدمتون حاصل ڪندو، جنهن وسيلي هيٺ ڏسيل حدف حاصل ڪيا ويندا. (i) زراعت جي ڊٽاءُ جو نظام (ASIS) جيڪو زميني حالتن جو جائزاتي نظام جو متعارف ڪندي، ڏڪار جي خطري کان پهريان ئي آگاهه ڪري ٿو. (ii) ڪليڪٽ ارٿ ۽ ڪليڪٽ موبائيل: هيءَ اهڙي ٽيڪنالاجي آهي، جنهن جي استعمال سان ڏرتي تي رونما ٿيندڙ تبديلين جي نگراني ڪري سگهجي. (iii) زمين جو نقشو (ارٿ ميپ) (EM) ايف.اي او جو هڪ اوزار آهي، جيڪو گوگل اداري جي طرفان ٺاهيو ويو آهي ۽ اُن وسيلي ماضيءَ جي موسمي حالتن جو جائزو وٺي سگهجي ٿو. مواصلات جي جائزاتي معلومات کي، موجوده موسمي ۽ ماحولياتي پئراميٽرس کي گوگل زميني انجڻ سان ڳنڍڻ ۽ (iv) زراعت تي موسمياتي تبديلي جي اثرن کان بچاءُ جو نظام (MOSAICC) ۽ ايف اي او پاران تيار ڪيل اندروني نظم و ضبط جو نمونو، جيڪو سمورن واهپيدارن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي، جن ۾ علمِ موسميات (ڪلائميٽالاجي)، علمِ بحر (هائيڊرولاجي)، علمءِ زراعت (ائگرونامي)، ۽ علمءِ ٻيلات (فاريسٽري) وغيره شامل آهن، جيڪي موسمياتي تبديليءَ جي زراعت تي پوندڙ اثرن جو جائزو وٺڻ سميت فصلن جي اُپت، ندي جي پاڻي وسيلن، ٻيلن ۽ معيشت جو ڪاٽو ڪندا.

سرگرمي ١.٣,٢: ائگري ڪلائمٽ واٽر انفرميشن (ACWA) پورٽل جو قيام: منصوبي پاران انٽرنيٽ تي هڪ پورٽل ائگري-ڪلائميٽ واٽر انفارميشن (ACWA) جي نالي سان قائم ڪيو ويندو، جيڪو مٿئين ڏسيل ٽيڪناالاجي جي توسط سان استعمال ڪندڙ لاءِ آسان ڊيش بورڊ پاران تيار ڪيل انگ اکر ۽ نتيجن تائين رسائي حاصل ڪري سگهبي. پورٽل تي اُن کان سواءِ، جُز نمبر ١ تحت پاڻي جي احتساب، زير زمين پاڻي جي ذخيرن يا خطرناڪ آبي بخارات بابت جائزي، زير زمين پاڻي جي انتظام، اِي ٽي نگراني ۽ اِي ٽي انتظام بابت معلومات پڻ رکي ويندي. ساڳي جاءِ تي هارين ۽ رضاڪارن پاران گڏ ڪيل فني حوالي واري مواد، جيڪو جُز نمبر ٢ تحت تيار ڪيو ويو، ڄاڻ ۽ آگاهي واسطي تيار ڪيل مختلف تحريري مواد، جيڪو جُز نمبر ٣ تحت تيار ڪيو ويو، کي پڻ پورٽل تي رکيو ويندو. منصوبي تحت پاليسي ناهيندڙن، جاري سرگرمين ۾ حصو وٺندڙ سرڪاري عملي، آبپاشيءَ جي اسڪيم مئنيجرن، پاڻي جي واهپيدارن ۽ هارين جي صلاحيت کي وڌائڻ تي ڪم ڪندو ۽ اُن جو جائزو وٺندو رهندو.

سرگرمي نمبر ١.٣,٣: انفارميشن مئينجمينٽ ۽ اي سي ڊبليو اي پورٽل جو الحاق ۽ قيام: پورٽل جي اجراءَ جي حوالي سان، انتظام ۽ سهڪار واسطي ۽ معلومات گڏ ڪرڻ جي حوالي سان ڪم ڪندڙ مختلف شموليت ڪندڙ جي وچ ۾ رابطي جو هڪ سرشتو جوڙيو ويندو. جيڪو اڳتي هلي قومي ۽ صوبائي سطح تي شموليت ڪندڙ جي وچ ۾ الحاق جي صورت اختيار ڪيو ويندو. تربيتي سرگرميون ۽ ڄاڻ مهيا ڪندڙ واقعن ۽ سرگرمين کي پورٽل جي اوزارن وسيلي هٿي وٺرائي ويندي ۽ مواد جي متن کي اي.سي.ڊبليو.اي سان لاڳاپيل شموليت ڪندڙ ۽ سندن عملو تيار ڪندو.

٢٧. **جُز نمبر ٢: موسمياتي تبديليءَ سبب متاثر فارمن جي بحالي: ٤٥.٢٦ ملين ڊالر، جنهن منجهان جي.سي.ايف ١٦,٢٩ ملين ڊالر مهيا ڪندو)**. هن جُز جو مقصد موسمياتي تبديليءَ سبب متاثر فارمن جي بحالي آهي، جنهن جي هارين کي لاڳاپيل قابليت جديد زرعي ٽيڪناالاجي ۽ شراڪتدارن جي خدمتن سان ڳنڍيندي، زراعت تي ان جي هاڪاري اثرن جو بندوبست ڪيو ويندو. هن جُز کي جي سي ايف جي حاصلات اي ٧٠ سان ڳنڍيندي ائڊاپٽيشن جي حاصلات کي وڌائي، موسمياتي تبديليءَ جي خطرن کي گهٽايو ويندو. هن سان موسمياتي تبديليءَ جي متاثر هارين جي لاءِ اڳتي وڌڻ جو رستو کُلندو ۽ اهي موسمياتي تبديليءَ ، زراعت ۽ هلندڙ واٽر مئنجمينٽ جي تجربن مان سبق حاصل ڪندي هلندڙ سرگرمين ۽ ماضيءَ ۾ ايف اي او جي پاڪستان ۽ خطي ۾ ڪيل ڪوششن کان لاڀ حاصل ڪندا.

٢٨. هيءَ جُز سڌي ريت لاڳاپيل علائقي جيڪا پنجاب جي پنجن ضلعن ۽ سنڌ جي ٽن ضلعن تي مشتمل آهي، اُن تي مرڪوز رهندو. انهن ضلعن ۾ پنجاب جا خانيوال، لوڌران، ملتان، مظفر ڳڙهه ۽ ڊيرا غازي خان ۽ سنڌ جا بدين، سانگهڙ ۽ عمرڪوٽ ضلعا شامل آهن. اُن کي ٻنهي يعني روايتي ائپليڪشن مڪينزم ۽ جديد طريقن تحت استعمال ڪيو ويندو ته جيئن فارمن جي بحالي مستحڪم ٿئي، جيڪي روبرو جي تجرباتي خيالن، عملي مظاهري جي جاءِ، فيلڊ اسڪول ۽ فيلڊ جي ڏينهن ۾ جڏهن هاري هر هڪ شيءِ کي ڏسي ۽ ڇُهي سگهندا ۽ اندازو لڳائي سگهندا ته بحاليءَ جي سرگرمين لاءِ ڇا درڪار آهي. جيستائين پروجيڪٽ جي پليٽ فارم تان سخت متاثر هارين جي بحاليءَ جي لاءِ فيلڊ اسڪولن جي شروعات ٿئي، ان کان اڳ مختلف سرڪاري ۽ خانگي ادارن ۽ تنظيمن ۽ خانگي شعبي جي شراڪتدارن جيڪي پروجيڪٽ ايريا ۾ ڪم ڪندڙ هوندا، سان نتيجا خيز معاهدا ڪيا ويندا ته اُهي مذڪوره ايريا ۾ ايڪسٽينشنز جي عملدرآمدي سرگرمين واسطي پروجيڪٽ پاران تيار ڪيل نصاب استعمال ڪن. اهڙي خيال سان پروجيڪٽ کي اهو اختيار هوندو ته اُهو موجوده سرشتي جون مهارتون شراڪتدارن جو سامان کي استعمال ۾ آڻي

سگهندا. ان علاوه وڏي تعداد ۾ سڪيا جي مختلف ذيلي سرگرمين کي وڌائي سگهبو ۽ هارين کي روبرو جي سرگرمين ۾ مناسب مدد بہ ڪري سگهبي. هيءَ جُز هيٺ ڄاڻايل ذيلي جُزن تي مشتمل آهن.

۲۹. (۱.۲) موسميات جي بحاليءَ لاءِ مشقن کي بهتر ڪرڻ (۹,۲۴ ملين ڊالر، جنهن منجهان جي.سي.ايف ۸۳.۵ ملين ڊالر مهيا ڪندو). هن ذيلي جُز جو مقصد آهي تہ هن سان موسميات جي بحالي، زراعت (CRA)، آن فارم پاڻي جي نظام (واٽر مئنجمينٽ) (OFWM) جي مشقن بابت تازي ڄاڻ دستياب ڪجي تہ جيئن سنڌو درياءِ تي مصنوعات ۽ موسمي بحاليءَ جي عمل کي مستحڪم ڪري سگهجي. اهڙي معلومات کي ميڊيا جا ادارا، منصوبي جو عملو، شريڪ ٽيندڙ ادارن ۽ هاري وغيره کي ضرورت پوڻ تي استعمال ڪري سگهن. اهڙن مشقن / اڀياس جي نشاندهي سنڌو درياءِ تي فيلڊ ليول تي گڏ ڪيل نتيجن، اسڪريننگ ٽيسٽس، سرڪاري ۽ خانگي (ڊونر) ادارن جي توَسط سان ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ هيٺ ڄاڻايل نُڪتا شامل آهن. (i) چانوَر - ڪٽڪ جي پوکائيءَ جو سرشتو:- سڌوسنئون مليل ٻج صفر ڪوريج ،ڪٽڪ جي فصل سان متبادل ۽ خشڪ چانورن جي فصل سان ملائي ڪري. (ii) ڪپهہ - ڪٽڪ جي پوکائيءَ جو سرشتو- صفر ٻنيءَ سان ڳاڙهو رڻ (iii) ڪمند جي پوکائيءَ جو سرشتو (iv) تمام اهم فصلن جي گڏيل پوکائيءَ سان غيرآباد جو سرشتو ۽ (v) گهريلو سطح تي باغباني، سبزيون، ميوا پوکڻ ۽ جانور پالڻ. انهن کي پڻ ٻين مشقن سان تعلق ڏيکاريندي بحالي ۽ پاڻي جي استعمال جهڙوڪ گرمي، ڏُڪار، رواداريءَ جا قسم، ليزر جي سطح، مربوط آفت جي انتظام (انٽرگريٽيڊ پيسٽ مئنجمينٽ (IPM)) سميت بحاليءَ جي سرگرمين کي بهتر بڻائجي. مذڪوره تجربن جي وڌيڪ تفصيل جي پروجيڪٽ جي خاڪي ۾ نشاندهي ڪئي وئي آهي يا اُنهن کي اپينڊڪس نمبر۷ ۾ ڪلائميٽ جي بحالي ۽ زرعي تجربن جي فزيبلٽي اسٽڊي جي سيڪشن ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

<u>**سرگرمي نمبر ۲.۱,۱: تربيت واسطي مواد جي تياري ۽ اُن کي بهتر بنائڻ:**</u> منصوبي جي باقاعدي شروعات کان اڳ، سڀ کان اول منصوبي جي ضروري شروعاتي گهرجن جي پورائي واسطي، هن شعبي جي ماهرن، تحقيقي ادارن، يونيورسٽين سان مشاورت ڪئي ويندي تہ جيئن معقول تجربن ۽ مخصوص ائگروايڪو سسٽم واسطي ايڪسٽينشن سائيٽس قائم ڪرڻ وارين جڳهين جي مناسب نشاندهي ڪري سگهجي. زراعت ۽ آبپاشي جي صوبائي کاتن جي عملي جي سهڪار سان منصوبي جي تربيت جي غرض سان تربيتي مواد ۽ ڪريڪيوليم تيار ڪيو ويندو، جنهن کي جانچ ۽ چنڊچاڻ بعد حتمي صورت ڏني ويندي ۽ بعد ۾ منصوبي جي ڊيماسٽريشن واسطي قائم ڪيل جڳهين، جن کي بعد ۾ تربيت گاهہ طور به استعمال ڪيو ويندو ۽ جن منجهہ منصوبي جي عملي کي تربيت ڏني ويندي. اها خاطري ڪئي ويندي تہ تيار ڪيل مواد لاڳاپيل موضوع مطابق آهي ۽ اُن کانسواءِ زرعي شعبي جي عورتن ۽ اقليتن سان الڳ سان مشاورت ڪئي ويندي. ان حوالي سان ضرورت پوڻ تي عورتن ۽ اقليتن سان الڳ نشستن جو انعقاد به ڪيو ويندو. تيار ڪيل تربيتي مواد ۾ وڊيو به شامل هوندا، جِن جو تعارف هڪ منٽ تي مشتمل هوندو جڏهن تہ اُن جو مجموعي دورانيو ۷ کان ۱۰ منٽ هوندو. اهڙا وڊيوز منصوبي جي زرعي حڪمت عملي جو حصو سمجهيا ويندا. رابطي ڪاري ۽ تربيت جي غرض سان تيار ڪيل مواد ٿُڙ ۽ موضوع جي مناسبت واري متن تي ٻڌل هوندو، جنهن کي موبائيل ۽ ٽيليفون وسيلي منتقبل به ڪري سگهبو. اُن ۾ مثالي هينڊآئوٽ بہ هوندا تہ جيئن عملو ان کي ڊيماسٽريشن يا فيلڊ جي دوري دوران بہ آساني استعمال ڪري سگهي. مذڪوره مواد جو، عملدرآمديءَ سرگرمين دوران باقاعدگي سان جائزو بہ ورتو ويندو ۽ فيلڊ جي تجربن جي بُنياد تي انهن ضروري واڌارا ۽ سُڌارا بہ ڪيا ويندا. هن حوالي سان صوبائي ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جو، اُن ۾ نوان تجربا شامل ڪرڻ جي حوالي سان ڪردار تمام اهم هوندو.

سرگرمي نمبر ٢.١.٢ منصوبي جي مشاهدي گاهه جي تياري ۽ تحقيق: منصوبي تحت ڪُليل فارمن لاءِ مشاهدي گاهن ڪي خريد ڪيا ويندا، جن وسيلي مُڪيه ٽيڪناالاجي، سي آر اي ۽ او ايف ڊبليو ايم تي عوام جي لاءِ ظاهر ڪيوويندو. پهرين سال دوران لڳ پڳ ١٦ ڊيماسٽريشن پلاٽ تيار ڪيا ويندا، جن منجهان هر هڪ ضلعي لاءِ ٻه ٻه ۽ هڪ سي بي ايف ايس لاءِ ۽ ٻيا ڊبليو او ايس جي لاءِ مخصوص هوندا. مشاهدي گاهن جي مضبوطي ۽ حقيقت سان سندس ويجهڙائي ڪرڻ واسطي انهن کي حقيقي شڪل ۾ تيار ڪيو ويندو ۽ ساڳي صورت ۾رکيو ويندو. مشاهدي گاهن جي توسيع ملازمن جي تربيت جي لاءِ ٻہ استعمال ڪيو ويندو. پلاٽن جي تعداد کي هر سال وڌايو ويندو ۽ شراڪتدار هاري ۽ حصيدارن جي وڌ کان وڌ تعداد کي تربيت جي عمل ۾ شامل ڪيو ويندو. پلاٽن لاءِ جڳهه جي چونڊ اهڙي طرح ڪئي ويندي جيئن اُهي وڌ کان وڌ زرعي زون جي نمائندگي ڪري سگهن. هڪ يا هڪ کان وڌيڪ تحقيقي ادارن سان ڊيماسٽريشن پلاٽن واسطي معاهدا ڪيا ويندا ته جيئن تحقيقي مواد ۾ ضروري واڌارا ۽ سُڌارا ڪري سگهجن ۽ حتمي ترميمون آڻجن ته جيئن ائڊاپٽيو ريسرچ کي بهتر انداز ۾ اپياس جي لاءِ استعمال ڪري سگهجي.

سرگرمي نمبر ٢.١.٣: سي آر اي ۽ او ايف ڊبليو ايم معلومات واري ذخيري کي گڏ ڪرڻ: تربيتي مواد ۽ معلومات، جنهن کي موافقت رکندڙ تحقيق جي وسيلي گڏ ڪيو ويندو، ان کي اي ايس ڊبليو اي پورٽل تي رکيو ويندو. ان کانسواءِ حڪومت پاڪستان پاران هلندڙ پاڪستان زرعي مواصلاتي نظام (پاڪستان ائگريڪلچر انفارميشن سسٽم) (PAIS) وٽان ٻہ معلومات گڏ ڪئي ويندي. منصوبي جي توسط سان پي آءِ اي ايس جي متن ۽ سرگرمي نمبر ٢.١,١ ۽ سرگرمي نمبر ٢.١.٢ جي نتيجن ۾ ضروري ترميمون ڪيون ويندیون ۽ پاڪستان ڪلائميٽ ائگريڪلچر انفارميشن سسٽم (PCAIS) کي اپ ٽو ڊيٽ ڪيو ويندو، جيڪو اي سي ڊبليو اي جي يونٽ طور مخصوص هوندو.

٣٠. (٢,٢) **سي آر اي ۽ او ايف ڊبليو ايم تي ٽريننگ: (٣٦.٠ ملين ڊالر، جنهن منجهان ڄي سي ايف ١١.٠ ملين ڊالر فنڊز مهيا ڪندو)**. هِن جزوي جُز جو مقصد اُنهن پروفيشنلز جي قابليت وڌائڻ آهي، جيڪي منصوبي جي علائقي ۾ ڪم ڪندا هوندا ته جيئن اُهي سي آر اي ۽ او ايف ڊبليو ايم جي سرگرمين کي هٿي وٺرائي سگهن. هِن حوالي سان منصوبي وٽ بنيادي ٽيم جا ٤٨ مجموعي وقتي سهولتڪار موجود هوندا، جنهن منجهان هر ضلعي ۾ ٦ سهولتڪار مقرر ڪيا ويندا. اُهي سهولتڪار ٽرينرز جي سڪيا جي انعقاد کي يقيني بڻائيندا ته جيئن اهُو ١٦٠٠ جي لڳ پڳ (هر هڪ ضلعي لاءِ ٢٠٠) توسيع ملازمن جي قابليت کي وڌائي سگهن. (هِن حوالي سان وڌيڪ تفصيلن لاءِ فزيبلٽي رپورٽ جو ٽيبل نمبر ١٢ ملاحظي ڪيو). اُنهن کي سي آر اي ۽ او ايف ڊبليو ايم ۽ تربيت جي بُنيادي ترڪيبن بابت ٽريندڙ ڪيو ويندو، جنهن جي نتيجي ۾ اُهي اضافي قابليت حاصل ڪري وٺندا ۽ اُن جو، سِڌي ريت منصوبي جي حد ۾ ايندڙ ١٠٢٠٠٠ هارين کي منصوبي جي مُدت دوران فائدو حاصل ٿيندو.

سرگرمي نمبر ٢,٢.١: عملي جي سڪيا / تربيت: بنيادي سهولت ڪارن جي ٽيم هر هڪ ضلعي ۾مشتمل هوندي (i) ٻہ ڪلائميٽ بزنس فيلڊ اسڪول (CBFS) سهولتڪار (ii) ٻه وومين اوپن اسڪول (WOC) سهولتڪار ۽ (iii) ٻه سهولتڪار پاٽنرشپ قائم ڪندي. جن جي وسيلي لاڳاپيل مضمونن بابت تربيت ڏني ويندي. اُنهن کي پهرين سال ئي قائم ڪيو ويندو ۽ شروعات ۾ هڪ سال جي لاءِ منصوبي جي مرڪزي حدن بابت آگاهي ڏني ويندي. تربيت وسيلي چونڊيل پنج فني مواد جهڙوڪ: سهولتڪاري جي قابليت، هارين جي تربيتي تعليمي نصاب، سي آر اي، او ايف ڊبليو ايم، بزنس ايف ايف ايس، آءِ سي ٽي جو استعمال، چڪاس جي طريقيڪار وغيره بابت ڄاڻ ڏني

ويندي. عملي جي تربيت جي لاءِ تربيت جي مجيل مواد ۽ سي آر اي ۽ او ايف ڊبليو ايم جي سفارش ڪيل ٽيڪنالاجي استعمال ڪئي ويندي.

سرگرمي نمبر ٢,٢,٢ سي آر اي ۽او ايف ڊبليو ايم تي ٽريننرس جي تربيت: منصوبي جا ڪُل وقتي سهولتڪار ايڪسٽينشنز آفيسرز، عملي يا ملازمن لاءِ جيڪي ٽي.او.ٽي جو انعقاد ڪندا. ساڳئي طرح شراڪتدار تنظيمون، جيڪي سي.آر.اي ۽ او.ايف.ڊبليو.ايم جي تجربن کي پاڻمرادو استعمال ڪرڻ ۾ دلچسپي رکنديون هُجن، انهن کي به اهڙين سرگرمين ۾ شامل رکيو ويندو. اهڙين تنظيمن (ادارن) ۾ (i) سرڪاري توسيع جا شعبا يا ڪاتا (ii) رُورل سپورٽ پروگرام (RSP) (iii) غير سرڪاري تنظميون (NGOs) (iv) هلندڙ منصوبا (v) يونيورسٽيون (vi) تحقيقي ادارا ۽ خانگي شعبي جون ڪمپنيون اِن پُٽ ۽ آئوٽ پُٽ مارڪيٽنگس وغيره شامل آهن. هيءَ سرگرمي منصوبي جي ٻئي سال کان شروع ڪئي ويندي، جڏهن جو منصوبي جا ۴۸ توسيع ٽيل ڪارڪُن، ٽي.او.ٽي جي سهولتڪار طور خدمتون سرانجام ڏيڻ شروع ڪندا. پروجيڪٽ وسيلي سهڪاري تنظيمن جي ايڪسٽينشنز عملي ڪي، هن پروگرام جي عملدرآمدي دورانيه دوران تربيت مهيا ڪئي ويندي، جنهن جي لاءِ باقاعدي هڪ معاهدو ڪيو ويندو، جنهن وسيلي منصوبي کي اهو اختيار حاصل ٿيندو ته اهو پنهنجي مقرر علائقي ۾ معياري وسيلا ۽ تربيت ڪار عملي کي سيڙاهي ۽ پيشڪارن تائين پنهنجي قائم ڪيل سرشتي وسيلي رسائي حاصل ڪري. اُهي هن تربيت وسيلي، جيڪا هڪ معاهدي وسيلي هن منصوبي تحت ڏني ويندي، قدرتي ماحول جي تحفظ واري عمل ۾ به حصو وٺندا ۽ منصوبي جي علائقي ۾ ڪم ڪندي حاصل ڪيل ڄاڻ تي عمل به رهندا. مثال طور: پنجاب ۽ سنڌ حڪومت جو اهڙو عملو ۽ ايڪسٽينشنز آفيسر جيڪي صوبائي سطح تي زرعي معيشت کي هٿي وٺرائڻ يا پنجاب ۾ ائگريڪلچر ائنڊ رورل ٽرانسفارميشن (SMART)۽ سنڌ واٽر سيڪٽر امپرومينٽ پروجيڪٽ (SWSIP) (جن کي ورلڊ بئنڪ ۽ ڊبليو ڊبليو ايف (خاص طور ڪپهه لاءِ) امداد ڪندي آهي) جو عملو ۽ آفيسر شامل هوندا.

٣١. **هارين جي زرعي تجربن کي، سي آر اي ۽ او ايف ڊبليو ايم ڏانهن منتقل ڪرڻ جي لاءِ سندن صلاحيت وڌائڻ (١٦,٨٥ ملين ڊالر، جنهن منجهان جي سي ايف ٣٤.١٠ ملين امداد مهيا ڪندو)**: هِن جُزوي جُز جو بُنيادي مقصد اهو آهي ته هاري سي آر اي ۽ او ايف ڊبليو ايم جي تجربن سان روشناس ٿيندي، پنهنجي زرعي معيشت کي مستحڪم ڪن. منصوبي وسيلي هارين جي ڪاپي ڪرڻ ۽ اختياري صلاحيت کي (i) سي بي ايف ايس (ii) ڊبليو او ايس (iii) شراڪتدار ادارن جي وسيلي هارين جي تربيت (پي.او.ايس) جي وسيلي وڌائڻ آهي. هنن سرگرمين وسيلي سڌي ريت لڳ ڀڳ ١٠١٦٠٠ هاري فائدو حاصل ڪندا. اُن کان علاوه فيلڊ سرگرمين ۽ وقتي دورن دوران به لڳ ڀڳ ١٥٠٠٠٠ هارين کي، هنن تجربن بابت آگاهه ڪيو ويندو. هنن ٽن قسم جي صلاحيت وڌائڻ وارين سرگرمين مان، لڳ ڀڳ ٢٥٠٠٠٠ هاري، جن مان ۴٨٠٠٠ عورتون فائدو حاصل ڪنديون. تربيت يافته هارين کي سهڪاري سرشتي هيٺ زرعي مشاورت جي تجربن واري عمل ۾ شامل ڪيو ويندو۽ موبائيل فون نيٽ ورڪ وسيلي کين تڪڙن خطرن کان ٿُرت آگاهه رکيو ويندو. آءِ سي ٽي جي استعمال کي يڪسان لاڳو رکيو ويندو ته جيئن هارين جي زميني حقيقت کي جانچڻ واري صلاحيت کي تقويت پُجي ۽ هُو مطالعي مان نتيجا ڪڍي، اُنهن تي عمل ڪري سگهن.

سرگرمي نمبر ٢,٣,١: ڪلائميٽ ائنڊ بزنس فيلڊ اسڪول: ايف ايف ايس ائپروچ کي استعمال ڪندي، بالغن جي سکيا واري طريقيڪار تحت سي بي ايف ايس قائم ڪيو ويندو جتي شرڪت ڪندڙ موسمي صورتحال، زمين جي مٿانهين تهه جي ڪردار، پلانٽ ڊولپمينٽ، خرچن ۽ پيداواري صلاحيت بابت ڪاٿو لڳائي سگهندا. پروجيڪٽ، تجويز ڪيل تجربن جي بنياد تي، مالياتي فائدن جي تشهيرلاءِ پڻ فارم مئنجمينٽ ۽ مارڪيٽنگ

جي قابليت پيدا ڪرڻ لاءِ عددي ۽ مالياتي مواد کي ايف اي او ميٽاڊالاجي کي اپنائيندي، هارين جي هلندڙ بزنس اسڪول پروجيڪٽ وسيلي هٿي وٺرائيندو. اُنهن جي ڪاروباري ترقيءَ جي صلاحيت جي حصي طور هن پروجيڪٽ ۾ شرڪت ڪندڙن کي، جن کي نجي شعبي ۾ گهڙڻ جا مُناسب موقعا نه هُئا، کي نجي شعبي ۾ متعارف ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪندو، جتي ايف اي او ۽ ٻيا خانگي سيڙپڪار پڻ موجود هوندا. زرعي بج جي خدمتن کي اپنائڻ جي لاءِ نئون تجرباتي فيلڊ اسڪول ضروري مدد ۽ مصنوعات جون خدمتون جهڙوڪ سڌي ريت بج جو استعمال وغيره جي سروس مهيا ڪندو. شروعاتي طور سي بي ايف ايس کي پروجيڪٽ جو عملو اختيار ڪندو پر ٽئين سال کان پروجيڪٽ عملي جي نگرانيءَ هيٺ سي بي ايف کي وڌ کان وڌ فارمرن تي ڪم ڪندڙ سهولتڪار هلائيندا. لڳ ڀڳ ١٥٦٠٠ هارين کي هن اسڪول وسيلي تربيت ڏني ويندي.

سرگرمي نمبر ٢,٣,٢: عورتن جا اسڪول: هتي جا ثقافتي قدُر اهڙي اجازت نه ٿا ڏين ته عورتن ۽ مردن لاءِ گڏيل تربيت جو اهتمام ڪجي. تنهنڪري ٻهراڙي جي عورتن جي تربيت جي غرض ۽ خاندانن جي سربراهن جي باهمي سهڪار سان ابتدائي طور عورتن جا اوپن اسڪول ڪاميابيءَ سان پائليٽ ڪيا ويا آهن. پاڪستان ۾ آر ايس پيز ۽ اين جي اوز کي عورتن سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو خاصو تجربو آهي تنهنڪري اُنهن جي عملي، سازسامان ۽ سرشتي مان فائدو حاصل ڪندي، شرڪت ڪار عورتن سميت خاندان جي سربراهن جي تربيت جو، اوپن اسڪولن وسيلي بندوبست ڪيو ويندو. اهڙي خيال جي پيش نظر لڳ ڀڳ ٤٠٠٠٠ عورتن کي زرعي شعبي ۽ ائڊاپٽيشن جي عمل ۾ ڀڙ ڪندي، سندن آمدني کي وڌائڻ تي ڌيان مرڪوز رکڻ ۽ جانورن، سائي ڀاڄين جي پيداوار، ميون وسيلي سندن خاندان جي صحت برقرار رکڻ بابت به آگاهه ڪيو ويندو. اهڙي طرح هر هڪ خاندان جي هڪ فرد کي، في ڊبليو او ايس جي بُنياد تي ابتدائي مدد واسطي ننڍي پئماني تي پالتو جانور جهڙوڪ ڪڪڙيون، ٻڪريون ۽ اُنهن جو چارو مهيا ڪيو ويندو. اُن کان علاوه جُز نمبر ٣ تحت هِن حوالي سان خاندانن ۾ ڄاڻ پڪيڙڻ جو پڻ بندوبست ڪيو ويندو ۽ وڏيڪ ٢٤٠٠٠ عورتون اُن مان فائدو حاصل ڪنديون.

سرگرمي نمبر: ٢,٣,٣: پارٽنر ڊيماسٽريشن پلاٽس بابت هارين جي تربيت: هِن سرگرمي کي شراڪتي توسيع جا ڪارڪُن سرانجام ڏيندا، جن کي منصوبي جي سهولتڪارن اڳواٽ ئي تربيت ڏني هوندي. هن سرگرميءَ هر هڪ جهڙوڪ اين جي اوز، آرايس پيزز، خانگي شعبي لاءِ تشهير ڪندڙ تنظميون، يونيورسٽيون، تحقيقي ادارا، هاري تنظيمون وغيره حصو وٺي سگهن ٿيون، جيڪي منصوبي سان گڏجي ڪم ڪرڻ جا خواهشمند هُجن. شراڪتدارن کي سي آر اي ۽ او ايف ڊبليو ايم، ڊيماسٽريشن، مقرر تخميني ۽ فيلڊ ڏهاڙن جي خرچن بابت تربيت ڏني ويندي. ساڳئي ريت شراڪتدار وري اهڙي تربيت جو، روزانه يا هفتيوار بُنيادن تي پنهنجي پلانٽس تي انعقاد ڪندا. اُنهن سرگرمين جي شروعات کان اڳ منصوبي جي شراڪتدارن سان تربيت لاءِ نصاب جي استعمال، حدفن، آسان تربيت ۽ رپورٽنگ جي طريقيڪار بابت باقاعدي معاهدو ڪيو ويندو. شراڪتدار ادارن جي اهڙين سرگرمين کي، سهولتڪارن وسيلي نگراني ڪئي ويندي، جيڪي پڻ اڻ سڌي ريت اهڙي عمل ۾ مدد ڪندا رهندا. هن وسيلي اُميد آهي ته لڳ ڀڳ ٦٢٠٠٠ ماڻهن کي تربيت ڏني ويندي.

سرگرمي نمبر ٤.٣.٢: فيلڊ اسڪول، فيلڊ جا ڏينهن ۽ ڊيماسٽريشن پلاٽس: ايڪسٽينشنز ائڪٽوٽيز (واڌو سرگرمين) بابت معلومات، ذيلي جُز ٣.١ جي حصي اِي ائگريڪلچر اسٽريٽجي تحت موبائيل فون ۽ ميڊيا تشهير وسيلي ڦهلائي ويندي. مٿي ڏسيل رستن وسيلي منصوبي جي حدن کان ٻاهر يا تربيت جي سلسلي کان رهجي ويل هارين تائين ڄاڻ پڪيڙي ويندي ۽ ڪين دعوت ڏني ويندي تہ اُهي سي بي ايف ايس ۽ ڊبليو او ايس يا ڊيماسٽريشن پلانٽس، جيڪي فصلن جي اُپت واري سرشتي سان لڳاپيل آهن، انهن جو معائنو ڪن. هڪ اندازو آهي تہ وڏيڪ ١٥٠٠٠٠ هارين تائين هِن وسيلي رسائي حاصل ڪئي ويندي.

۳۲. **جُز نمبر ۳: تبديلي جي لڳاتار عمل لاءِ موافق ماحول جوڙڻ (۶.۱۳ ملين ڊالر، جنهن منجهان جي سي ايف ۵,۵۸ ملين ڊالر مهيا ڪندو)**: هُن جُز جو مقصد سنڌو درياهه تي هارين وسيلي، زراعت ۽ موسمي حالتن جي بحاليءَ جي لاءِ وسيع ماحول پيدا ڪرڻ آهي. هِن جي جُز کي جي سي ايف جي حاصلات اي ۸.۰ "موسمياتي خطرن بابت مستحڪم ڄاڻ ۽ خطرا گهٽائڻ"۽ حاصلات "ڪلائميٽ سسٽم جي ذميوار ريگيوليٽريز ۽ ادارن جي حڪمت عملي ۽ ترقي کي مستحڪم ڪرڻ"سان ڳنڍيو ويندو. پيشڪارن لاءِ موسمياتي تبديلي کي اختيار ڪرڻ لاءِ وسيع ماحول جوڙڻ واسطي هاري برادرين، پاليسي ناهيندڙن ۽ خانگي شعبي ۾ ڄاڻ ڦهلائي ويندي. اهڙو عمل اويڊنس بيسڊ پاليسي ناهڻ لاءِ مدد فراهم ڪندو ۽ سرڪاري ۽ خانگي شعبي جي خدمتون آڇيندڙن جي پڻ مدد ڪندو ته اُهي هارين جي لاءِ وڌيڪ خدمتون مهيا ڪن. اِهو ٽن ذيلي جُزن تي مشتمل هوندو.

۳۳. **(۱.۳) معلومات کي بهتر بنائڻ ۽ آگاهي مهم (۵۶.۳ ملين ڊالر، جنهن منجهان جي سي ايف ۳,۲۲ مهيا ڪندو)**: منصوبي وسيلي سنڌو درياءِ تي موسمياتي تبديليءَ جي اثرن ۽ اُن حوالي سان هارين جي لاءِ ممڪن مختلف آپشنز بابت آگاهي مهم هلائي ويندي. اهڙي مهم کي، انٽيگريٽيڊ ائگريڪلچر ائپروچز جي بُنياد تي تيار ڪيو ويندو ۽ اُها مختلف رابطائي سرشتن وسيلي مُلڪي، صوبائي ۽ ضلعي سطح تي هلائي ويندي. هن ذيلي جُز تحت پيغام کي جُز نمبر ۲ جي هارين ۽ پروجيڪٽ جي پهچ يعني سنڌو درياهه جي دلچسپي رکندڙ سمورن پيشڪارن تائين پُڄايو ويندو. هيءُ جُز سِڌي ريت، حاصلات اي ۸.۰ "موسمياتي تبديليءَ جي خطرن بابت مستحڪم ڄاڻ فراهم ڪرڻ ۽ خطرا گهٽائڻ" لاءِ ڪم ڪندو.

۳۴. آگاهيءَ جي مهم کي وڌيڪ اثرائتو بنائڻ خاطر، موبائيل نيٽ ورڪ ڪمپنين سان معاهدو ڪيو ويندو ته جيئن مقرر ضلعن ۾ عوامي دلچسپيءَ جي خاص موضونن جي نشاندهي ٿي سگهي ۽ اُنهن کي وري ريڊيو پروگرام سان ملائڻ جو بندوبست ڪجي. مثال طور منصوبي پاران مقرر علائقن ۾ موبائيل وسيلي پيغام/ صوتي پيغام موڪليا ويندا ته پروجيڪٽ ريڊيو پروگرام جو اعلان ڪيو. ريڊيو پروگرامن وسيلي مستحڪم ڄاڻ پُڄائي ويندي ۽ اُن کي سڌي ريت نشر ڪيو ويندو ته جيئن هاري فون ڪالز وسيلي سڌي ريت پروجيڪٽ جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهن. اهڙا هاري، جيڪي ٽيليفون نمبرن جي موٽ ڏيندا تن کي پروجيڪٽ ڊيماسٽريشن پلاٽس ۽ تربيت جي روبرو نشتن ۾ مدعو ڪيو ويندو.

<u>**سرگرمي نمبر ۳.۱.۱ ملٽي ميڊيا انفارميشن ۽ آگاهي وڌائڻ جي مهم**</u>: هن سرگرمي کي ملٽي ميڊيا جي توسط سان شروع ڪيو ويندو. اهو مختلف ٽيمز، قسطن، ڪلائميٽ سمارٽ جي مختصر ۽ صلاحڪاري وڊيو، ريڊيو، پرنٽ، مختصر پيغام ۽ تجربن جي مُڪ ٽيمز تي مشتمل هوندو، جن کي ايس ايم ايس ۽ صوتي پيغام وسيلي ڄاڻ ڦهلائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو. هم آهنگيءَ جي سوچ تي مشتمل ريڊيو ۽ موبائيل فون آگاهي مهم انٽرايڪٽو ۽ حوصلاافزائيءَ جي سوالن سان ملي ويندو، جن کي موبائيل فون وسيلي پڪيڙيو ويندو ۽ اهم پهلوئن کي مضبوط بنائڻ جي لاءِ گانا ۽ جنگلز استعمال ڪيا ويندا. بعد ۾ منصوبي جي وڊيوز ۽ پوڊڪاسٽ جُز نمبر ۲ جي ڊيماسٽريشن پلاٽس تي استعمال ڪيا ويندا، جن کي ريڊيو مهم ۽ توسيع عملو جُز نمبر ۲ جي روبرو جي سرگرمين دوران استعمال ڪندا. صوبائي مهم کي مقامي ٻوليءَ ۾ ريڊيو وسيلي هلايو ويندو، جيڪو هارين تائين تڪڙي معلومات پُڄائڻ جو واحد وسيلو آهي. هن مهم ۾ ٻهراڙيءَ جي آباديءَ کي خاص طور ڌيان ۾ رکيو ويندو. هارين تائين اهڙو پيغام نهايت احتياط سان رسايو ويندو. مثال طور اُن دوران مقامي يونٽ کي ڊال طور استعمال ڪيو ويندو.

شروعاتي طور هن مهم کي، خاص طور پنجاب ۽ سنڌ ۾ ميسر معلومات جي بُنياد تي زراعت تي موسمياتي تبديليءَ جي ممڪنه اثرن جي پيش نظر هلايو ويندو تنهنڪري ابتدائي طور هلايل اها مهم پنهنجي فطرت ۾ عام هوندي. پروجيڪٽ جي مدت دوران وڌيڪ نئين ڄاڻ جُز نمبر ١ هڪ جُز نمبر ٢ جي توسط سان حاصل ڪئي ويندي تنهنڪري مهم کي موبائيل تي فروغ ڏيڻ بجاءِ موجوده خدمتن سان سهڪار ڪيو ويندوءِ ڪين چيو ويندو ته پنهنجي خدمتن کي وڌيڪ معياري بڻائين يا اُن ۾ موسميات جي بحاليءَ وارو پيغام شامل ڪن. موبائيل فون ڪمپنين سان اُن بابت ڪم ڪيو ويندو ته ڪهڙي طرح اها نشاندهي ڪجي ته ريڊيو جي ٻڌندڙ کي، فون استعمال ڪندڙ سان ڪهڙي طرح سلهاڙجي ڇاڪاڻ ته اهو سندن لاءِ وڌيڪ ڪارآمد رهندو ۽ ڪين جُز نمبر ٢ تحت پروجيڪٽ ڊيماسٽريشن پلانٽس سلهاڙيندو.

اهڙي مهم وسيلي منصوبي جون سرگرميون، ساڻ ايس ايم ايس ۽ صوتي پيغامن جي، مقرر علائقن ۾ ريڊيو پروگرام جو اعلان ڪنديون. ريڊيو پروگرام، جيڪي مستحڪم ڄاڻ پُڄائڻ جو وسيلو آهن، ٻڌندڙن جي لاءِ فون نمبر جو اعلان ڪندا ته هُو اُن تي فون ڪال ڪري منصوبي جي باري ۾ سڌي ريت ڄاڻ حاصل ڪن. مقرر موبائيل فون مهم دوران موبائيل پيغام ۽ صوتي پيغام وسيلي هارين کي دعوت ڏني ويندي ته اُهي ڪنهن به ڪم جي ڏينهن دوران پروجيڪٽ ڊيماسٽريشن پلانٽس جو معائنو ڪن ۽ روبرو جي نشستن ۾ حصو وٺن. هارين کي هِن حوالي سان موبائيل پيغام، صوتي پيغام، ريڊيو پروگرام ۽ سوشل ميڊيا يا موبائيل فون ايپس جي استعمال لاءِ پڻ اُتساهيو ويندو.

فون جي بُنياد واري ڄاڻ ۽ مُشاورتي خدمتن جي عدم دستيابي جي صورت ۾ موسمياتي تبديليءَ جي حوالي سان ائڪشن ايبل انفارميشن يوزر بيسڊ ڊسپلي ۽ فارميٽ وسيلي مهيا ڪيو ويندو، جيڪو جُز نمبر ١ جي اي سي ڊبليو اي پورٽل، جُز نمبر ٢ جي موسميات جي بحالي وارن زرعي تجربن ۽ جُز نمبر ٣ جي ذيلي جُز ٣,٣ تحت شراڪتدارن پاران تيار ڪيل سرگرميون ۽ خدمتون جهڙوڪ: ائگرو ميٽ ائنڊ فليس کي اپ گريڊ، جُز نمبر ١١ جي اِي ٽي مانيٽرنگ کي استعمال ڪرڻ،خطرن کان تڪڙي آگاهي جي موجود حقيقت ۽ هڪجهڙائي کي هارين جي خدمتن کي تقويت پُڄائڻ ۽ ڄاڻ جو متن پڻ اُن ۾ شامل هوندو ته جيئن منصوبي جي سرگرمين کي اپ ڊيٽ ڪري سگهجي. گڏوگڏ هارين کي مدعو ڪيو ويندو ته اُهي پنهنجي علائقي ۾ قائم ڊيماسٽريشن پلاٽ جو دورو ڪن. وڌيڪ اهو ته فون بيسڊ آن ڊيمانڊ ائڊوائيزري سروس جي ڪارڪنن کي، موسميات جي بحالي تي تربيت پڻ ڏني ويندي ته جيئن اُهي هارين جي فني مهارتن کي وڌائي سگهن. ساڳي ريت مقامي نوجوان تيار ڪيو ويندو ته اُهي هارين کان وقت بوقت معلومات گڏ ڪندا رهن ۽ اُن کي موبائيل يا آءِ سي ٽي وسيلي پروجيڪٽ سان وندين. سي اي آءِ بي سان سرشتو جوڙيندي پلانٽ وائيز ڄاڻ جي بئنڪ ۽ پلانٽ ڊاڪٽر پڻ قائم ڪيا ويندا.

٣٥. (٣,٢) وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن پاران عملدرآمدي پاليسي جي مدد ڪرڻ: (١.٥٧ ملين ڊالر، جنهن منجهان جي سي ايف ١.٤١ ملين ڊالر مهيا ڪندو): هن ذيلي جُز جي مدد سان، پاليسي ناهيندڙن کي مدد ملندي ته اُهي منصوبي جي نتيجن ۽ ڊيٽا کي ائگري ڪلائميٽ واٽر (ACWA) پورٽل لاءِ استعمال ڪندي، سنڌو درياءِ جي زرعي شعبي ۾ فيصلاسازيءَ جي لاءِ استعمال ڪن ته جيئن موسميات جي وڌيڪ بحالي ممڪن ٿئي. اُن کان علاوه هيءَ ذيلي جُز ادارن جي هيٺين ضرورتن کي مستحڪم ڪرڻ ۾ پڻ معاونت ڪندي. اُنهن ۾ **(الف)** منصوبي وارن علائقن کان ٻاهر **(ب)** لاڳاپيل پاليسين جي مرڪزي ڌارا ۾ آبهوا جي تبديليءَ ۾ لچڪ ۽ **(ت)** ڊگهي عرصي جي لاءِ منصوبي جي فائدن کي بحال رکڻ، شامل آهن. هيءُ ذيلي جُز، جي سي ايف جي حاصلا اي ٥,٠ جي " سرڪاري ادارن ۽ ريگيوليٽري سرشتي

کي مضبوط ڪرڻ“ ۽ اي ٦.٠ ” فيصلاسازيءَ جي عمل ۾ موسميات جي تبديليءَ واري ڄاڻ کي شامل ڪرڻ“ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو.

سرگرمي نمبر ٣,٢,١: پُختي پاليسي سازيءَ واسطي ڄاڻ جي مٽاسٽا لاءِ ادارن ۾ سهڪار وڌائڻ: هن منصوبي جي توسط سان، سنڌو درياهه تي زراعت ۽ پاڻي جي حوالي سان ڪم ڪندڙ لاڳاپيل سرڪاري ڪاتن ۾ سهڪار ۾ واڌارو آندو ويندو. هيءَ صوبائي حڪومت کي هن ڏس ۾ مدد فراهم ڪندو ته موسميات ۾ تبديليءَ جي حوالي سان ڪم ڪندڙ مختلف ڪاتن ۽ ونگس وچ ۾ وسيع سهڪار لاءِ ڪو طريقيڪار جوڙي. خاص طور صوبائي حڪومت جي زراعت ۽ آبپاشي جي ڪاتن وچ ۾ باهمي سهڪار وڌائڻ جي لاءِ خصوصي طور سهڪار ڪيو ويندو ته جيئن اُهي گهٽ ۾ گهٽ گڏيل ذميدارين جهڙوڪ: ڪم جي منصوبابندي ۽ هم آهنگيءَ جوطريقيڪار وغيره ۾ هڪبئي سان سهڪار ۽ مُشاورت ڪن.
منصوبي وسيلي گراس روٽ تي ڪم ڪندڙ تنظيمن ۽ سرڪاري ادارن وچ ۾ رابطو جوڙيو ويندو ته جيئن اُهي زرعي شعبي ۾ اقليتن ۽ صنفي فرق جي معاملن تي عملدرآمدي پاليسين جا فائدا ۽ ڄاڻ هڪبئي سان وندين ۽ هڪبئي جي ضرورتن جي وقت سر موٽ ڏين.

منصوبي جي توسط سان موسمي تبديليءَ واسطي پُختي پاليسي سازيءَ جي مدد ڪئي ويندي ۽ پاليسي سازن، جُز نمبر ١ تحت تيار ڪيل ائگري ڪلائميٽ واٽر انفارميشن پورٽل جي استعمال جي حوصلاافزائي ڪئي ويندي. منصوبي ۾ آبهوا جي تبديلي جي تناظر ۾ گڏ ڪيل جائزاتي انگ اکرن جهڙوڪ: ٻوڏ جي خطري سبب برفاني ڇپن ۾ اضافي وارو خطرو گهٽ ڪرڻ وارين سرگرمين کي پڻ شامل ڪيو ويندو. علم جي حصول جي تناظر ۾، هن منصوبي کي پاڻي جي اخراجات واري نظام ۽ حقيقي صورت ۾ استعمال ٿيندڙ پاڻي جي ضرورت جي باري ۾ گفتگو جي سهوليت ملندي. سبسڊي ۽ قيمتن جي جائزي وٺڻ واري پروگرام وسيلي به پتو لڳندو ته موسميات جي تبديلين واري عمل ۾ فصلن جي پوکائي جي حوصلاافزائي ڪري سگهجي ٿي يا نه.

سرگرمي نمبر ٣,٢,٢ : سمورن پاليسي ساز علائقن ۾ ماحولياتي پاليسي کي مرڪزي بنائڻ: هيءُ منصوبو مختلف وزارتن، جيڪي ماحولياتي خطرن کي گهٽائڻ واسطي مختلف نموني خدمتون خرچ ڪري رهيا آهن ۽ پاليسي جوڙيندي سماجي ضرورتن ۽ حڪومتي ترجيحن جو خيال رکن ٿا، تن جي مدد ڪندو. منصوبي جي سرگرمين ۾ هيٺ ڄاڻايل سرگرميون شامل هونديون: (i) موجوده قانون ۽ پاليسين جو جائزو وٺندي نئين پاليسي ۽ جائزاتي اوزار تيار ڪرڻ (فقط زراعت ۽ پاڻي بابت نه پر فوڊ سيڪيورٽي، ماحوليات ۽ واپار وغيره) ۽ صلاحيتن جي ٺوس انداز ۾ نشاندهي ڪندي اندازو لڳائڻ ته ماحوليات ۾ ڪٿي واضع نموني تبديلي آئي آهي. (ii) ماحوليات جي جائزي لاءِ ساليانو پاليسي فورم جوڙڻ ۽ خدمتن جو، محتاط انداز ۾ سڌي ريت موجوده بجيٽ جي اصلاحات جي سلسلي مان پورائو ڪيو وڃي. (iii) پنهنجي وسيلن جي صلاحيت وڌائڻ خاطر ٻين ترقياتي شراڪتدار ادارن سان واسطو ڳنڍڻ ته ڪهڙي طرح ماحوليات جي بحالي ۽ زراعت ۽ پاڻي جي پاليسين تي دُرست نموني عملدرآمد اهڙي طرح ڪئي وڃي جهڙي طرح ورلڊ بئنڪ ۽ ٻيا ڪن ٿا.

٣٦. (٣,٣) هارين کي ماحولياتي طريقن کي اپنائڻ جي قابل بنائڻ وارين خدمتن کي هٿي وٺرائڻ: (١.٠٠ ملين ڊالر، جنهن منجهان جي سي ايف ٩٥.٠ ملين ڊالر):

مقرر ضلعن اندر ماحولياتي تبديليءَ ۾ اضافي جي عمل کي محسوس ڪرڻ جي لاءِ زرعي شعبي ۾ هارين جي خدمتن کي وڌائڻ جي سهوليت فراهم ڪئي ويندي ته جيئن اُهي ماحوليات تبديلين جي پيش نظر هلندڙ فارمن ۾ فصلن جي اُپت ۾ پاڻمُرادو بيش قدر اضافو ڪري سگهن. هِن حوالي سان هر ضلعي، تعلقي ۽ يونين ڪائونسل جي سطح تي، جتي جُز نمبر ٢ تحت ايڪسٽينشنز جون خدمتون مهيا ڪيون ويندیون، جي لاءِ مالي امداد ۽ خدمتون مُهيا ڪرڻ جو هڪ باقاعدي سرشتو جوڙيو ويندو. اُن جي معرفت اها نشاندهي پڻ ڪئي ويندي ته ڪهڙو مالي ۽ خدمتون مهيا ڪندڙ هارين جي ويجهو آهي ته جيئن اهو اندازو ڪجي ته اهي ڪيترو چارج ڪن ٿا ۽ اهليت جو معيار ڪهڙو آهي؟ هن سرگرمي جي توسط سان، جُز نمبر ٢ جي سي بي ايف ايس ۽ ڊبليو او ايس هيٺ خدمتون مهيا ڪندڙ ڪڙي ۽ ماليات جي باري ۾ تربيت جو اهتمام ڪيو ويندو، جيڪو ماحوليات جي تبديلي جي حوالي سان هارين جي شراڪتدار ۽ ماليات وسيلن جي جانچيندي، سندن لچڪ کي بهتر بڻائيندو ۽ خطرن کي گهٽائڻ واري سندن اختياري منصوباڪاريءَ کي ترقي وٺرائيندو.

سرگرمي نمبر ٣,٣,٢: موسميات بابت ڄاڻ کي استعمال ڪندي، جمع پونجي ۽ انشورنس جي مصنوعات کي بهتر ڪرڻ:

پروجيڪٽ پاران مُنتخب ماليات خدمتون مهيا ڪندڙن سان سهڪار ڪيو ويندو ته جيئن آبهوا ۾ تبديلي جي خطرن کي مُنهن ڏيندڙ پيشڪار کي وڌيڪ مستحڪم ۽ ذميوار ڪري سگهجي. هِن وسيلي سندن وڏي پئماني تي فني معاونت ڪئي ويندي ۽ سرگرمي ١,٣,١ جي اي سي ڊبليو اي ۽ ٻين ٽولس جي استعمال بابت ڪين آگاهي ڏني ويندي گڏوگڏ جُز نمبر ١ هڪٻئي سان جائزاتي ۽ چڪاس دوران گڏ ڪيل ڄاڻ جي ڏي وٺ ڪرڻ لاءِ به اُتساهيو ويندو. هِن سان مالي ادارن کي مدد ملندي ته جيئن منصوبي جي علائقي ۾ عورتن ۽ اقليتن سميت پيشڪارن پاران قرض ڏيڻ ۽ وٺڻ جي حوالي سان موجود رڪاوٽن کي ممڪنه حد تائين ختم ڪري سگهجي. هِن سلسلي ۾خاص اقليتن سان تعلق رکندڙ عورتن ۽ پُنتي پيل هارين ڄاڻ پکيڙڻ جو پڻ بندوبست ڪيو ويندو. انشورنس جي خدمتن جي معاملي ۾، خاص طور ماليات ادارن جي ٽيڪنيڪل مدد ۽ تجزياتي معاونت وڏو فائديمند ثابت ٿيندي. هِن حوالي سان ماليات ادارن پنهنجي حاصلات جي صلاحيت جانچڻ ۾ پڻ مدد فراهم ڪئي ويندي . اُن کان علاوه نئين ماليات مصنوعات يا پئڪيج متعارف ڪرائڻ جي حوالي سان ماليات ادارن کي مُناست رهنمائي فراهم ڪئي ويندي ته مختصر مدت يا وڏي مُدت جي سرمائيڪاري ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي. هن منصوبي جي توسط سان، ورلڊ بئنڪ جي ملياتي سمارٽ پروجيڪٽ تعاون سان، شراڪتدارن جي اُها پڻ مدد ڪئ ويندي ته جُز نمبر ١ تحت گڏ ڪيل ڊيٽا کي انشورنس مصنوعات ۽ زرعي پيداوار کي هٿي وٺرائن لاءِ استعمال ڪن.

سرگرمي نمبر ٣,٣,٣ : موسميات جي تبديلي جي موافقت کي آسان بڻائڻ لاءِ نون خدمتن کي هٿي وٺرائڻ: هِن پروگرام جي توسط سان تبديليءَ جي موافقت مُطابق، نئين مصنوعات کي ترقي وٺرائڻ لاءِ پڻ قدم کنيا ويندا. هِن سلسلي ۾ ڪمپنين، خريدار ۽ ٻين لاڳاپيلن کي پروجيڪٽ تحت تربيت ڏني ويندي ۽ ڄاڻ فراهم ڪئي ويندي ته جيئن موسمياتي تبديليءَ جي حساب سان پنهنجي منصوعات ۽ وسيلن جي صلاحيت کي وڌائي سگهن. اُن ڳالهه جي خاطري ڪئي ويندي ته اهڙا هاري، جيڪي ڪلائمٽ چئنج جي حساب سان فصل اُپائڻ يا ٻيون تدبيرون اختيار ڪرڻ لڳا هجن، اُنهن کي مارڪيٽ ۾ مُناسب خريدار دستياب ٿي سگهن. پروجيڪٽ تحت ٻهراڙيءَ جي نوجوانن کي ماهر ۽ وسيلو بنايو ويندو ته جيئن اُهي ماحولياتي استحڪام، زمين جي تياري ۽ آبپاشي جي ڪمن لاءِ پنهنجيون خدمتون پيش ڪن. ساڳي طرح فارم مئنجمينٽ ڪنسلٽنٽس کي پڻ ماحولياتي استحڪام جي تجربن خاطر تربيت ڏني ويندي. پروجيڪٽ تحت اهڙن وسيلاڪار نوجوانن ۽ ڪنسلٽنٽس جا انگ اکر گڏ ڪيا ويندا ۽ اُنهن کي ٻئي سازسامان ۽ اي سي ڊبيلو اي پورٽل سان ڳنڍيو ويندو.

۳۷. جُز نمبر ۴ : پروجيڪٽ مئنجمينٽ: (۲,۱٦ ملين ڊالر، جنهن منجهان جي سي ايف — ۱,۳۰ ملين ڊالرز جي امداد ڏيندو). هيءَ جُز، جُز نمبر۱ - ۳ تحت ڏسيل حدفن ۽ سيڙپڪاريءَ جي سرگرمين جي آسان عملدرآمد کي يقيني بڻائيندو. اهڙن فنڊز جي حاصلات کي اثرائتي ۽ وقتائتي نموني استعمال ڪيو ويندو، جنهن تحت ممڪنه حاصلات ۽ هاڪاري نتيجا جنهن جو مُکيه مقصد آهي. اهڙي مقصد جي حصول واسطي اسلام آباد ۾ مرڪزي آفيس قائم ڪئي ويندي. ساڳي طرح هر هڪ صوبي ۾ پراونشل پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽس ۽ هر هڪ ضلعي ۾ضلعي سطح جي عملدرآمدي يونٽس جا دفتر قائم ڪيا ويندا. مذڪوره يونٽن جي مُکيه سرگرمين ۾ منصوباسازي، بجيٽ، خريداري، چڪاس ۽ رپورٽنگ وغيره شامل آهن. پروجيڪٽ مئنجمينٽ يونٽ (PMU) پروجيڪٽ جي ڪم جو ساليان خاڪو ۽ بجيٽ (AWPB)، پروجيڪٽ اوورسائيٽ ڪميٽيءَ جي اجازت نامي کانپوءِ، ساليانو جاري ڪندو ۽ پروجيڪٽ جي ڪارڪردگيءَ جي حوالي سان ساليانو يا ڇهه ماهي رپورٽ جنهن ۾ فنانشل مئنجمينٽ رپورٽ، جيڪا ايف اي او، جي سي ايف کي ايف اي او ۽ اي اِي پروجيڪٽ واسطي مهيا ڪندو. پي ايم يو جون خريداري سرگرميون، عملي جي خدمتن جي حصول، ڪنسلٽنسي خدمتن، گهربل سازمان جي خريداري تي مشتمل آهن. منصوبي جي مستفيضن لاءِ ٽرانسپورٽ ۽ ٻي خدمتن جي خريداري به اُن ۾ شامل آهي. پي ايم يو منصوبي تي عملدرآمدي سرگرمين جي چڪاس، اُنهن جي جانچ ۽ نگرانيءَ لاءِ هڪ مانيٽرنگ سسٽم جوڙيندو، جنهن جي توسط سان مجموعي پيداوار ۽ نتيجن، جنهن جا مقصد پروجيڪٽ جي فريم ورڪ ۾ متعين ڪيا ويا آهن، کي چڪاسيو ويندو. هِن جُز تحت هڪ ڪمپيوٽرائيزڊ مئنجمينٽ انفرميشن سسٽم (MIS) قائم ڪيو ويندو، جيڪو پي ايم يو، پي آءِ يو ۽ ڊي آءِ يو جي استعمال هيٺ به رهندو، جنهن تحت عملدرآمدي سرگرمين جي معلومات، فزيڪل ۽ فنانشل ترقيءَ جي نتيجن کي گڏ ڪيو ويندو.

۳. ماحوليات ۽ سماج جا بُنيادي ٺُڪتا:

۳۸. هيءُ بُنيادي ٺُڪتو(Baseline) پروجيڪٽ جي مالياتي خرچن جو تفصيلي خاڪو جوڙيندو. هيٺ ڏسيل ٺُڪتن بابت ڪين وڌيڪ ڄاڻ جي ضرورت پئي ٿُه اُهي رابطو ڪري سگهندا. (i) مُکيه فصلن جو جائزو (ii) سنڌو درياهه ۾ ماحولياتي تبديلي (iii) پاڻي جي دستيابي، استعمال ۽ چئلينجز (iv) زرعي شعبي ۾ ماحولياتي تبديلي جو اثر (v) مقرر حدفن جي جائزي لاءِ ضلعن جي چونڊ (vi) معاشي ۽ سماجي صورتحال (vii) پروجيڪٽ جو خاڪو (viii) پاليسيءَ جو ڳانڍاپو ۽ (ix) گرين هائوس گئس جو تخمينو.

هيٺيان جُزا پڻ تفصيلي ڄاڻ سان دستياب آهن، جهڙوڪ: بُخارات جي نگرانيءَ جا تفصيل ۽ مئنجمينٽ، زرعي معيشت، ماحوليات ۽ پاڻي بابت قومي صلاحيت جي نگراني، جائزو ۽ ورهاست وغيره. سماج ۽ معيشت جو بُنيادي ٺُڪتو حفاظت جي مقصد سان آهي، جنهن ۾ فقط تحفظ ۽ حفاظتي معلومات جمع ڪئي ويندي. تنهنڪري وڌيڪ معلومات،(ضرورت پئي ته) فراهم ڪئي ويندي ته جيئن مختلف رُخن جو پورائو ڪري سگهجي ۽ جن بابت تفصيل اڳواٽ ڄاڻايل نه ڪيا ويا هُئا. مثال طور(i) ماحولياتي علائقا (ii) حياتياتي تنوع ۽ ٻيلا (iii) قدرتي ٺڪاڻا ۽ محفوظ علائقا (iv) حياتيات لاءِ موزون مخصوص علائقا ۽ (v) مُشترڪه قوميت ۽ مذهبي اقليتون.

۳,۱ جاگرافي ۽ مخصوص جاگرافيڪل جڳهه:

۳۹. جاگرافيائي لحاظ کان پاڪستان ستن علائقن ۾ ورهايل آهي. جن ۾ (i) اُتريان علائقا (ii) سنڌو درياهي علائقا (iii) وارياسا علائقا (iv) پوٺوهاري علائقا (v) جابلو علائقا (vi) لوڻياڻا علائقا ۽ (vii) سستئن بيسن شامل آهن. پاڪستان جي اُتر ۽ اُتر اولهه جي علائقن ۾ ٽي جابلو سلسلا واقع آهن جِن ۾ قراقرم، هماليه ۽ ڪوهه هندوڪش شامل آهن. هماليا اوير کان اولهه طرف ۲۵۰۰ ڪلوميٽرن تائين پکڙيل آهي. جيڪو اُتر اولهه ۾ ڪوهه هندوڪش ۽ اُتر ۾ قراقم سان ٽڪرائي ٿو. پاڪستان جا سمورا درياهه جهڙوڪ: سنڌو درياهه، راوي، چناب، جهلم ۽ ستلنج بُنيادي طور هماليا مان نڪرن

ٿا. جيڪي سمنڊ جي سطح کان هيٺ واقع آهن. سمنڊ جي سطح کان سڀ کان مٿانهين ڪي ٿوءَ جي چوٽي آهي، جيڪا ٨٦١١ ميٽر بُلند آهي.

٤٠. هِن منصوبي جي لاءِ ڏکڻ پنجاب جا پنج ضلعا لوڌران، ڊيرا غازي خان، مظفرآباد، مُلتان ۽ خانيوال ۽ ڏاڪڻي سنڌ جا ٽي ضلعا بدين، سانگهڙ ۽ عمرڪوٽ کي خطرناڪ ماحولياتي تبديلي جي بُنياد تي مُنتخب ڪيو ويو آهي. پروجيڪٽ جي مجموعي خاڪي کي شڪل نمبر ١ ۽ سمورن ضلعن جو جائزو ٽيبل نمبر ٢ ۾ ڏنو ويو آهي.

جاگرافي هيئت لاءِ ڏسو هيئت نمبر ٠١

٠١: پروجيڪٽ جو نقشو (خطرناڪ اسڪورنگ جي بُنياد تي)



District	Population (M)		Area (000 ha)	
	Agricultural	Total	Agricultural	Total
Punjab	**51.1**	**96.7**	**12,483**	**20,540**
Dera Ghazi Khan	2.2	2.7	471	1,177
Khanewal	1.5	2.7	382	436
Lodhran	1.4	1.9	253	267
Multan	1.2	3.0	284	365
Muzafargargh	3.1	4.4	523	769
Sindh	**21.8**	**42.3**	**6,249**	**14,103**
Badin	1.0	1.7	536	657
Sanghar	1.1	2.0	408	1,016
Umer Kot	0.7	1.0	292	549

جدول نمبر ٢: ضلعا ۽ اُنهن جي آبادي

صوبہ ۽ ضلعا	زرعي آبادي (ملين ۾)	مجموعي آبادي (ملين ۾)	ضلعي ايراضي (ڪلوميٽر)
پنجاب	**٥١,١**	**٩٦,٧**	**٢٠٥٤٠٣**
ڊيرا غازي خان (برساتي)	٢,٢	٢,٧	١١٧٦٦
خانيوال	٥.١	٢,٧	٤٣٥٦
لوڌران	٤.١	٩.١	٢٦٦٦
ملتان	١,٢	٠.٣	٣٦٤٨
مظفر ڳڙھ	٣,١	٤,٤	٧٦٨٨
سنڌ	**٢١,٨**	**٤٢,٣**	١٤١٠٢٩
بدين	٠.١	١,٧	٦٥٧٥
سانگهڙ	١,١	٠.٢	١٠١٥٨
عمرڪوٽ (برساتي)	٧.٠	٠.١	٥٤٩٠

٤١. منصوبي واسطي ضلعن جي چونڊ هڪ ميٽاڊالاجي ۽ طريقيڪار تحت ڪئي وئي آهي، جنهن جا باضابطا تفصيل منصوبي جي فنڊنگ پروپوزل ۾ ”منصوبي جي علائقي (پروجيڪٽ ايريا)“ جي سري سان دستياب آهن. فزيڪل انوائرمينٽ ۽ جيالاجي جي بُنياد تي سنڌودرياءِ جي پاٽ ۾ منصوبي جي ايراضي مقرر ڪئي وئي آهي، جنهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

٤٢ . **سنڌو ميداني علائقا.** هند-گنگا جي ميدان جي بُنياد تي اولهه کان اوڀر طرف يا درياءِ جي کاٻي ڪناري آهي (.مثال طور: جهلم، چناب، راوي ۽ ستلنج) اولهه يا ساڄي ڪناري جهڙوڪ: (ڪابُل، ڪُرم ۽ توچي). انڊس پلان تاريخي طور پنهنجي زرعي پيداوار ۽ ثقافتي ترقيءَ جي حوالي سان ڄاتو وڃي ٿو.

٤٣. سنڌو درياءِ جي کاٻي پاسي جا سمورا محاذ پنجند وٽ اچي پاڻ ۾ ملن ٿا، جيڪي ڪوٽ مٺن جي ڏکڻ جي طرف کان ٧٥ ڪلوميٽر پهرين هڪ وڏي وهڪري جي صورت ۾ هڪ ٿين ٿا. اُتان کان وني سنڌو درياءِ لڳ ڀڳ هڪ وهڪري جي صورت ۾ وهندي. عربي سمنڊ ۾ وڃي ڇوڙ ڪري ٿو. درياهه جو اٽڪ کرد وٽان ساليانو ڇوڙ لڳ ڀڳ ٩٢ ملين ايڪڙ فوٽ آهي ۽ اُن جو مجموعي اخراج گڏيل اخراج کان اڳ به وڌيڪ آهي. جڏهن ته موسمياتي اخراج واري مادي ۾ خاص طور اونهاري جي گرمين ۽ سانوڻيءَ جي مند دوران تمام گهڻو توازن موجود آهي. سنڌو درياهه ۽ اُن جي ٻين پاڻي وسيلاڪار ندين جي پاڻيءَ جو بُنيادي ذريعو برف ۽ گليشيئرز آهن، جيڪي هماليا جبل، هندوڪش ۽ قراقرم جي جابلو سلسلن ۾ واقع آهن.

٤٤. زميني حقيقت ۽ آبيات جي لحاظ کان، انڊس پلان کي اپر ۽ لوئر انڊس پلان ۾ ورهايو ويو آهي. ٻن پلانن کي ڪوٽ مٺن ويجهو محدود حدن اندر مخصوص ڪيو ويو آهي. جتان ڪوهه سليمان سنڌو درياءِ کي ويجهو پوي ٿو. مٿياهون ميدان، هيٺئين ميدان کان بُنيادي طور گهڻو مختلف آهي، ڇاڪاڻ ته اپر جا مکيه وهڪرا جهڙوڪ: (جهلم، چناب، راوي ۽ ستلنج) زمين کي مختلف قسمن جي حصن ۾ ورهائين ٿا.

۴۵. **مٿاهون سنڌو ميدان وارو سب ڊويزن** جُملي چئن وهڪرن تي مشتمل آهي، جيڪي بهاولپور ميدان ۽ ڪوهه سليمان جي ويجهو آهي، جنهن جا مُک هيٺيان وهڪرا آهن.

- **سنڌ ساگر ڊوب يا ٿل** (سنڌو درياءِ ۽ جهلم جي وچ ۾)
- **چج ڊوب** (جهلم ۽ چناب جي وچ ۾)
- **رچنا ڊوب** (راوي ۽ چناب جي وچ ۾)
- **باري ڊوب** (راوي ۽ ستلنج جي وچ ۾)

پنجاب جو نقشو ۽ جاگرافي



۴٦. پنجاب جون موجوده جاگرافي حالتون، وسيع پئمائش لڳاتار ۽ وڏي وقت جي ساحلي تحريڪن جو نتيجو آهن. پنجاب جا سمورا پاڻي وهڪرا لڳ ڀڳ هماليہ جي جابلو سلسلي منجهان نهن ٿا، جيڪي پيچيده، زميني رُخنو، شديد مقامي جاگرافي جي ڊهاءُ جو نتيجو آهن. زمين جي مٿانهين سطح تي آيل اهم تبديلين علائقي تي وڏو اثر ڇڏيو آهي جيڪو اندران اندران سادو نظر اچي ٿو، جيڪو وسيع پئماني تي علائقائي نقشي تي غور ڪرڻ لائق آهي. اُن سان گڏوگڏ سائيٽ جي مخصوص تفصيلن جي تعريف به ڪري سگهجي ٿي. ڊيرا غازي خان سميت پنجاب ۾ واقع پروجيڪٽ جو علائقائي نقشو، زميني سطح تي ڪنهن نمايان تبديليءَسان فليٽ آهي.

۴۷. پنجاب جي جابلو سلسلن کي هيٺ ڏنل اوروگرافي نمبر ۲ ۾ ڏيکاريو ويو آهي. ڊيرا غازي خان سميت منتخب سمورن ضلعن ۾ مجموعي طور ٿوري گهٽي فرق سان جابلو سلسلا موجود آهن.

اوروگرافي نمبر ۲ : پنجاب جي منتخب ضلعن جا جابلو سلسلا

سنڌ جو نقشو ۽ جاگرافي

۴۸. جاگرافيائي لحاظ کان سنڌ کي چئن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (i) کيرٿر پهاڙي سلسلو (اولهه ۾) (ii) مرڪزي سنوان واريا‌سا پٽ (سنڌو درياهه جي وهڪري سان گڏوگڏ) (iii) ريگستاني پٽي (اوپر طرف) (iv) انڊس ڊيلٽا (ڏکڻ ۾)

(الف) کيرٿر رينج: اُتر کان ڏکڻ طرف پکڙيل هيءَ سلسلو ٽن قطارن جي چوٽين ۾ ورهايل آهي، جنهن جي ويڪر ٢٠ کان ٢٥ ڪلوميٽر آهي. کيرٿر جون پهاڙي چوٽيون اوپر کان اولهه طرف اُٽيل آهن، جن جي اونچائي لڳ ڀڳ ۴ هزار کان ۵ هزار ميٽر آهي ۽ ڏکڻ کان اُتر طرف منجهس لاتعداد پهاڙي چوٽيون آهن. کير ٿر رينج پهاڙي تودن تي مشتمل ۽ عام طور خُشڪ ۽ بي فائدي بڻيل آهي.

(ب) مرڪزي سنوان واريا‌سا پٽ: هيءُ علائقو سنڌونديءَ جي واديءَ تي مشتمل آهي. هيءَ پٽي ۵٨٠ ڪلوميٽر ڊگهو ۽ لڳ ڀڳ ۵١٨٠٠ اسڪوائر ڪلوميٽرن جي ايراضي تي مشتمل آهي، جيڪو اُتر کان ڏکڻ طرف ڊرڪندي آهي. اُها هڪ وڏي پٽي آهي جيڪا سطح سمنڊ کان لڳ ڀڳ هڪ سو ميٽر مٿي آهي. روايتي طور اُن کي نمايان طور ٽن حصن ۾ ورهايو وڃي ٿو. (i) لاڙ پٽ يا ڏکڻ سنڌ (حيدرآباد کان ڏکڻ طرف جي ايراضي تي مشتمل)؛ (ii) وچولو يا سينٽرل سنڌ (لڳ ڀڳ حيدرآباد جي حدن کان)؛ ۽ (iii) سِرو يا اُتر سنڌ (نوشهرو فيروز ۽ سيوهڻ وٽان شروع ٿيندڙ علائقو).

(ت) اُپرندي واريا‌سي پٽي: اتر کان ڏکڻ طرف واريءَ جي دڙن ۽ پٽن تي مشتمل اڇڙو ٿر (اڇو واريا‌سو پٽ) ۽ اُتر اوپر طرف ٿر جو پٽ جتي ننڍو جابلوسلسلو ڪارونجهر جي نالي سان واقع آهي. (ننگر پارڪر جي عمارتي پٿر طور مشهور آهي) . هي سلسلو ڌرتيءَ جي اوائلي دور سان تعلق رکي ٿو.

(ث) سنڌوءَ جو سامونڊي علائقو (انڊس ڊيلٽا): سنڌو درياهه جي ڇوڙ وارو هيءُ علائقو، جيڪو نٿي کان شروع ٿيندي ڊيلٽائي ايراضيءَ تي پکڙيل آهي ۽ هِن وسيلي ٻوڏ جو پاڻي سمنڊ ۾ وڃي ٿو. انهيءَ جو مٿاڇرو وهڪرو نشانبر ٿيل آهي، جيڪو ڪيترن ننڍن ننڍن چئنلن جي نيٽ ورڪ جي صورت ۾ پکڙيل آهي. هن جي سامونڊي پٽيءَ جي ويڪر ١٠ کان ٤٠ ڪلوميٽر آهي، جيڪو گپ چڪ ۽ دلدلي علائقي تي مشتمل آهي، جنهن منجهه حياتيات جي آخري زماني جا وڏا ذخيرا ۽ پٿر جا عمومي غير معمولي بُنياد آهن.

٤٩. سنڌ، سنڌو درياهه جي هيٺانهين پاسي واقع آهي. هِن جي ايراضيءَ جون بُنيادي خاصيتون، فارمن ۽ پاڻي واريون آهن. هن جي مٿئين طرف کان قديم مٽيءَ جي پوري پٿر واري ديوار جون چوٽيون آهن، جِن ۾ رني ڪوٽ گروپ (خادرو، بارا، لاکڙا) لڪي ۽ ڪيرٿر جيڪو سلاسي (ٽئين) جي دور واري زماني جو، نري جيڪو ميموئي مخلوق جي زماني، گاج جيڪو مائسني ارضياتي عهد جي وچ ڌاري، منچر جيڪا مائسني ارضياتي عهد جي آخر سان تعلق رکن ٿا.

سنڌ ۾ منصوبي وارن ضلعن جي جاگرافي لاءِ ڏسو شڪل نمبر ٣

٢.٣ ماحولياتي خصوصيتن جي تجويز ڪيل منصوبي جو علائقو

٢,١.٣ آبهوا ۽ موسمياتيات

٥٠. پاڪستان جي آبهوا ۽ موسميات جو گهرو تجزيو"*سنڌ ۾ موسمياتي تبديلي*" ۽ " *حدف ڪيل ضلعن لاءِ جاگرافيائي اعداد ۽ ڳاڻيٽي جو تجزيو*" جي ضميمن ۾منصوبي جي مڪمل مالياتي رٽ ۽ امڪانن جي اڀياس ۾ ملي سگهي ٿو.جيترو ممڪن آهي، منصوبي جي معلومات ضلعي سطح تي مهيا ڪئي وئي آهي.

٥١. پاڪستان ۾ وڏي پئماني تي سرطاني دائري تي اتر طرف (ڊيگهه ۽ ويڪر ٢٥° ۽ ٣٦° اتر جي وچ ۾). اهو ڪنڊ (براعظم) جي موسمياتي ۽ روزاني جي بنياد تي آبهوا ۾ شدت سان ايندڙ تبديلين سبب خاصيت جو حامل آهي. هن جي آبهوا ٣ مڪيه موسمياتي نظامن کان متاثر ٿو آهي (i) :ڏيلي رومي نڍي سمنڊ جي سردين جو نظام، اڀرندي طرف جا طوفان ؛ (ii) هندستاني گرميءَ ۾ مونسون جي گرمي، جيڪا خليج بنگال ۾ پيدا ٿئي ۽ (iii) تبت جا مخالف طوفان وارو علائقو، نه ته سڄو سال براعظمي هوا ڦهلجندي رهندي آهي. هندو-ڪش- قراقرم-هماليه تي مشتمل حصوجيڪو ملڪ جي اترئين حصي ۾ آهي، هواجي نظام تي طبعي اثرات وجهندو آهي. اترئين برف سان ڍڪيل جبلن جي آبهوا ٿڌي آهي، جڏهن ته بلوچستان جو مٿاهون علائقوجيڪو ملڪ جي اولهندي پاسي ۾ آهي انجي خاصيت اها آهي ته اهو غيرآباد ۽ تمام خشڪ علائقو آهي، ملڪ جي ٻين حصن جي ڀيٽ ۾ هتان جوگرمي پد تمام وڌيڪ آهي، ساحلي پٽي جي آبهوا سامونڊي هوائن سان تبديل ٿيندي آهي. ملڪ جي باقي حصن ۾ اونهاري جي موسم ۾ ، گرمي پد تمام مٿاهين سطح تي پهچي ٿو،موسم گرما ۾ ميداني علائقن جو گرمي پد جون ۾ ٣٨ °F (٣ °C)، جڏهن بلند گرمي پد جي حد ٤٧ °C (١١٧ °F) ٿي سگهي ٿو.

٥٢. پاڪستان ۾ ٽنهي قسمن جون برساتون پون ٿيون: ڪوهستاني، اڳيون ۽ وهڪري وارو مينهن سالياني موسم ۽ علائقي جي پٽاندڙ. پاڪستان جي ڪل سالياني گهم ٥٠٠ ملي ميٽر ۽ ٨٠٠ ملي ميٽر جي وچ ۾ اترئين اڌ سان گڏ

تمام گهڻو حصو حاصل ڪري ٿو. پاڪستان جا ڏکڻ طرف جا حصا (بلوچستان ۽ سنڌ) اتر ۵۰ سيڪڙو تائين (برسات) تائين حاصل ڪن ٿا. سنڌ جي ساحلي پٽي جي پرسان ويندي سنڌو ڊيلٽا تائين سڀني حد تائين مينهن وسي ٿو.

۵۳. پاڪستان هڪ غريب ملڪ جو درجو آهي. ٽيبل [۱۱]۳ کي خشڪ علائقن ڏانهن اشارو ڪري ڏيکاريو ويو آهي. جيڪو تقريباً ۱۱ سيڪڙو جي علائقي ۾ ۲۵۰ - ۵۰۰ ملي ميٽرسالياني بارش پوي ٿي. اڌ حصي کي ۱۵۰ - ۲۵۰ ملي ميٽر تائين، ۽هڪ پاڳي حصي ۾ ۱۵۰ ملي ميٽرکان گهٽ ساليانو مينهن پوي ٿو .

ٽيبل ۳: خشڪ سالي وارا علائقا پاڪستان جي خشڪ سالي واري فهرست جي مطابق

ايريا	مينهن وارو نظام	ملين هيڪٽر	مڪمل جو سيڪڙو
مڪمل علائقو	< ۱۵۰ > ۱۰۰۰ ملي ميٽر	٦١.٧٩	١٠٠
اڌ خشڪ سالي وارو علائقو	۲۰۰ - ۵۰۰ ملي ميٽر خشڪ سالي واري فهرست ١٦ - ٣١	٧٦.٨	١١
گهڻو خشڪ سالي وارو علائقو	۱۵۰ — ۲۵۰ ملي ميٽر خشڪ سالي واري فهرست ٨ - ١٦	٢١.٣٨	۴٨
تمام سخت خشڪسالي وارو	<۱۵۰ ملي ميٽر خشڪسالي فهرست <٨	٢.٢٦	٣٣

ذريعو: محمد محسن اقبال ۽ الا. (۲۰۰۹)

*نوٽ: خشڪ سالي فهرست = ٦٥.١∑ (گهم / گرمي پد +٢.١٢)*٠.٩*

۵۴. پاڪستان جي درجہ حرارت جي گنجائش جو۱۹۵۱ - ۲۰۰۰ تائين جوجائزو ٽيبل ۴ ۾ ڏنل آهي.

---

[۱۰] *ٽي.جي هيٽنگٽن، (٢٠٠٦). گلوبل پاڻي جي چڪرجا ثبوت: جائزو ۽ تجزيہ. هائڊرالاجي جو جرنل ٣١٩ (١): ٨٣ - ٩٥*

[۱۱] *محمد محسن اقبال، ايم عارف گوهر، ارشد ايم خان، موسمي تبديلي جا پاڪستان جي غذائي حفاظت تي بد اثر، سائنس وزن، ١٥ .Vol، نمبر ١، (جنوري ڪان جون ٢٠٠٩)*

عالمي تبديلي جي اثرات جي اڀياس جي اداري (GCISC) پاڪستان جي وزارت موسمي تبديلي سان ڳنڍيل، جي طرفان ملڪ جي گرمي پد جي رجحانات جو خلاصو هيئن ڏنل آهي: "(i) ساليانو سراري گرمي پد ملڪ جي مختلف حصن ۾ وڌندو رهي ٿو

رڳو اُپ ڪنڊ ۽ اولاهين ٽڪرين ۽ سنڌ جي هيٺين علائقن ۾ گرمي پد جو رجحان گهٽجندڙ ڏسجي ٿو (ii) سيئي خطا مون سون کان اڳ جي گرميءَ وارن مهينن (اپريل- مئي) ۾ گرمي پد ۾ واڌ ڏيکارن ٿا. (iii) سيئي حصا، زون ۵ (بلوچستان) کانسواءِ، مومسمياتي بارشن واري عرصي دوران گرمي پد جي رجحان ۾ گهٽتائي ڏيکارن ٿا. (vi) مها-هماليہ

جو علائقو ڊسمبر کان مئي تائين سڄو عرصو گرمي پد جي رجحان ۾ واڌ ڏيکاري ٿو. ۽ (v) بلوچستان جون موسمون تمام موسمن ۾ گرم ٿي رهيون آهن.

ٽيبل ۴: پاڪستان جي درجہ حرارت جا رجحانات ۱۹۵۱ - ۲۰۰۰ تائين

	موسمي علائقو	سالياني	جون- سيپٽمبر	ڊسمبر- مارچ	اپريل – مئي	آڪٽوبر- نومبر
I	(الف): مها هماليہ جو علائقو	۰۴.۰	-۰.۸	۳۲.۰	۱.۰۹	-۰,۰۶
I	(ب): هيٺيان جابلو علائقا	-۱۹.۰	-۰,۵۷	۰	۰.۱۳	۰.۱۲
II	اولاهيون ٽڪريون	-۷۲.۰	-۱.۴۸	-۰.٦۵	۰.۱۷	-۰,۴۷
III	وچ ۽ ڏکڻ پنجاب	۰.۱۱	-۰.۲۵	-۰,۰۷	۰.۳۵	۰.۱۵
VI	سنڌ جا هيٺيان ميداني علائقا	-۰,۰۸	-۰,۵۵	-۰,۰۷	۰.۳۵	۰.۱۵
V	(الف) بلوچستان (اوپر)	۰.۱۱	۰,۴٦	۰.٦۳	۰.۷۳	۰,۵
V	(ب) بلوچستان (اولهہ)	۱۷.۱	۳.۱	۰,۴۳	۲,۱۷	۱,۸
IV	ساموندي علائقا	۰	-۰.۱۸	۰۵.۰	۰۳.۰	۳.۰

ذريعو: عالمي تبديلي جي اثرات جي اڀياس جو ادارو (۲۰۰۵) فائنل ٽيڪنيڪل رپورٽ APN منصوبو. ڪيپيبل منصوبو

۵۵. مينهن جو جائزو ۽ منصوبي جي هر ضلعي جي وڌ کان وڌ / گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد جا رجحان هيٺ گرافن ۾ ڏنا ويا آهن. گراف پهريان سالياني رجحان ، پوءِ مهيني جي رجحانات ڏانهن اشارو ڪري ٿو.

پنجاب صوبو:

۵٦. ڊيره غازي خان

ڊيره غازي خان: مينهن





مهيني وار رجحان

سالياني رجحان

ذريعو: عالمي تبديلي جي اثرات جي اڀياس جو ادارو (٢٠٠٥) فائنل ريپورٽ APN پروجيڪٽ ڪيپيبل منصوبو

ڊيرا غازي خان: وڌ ۾ وڌ درجہ حرارت (سالياني)	
	سراسري رجحان

(سالياني رجحان)

ڊيرا غازي خان: وڌ ۾ وڌ درجہ حرارت (ماهاني)



ماهانہ سراسري
ماهانہ تجاوز
سالياني سراسري

(ماهانہ رجحان)

ڈيرا غازي خان: گهٽ ۾ گهٽ درجہ حرارت (سالياںہ رجحان)



سراسري (بليو لائين)
رجحان (ڳاڙهي لائين)

(سالياںو رجحان)

ڈيرا غازي خان: منٽ جو درجہ حرارت (ماهانہ)

 *(Monthly trend)*	ماهانہ سراسري ماهانہ تجاوز
(ماهانہ رجحان)	

۵۷. ڊيره غازي خان (ڊي جي خان) جي وڌ ۾ وڌ گرمي پد سان صرف ۱.۰ درجا ۽ گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد سان تقريباً ۰.٦ درجا وڌي وئي. ماهانہ انگ اکر ڏيکارن ٿا تہ ان دور ۾ اهم مثبت رجحان وڌيڪ مناسب هو. مينهن وارو چارٽ مجموعي واڌ ۱۳۰ ملي ميٽر ڏيکاري ٿو، جڏهن تہ مينهن جي وسڻ واري معلومات مهينن جي وچ ۾ مثبت ماهانہ تقسيم جي وڌيڪ تفصيلي تجزيي جي اجازت ڏئي ٿو.

۵۸. خانيوال:

خانيوال: مينهن (سال)	
 *(Yearly trend)*	جوڙ/اضافو رجحان
(ساليانو رجحان)	

خانیوال: وڌ ۾ وڌ درجہ حرارت (سالیانو)



سراسري
رجحان

(سالیانو رجحان)

خانیوال: مینهن (ماهانہ)



رقم –جوڙ
ماهانہ اضافو
۳. سالیانو جوڙ

(ماهانہ رجحان)

خانیوال: گهټ ېر گهټ درجه حرارت (سالیانه)	
	سراسري رجحان
(سالیانو رجحان) (سالیانه رجحان)	

خانیوال: وڅ ېر وڅ درجه حرارت (ماهانه)	
	ماهانه سراسري ماهانه تجاوز سالیاني سراسري
ماهانه رجحان	

خانیوال: گهټ ېر گهټ درجه حرارت (ماهانه)



ماهانہ سراسري
ماهانہ تجاوز سالياني سراسري

(ماهانہ رجحان)

۵۹. وڌ ۾ وڌ درجہ حرارت صرف۱.۰ درجا جڏهن تہ گهٽ از گهٽ درجہ حرارت ۱ درجي سان گڏ هن سڀ کان وڌيڪ ماهانه انحراف ماهانه اوسط کان گهڻو ڪري ۲۰۱۲ کان پوءِ وڌندو رهيو آهي مينهن جو چارٽ ۵۰ ملي ميٽر اضافي ڏانهن اشارو ڪري ٿو.

٦٠. لوڌران:

لوڌران: مينهن (سالياني)



جوڙ / اضافو
رجحان

(سالياني رجحان)

لوڌران: مينهن (ماهانه)



رقم –جوڙ
ماهانه اضافو
۳. ساليانو جوڙ

(ماهانه رجحان)

لوڌران: وڌ ۾ وڌ درجه حرارت (ساليانه)



سراسري
رجحان

(ساليانو رجحان)

لوڌران: وڌ ۾ وڌ درجہ حرارت (ماهانہ)



ماهانہ سراسري
ماهانہ تجاوز
سالياني سراسري

(ماهانہ رجحان)

لوڌران: گهٽ ۾ گهٽ درجہ حرارت (سالياني)



سراسري
رجحان

(سالياني رجحان)

لوڌران: گهٽ ۾ گهٽ درجہ حرارت (ماهانہ)



ماهانہ سراسري
ماهانہ تجاوز
سالياني سراسري

(ماهانہ رجحان)

٦١. وڌ ۾ وڌ گرمي پد صرف ٠,۴ درجا، جڏهن تہ گهٽ ۾ گهٽ درجہ حرارت ١,٢ وڌيو. ٻنهي رجحانات ۾ ٢٠١١ کان پوءِ وارن سالن مثبت انحراف ظاهر ٿئي ٿو. مينهن جو چارٽ ٢٠١١ کان ٦٠ ملي ميٽرن جو اضافي انحراف ڏيکاري ٿو.

٦٢. ملتان :

ملتان: مينهن (سالياني)



جوڙ / اضافو.
رجحان

(سالياني رجحان)

ملتان: مینهن (ماهانه)



رقم –جوړ
ماهانه اضافو
۳. سالیانو جوړ

(ماهانه رجحان)

ملتان: وړ ګړ وړ درجه حرارت (سالیانه)



سراسري
رجحان

(سالیانو رجحان)

ملتان: وړ ګړ وړ درجه حرارت (ماهانه)



ماهانہ
سراسري
ماهانہ تجاوز
سالياني سراسري

(ماهانہ رجحان)

ملتان: گهٽ ۾ گهٽ درجہ حرارت (سالياني)



سراسري
رجحان

(سالياني رجحان)

ملتان: گهٽ ۾ گهٽ درجہ حرارت (ماهانہ)



ماهانہ سراسري

ماهانہ تجاوز سالياني سراسري

(ماهانہ رجحان)

٦٣. ٢٠٠٥ کان پوءِ وڌ کان وڌ گرمي پد ٦ درجا جڏهن تہ گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد ١,٢ درجہ تمام تيزي وڌيو. مينهن جو چارٹ ٢٠١٥ کان سراسري تقريبن ٦٢ ملي ميٽر سالياني اضافو ڏيکاري ٿو.

٦۴. مظفر گڙهہ:

مظفر گڙهہ: مينهن (سالياني)



(Yearly trend)

جوڙ / اضافو

رجحان

(سالياني رجحان)

مظفر ڳڙهه: مينهن (ماهانه)



(Monthly trend)

رقم —جوڙ

ماهانه اضافو

۳. سالياڻو جوڙ

(ماهانه رجحان)

مظفر ڳڙهه: وڌ ۾ وڌ درجه حرارت (سالياڻه)



سراسري

رجحان

(سالياڻه رجحان)

مظفر ڳڙهه: وڌ ۾ وڌ درجه حرارت (ماهانه)



ماهانه
سراسري
ماهانه تجاوز
سالياني سراسري

(سالیانو رجحان)

مظفر ګڅړه: ګهټ ېر ګهټ درجه حرارت (سالیانه)



سراسري
رجحان

(سالیانه رجحان)

مظفر گڙهه: گهٽ ۾ گهٽ درجه حرارت (ماهانه)



ماهانه سراسري

ماهانه تجاوز سالياني سراسري

(سالياني رجحان)

٦٥. وڌ کان وڌ مٿيون گرمي پد صرف ٠,٥ درجا جڏهن ته هيٺيون گرمي پد گهٽ۾ گهٽ ١,٣ درجه وڌيو.٢٠١٢ کانپوءِ صرف اعلي ماهانه ۽ مثبت انحراف درج ٿيل آهن . مينهن جو چارٽ ٢٠٠٥ کانپوءِ تقريباً ٩٠ ملي ميٽر تمام وڌيڪ انحراف جو اضافوڏيکاري ٿو.

سنڌ صوبو

٦٦. بدين

بدين: مينهن (سالياني)



جوڙ / اضافو

رجحان

(سالياني رجحان)

بدین: مینهن (ماهانه)



رقم –جوڙ
ماهانه اضافو
۳. سالیانو جوڙ

(ماهانه رجحان)

بدین: وڌ ۾ وڌ درجه حرارت (سالیانه)



Yearly Trend

سراسري
رجحان

(سالیانو رجحان)

بدين: وڌ ۾ وڌ درجه حرارت (ماهانه)



ماهانه سراسري
ماهانه تجاوز
سالياني سراسري

(ماهانه رجحان)

بدين: گهٽ ۾ گهٽ درجه حرارت (سالياني)



سراسري
رجحان

(سالياني رجحان)

بدين: گهٽ ۾ گهٽ درجہ حرارت (ماهانہ)



ماهانہ
سراسري
ماهانہ تجاوز
سالياني سراسري

(ماهانہ رجحان)

٦٧. ٢٠١٢ کان وڌيڪ ۽ تيز مثبت واڌاري سان وڌيو وڌ گرمي پد ١.١ درجا وڌيو ۽ گهٽ سان گهٽ گرمي پد ١,٣ درجي جي لحاظ سان وڌيو. مينهن چارٽ ٢٠٠٥ کان ٨٥ ملي ميٽرن جو اضافوءماهانہ انحراف ۾ تمام وڌيڪ مثبت واڌ ڏيکاري ٿي.

٦٨. سانگهڙ:

سانگهڙ:مينهن (ساليانہ)



جوڙ / اضافو
رجحان

(ساليانو رجحان)

سانګهڼ: مینهن



رقم –جوړ
ماهانه اضافو
۳. سالیانو جوړ

(ماهانه رجحان)

سانګهڼ: وډ ېر وډ ګرمي پد (سالیانه)



سراسري
رجحان

(سالیانورجحان)

سانگهڙ: وڌ ۾ وڌ گرمي پد (ماهانہ)	
	ماهانہ سراسري ماهانہ تجاوز سالياني سراسري
(سالیانو رجحان)	

سانگهڙ: گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد (سالیانہ)	
	سراسري رجحان
(سالیانو رجحان)	

سانگهڙ: گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد (ماهانہ)	
	ماهانہ سراسري ماهانہ تجاوز سالياني سراسري
(ماهانہ رجحان)	

٦٩. ٢٠٠٩ع کان وني وڌ ۾ وڌ گرمي پد صرف ٠.١ درجا وڌيو ۽ گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد سان ٩.٠ درجا سان گڏ وڌندڙمثبت بيقائدگي سان وڌيو. ٢٠٠٥ کان وني ماهانہ واڌو انحراف سان گڏ مينهن جي چارٽ مطابق مينهن ۾ ٩٥ ملي ميٽرن جو اضافو ظاهر ٿئي ٿو.

٧٠. **عمرڪوٽ:**

عمرڪوٽ: مينهن (سالياني)	
	جوڙ / اضافو رجحان
(سالياني رجحان)	

عمرکوټ: مینهن (ماهانه)	
	رقم/ جوړ ماهانه اضافو ۳. سالیانو جوړ
(ماهانه رجحان)	

عمرکوټ: وډ ېر وډ ګرمي پد (ماهانه)	
	ماهانه سراسري ماهانه تجاوز سالیاني سراسري
(ماهانه رجحان)	

سانګهڼ: ګهټ ېر ګهټ ګرمي پد (سالیانه)



سراسري
رجحان

(سالیانه رجحان)

سانګهڼ: ګهټ ېر ګهټ ګرمي پد (ماهانه)



ماهانه سراسري
ماهانه تجاوز
سالیاني سراسري

(ماهانه رجحان)

٧١. ٢٠٠٨ کان پوءِ وارن سالن ۾ مثبت انحراف تمام وڌيڪ ۽ تڪڙي واڌ سان وڌ ۾ وڌ گرمي پد صرف ٣.٠ درجا جڏهن تہ گهٽ ۾ گهٽ تقريبن ١,١ درجا وڌيو. مينهن جي چارٽ مطابق مينهن ۾ ١٠٠ ملي ميٽر جي حد تائين مينهن ۽ انحراف ۾ اضافو نظر آيو.

٣,٢,٢ مٽي جو معيار

پنجاب صوبو:

٧٢. پاڪستان جي مٽي جي زرخيزي جو نقشو: پنجاب جي هر ضلعي جي مٽي جي گهرائي سان ڄاڻ ڏني وئي آهي .جيئن تہ سنڌ صوبي سان، ايف اي او فوجي فرٽيلائيزر ڪمپني لميٽيڊ (ايف ايف سي ايل) طرفان تيار ڪيل هر ضلعي جو خاڪو مٽي جي زرخيزي جي مسئلن سميت جيڪي هارين کي پيش آيا، مهيا ڪيو ويو آهي. وڌيڪ گهربل تفصيل لاءِ سڌو سنئون نقشي مان رهنمائي وٺي سگهجي ٿي. ان جي برعڪس، پاڪستان جي زمين جي زرخيزيءَ جو نقشو: سنڌ صوبي وٽ ، زمين جي نمونن / هر ضلعي جي مٽي جي مادي کي فوري طور تي واضح ڪرڻ لاءِ ڪو نقشو دستياب ناهي. جڏهن تہ مٽي جي درجا بنديءَ جي مفصل معلومات لاءِ ضميمو (انيڪسچر) -٥ مان رهنمائي وٺي سگهجي ٿي.

ايف اي او (کاڌو ۽ زراعت آرگنائيزيشن، آمريڪا). ٢٠١٧. پاڪستان جي مٽي جي زرخيزي جو نقشو: پنجاب صوبو. ڊبليو. احمد، وائي نيينو، ايم ايچ ضيا، ڪي محمود، اي اشرف، اين احمد، ايم سليم ۽ ايم ايم شاڪر (ايڊس.)، آءِ ايس بي ايمن ٩٧٨-

٩٦٩-٨٣٠٤-٠٨-٩. اسلام آباد، پاڪستان، ص ١١.

پاڪستان جي مٽي جي زرخيزي جو نقشو: صوبو پنجاب هيٺ ڏنل يو آر ايل تي ڳولي سگهجي ٿو: http: // فاطمہ-group.com/updata/files/files/١٤٥_٢٠١٧١٢١٥٠٨٥١٥١.pdf

ضميمہ VI: سرزمين مٽي سيريز، درجہ بندي ۽ سندن واقعن جي علائقن هيٺ ڏنل يو آر ايل ۾ ڳولهي سگهجي ٿو.

http: //www.ffc.com.pk/wp-content/uploads/SFAP-Purjab-Anrexure.pdf

٧٣. ڊيره غازي خان (ڊي جي خان) ضلعو جي مٽيءَ جوپروفائل/خاڪو:

ڊيره غازي خان			
زرعي ڄاڻ (ڊيره غازي خان)	ڊيره غازي خان سليمان جبل جي سلسلي جي پيراندي ۾ واقع آهي. هتان جي آبهوا گرمين ۾ گرم ۽ خشڪ ۽ سردين ۾ وچتري ٿڌي ٿيندي آهي.ڪڏهن ڪڏهن گهٽووسندڙ مينهن ٻوڏ جو سبب بڻجندو آهي. اولهندي حصي ۾ چشمن جي پاڻي تي پوکي ڪئي ويندي آهي. هتي هڪ جابلو اسٽيشن فورٽ منرو نالي سمنڊ جي سطح کان ١٩٧٢ ميٽر مٿي موجود آهي. ضلعي جو صدر مقام ڊيره غازي خان ۾ آهي.		
ڪل پوکيءَ لائق رقبو (هيڪٽرن ۾)	٣٥٦٠٣٦		
ڪل اڻ پوکيل رقبو(هيڪٽرن ۾)	٢٢٥٣١٦		
ڪل آبپاشي هيٺ رقبو	٢٢٣٧٣١		
ربيع جا مکيه فصل	ڪڻڪ		
خريف جا مکيه فصل	ڪپهه، چانور، ڪمند	مٽيءَ جون خاصيتون	
		زمين جومادو	جابلو ۽ دريائي مٽيءَ جا گڏيل ميدان
ڪل چوپائي مال جي آبادي	٣٣١٣٩٢٧	غالب زمين جون حدون	شاهدره، جهٽ پٽ، ڪنڌڪوٽ، ڪهروڙ، ڪشمور
ذريعو: پاڪستان جي ضلعي زمين جو جائزو ٻنيءَ متعلق مشاورتي خدمتون، فوجي ڪيميائي ڀاڻ ڪمپني لميٽيڊ (FFCL)		پي ايچ	٧,٣ -١٠,٨ (سراسري ٨,٣١)
		برقي ترسيل /بجليءَ جي پهچڻ جو نظام (ڊي ۵ ايم)	٠,٠٢٦-٣٦ (سراسري ٠.٩٢)
		نامياتي مادو(في سيڪڙو)	١.٠ - ٢,١٩ (سراسري ٠,٥٤)
		موجود فاسفورس (پ پ م)	١-٥٢ (سراسري ٢٠.٥)
		ڪيڻ جوڳي پوٽاشيم (پ پ م)	٤٠٠ — ٢٦ (سراسري ١٧٤)

ڪيميائي ڀاڻ جي استعمال جو تجزيو، ايف اي او (٢٠٠٥)	زمين جي آزمائش جي سهولت جو فائدو ڪٽندڙ هاري (في سيڪڙو)	١٨
پنجاب جي زمين جو بنيادي نقشو (FAO)، سپارڪو (SUPARCO) ۽ پنجاب حڪومت ذريعو(معلومات جو انتظام ڪندڙ ايڪو/ انفارميشن مينيجمينٽ يونٽ، FAO) پاڪستان	پاڻيءَ جي آزمائش جي سهولت جو فائدو ڪٽندڙ هاري (في سيڪڙو)	١٨

٧۴. خانيوال ضلعي جي مٽيءَ جو پروفائل / خاڪو

خانيوال			
(خانيوال) زرعي ڄاڻ		خانيوال کي ملتان جا ٻہ تعلقا ملائي ١٩٨٥ ۾ ضلعي جو درجو ڏنو ويو. ضلعي جي آبهوا گرمين ۾ گرم ۽ سردين سرديءَ تي مشتمل آهي. هتان جا مکيہ فصل ڪٽڪ، ڪپهہ، ڪمند سوڌو پاڄيون ۽ ميوا آهن. هن ضلعي ۾ ملڪ جي ٻي وڏي ريلوي اسٽيشن، خانيوال جنڪشن جي نالي سان آهي. ضلعي خانيوال ۾ چار تحصيل آهن.		
ڪل پوکيءَ لائق رقبو (هيڪٽرن ۾)	٥٧٢٨٥٣		
ڪل اڻ پوکيل رقبو(هيڪٽرن ۾)	٦٠٤٣٩		
ڪل آبپاشي هيٺ رقبو	٥٧٠٥٤٥		
ربيع جا مکيہ فصل	ڪٽڪ		
خريف جا مکيہ فصل	ڪپهہ، ڪمند		
ڪل چوپائي مال جي آبادي	٢٧١٤٧٠٣		
ذريعو		**مٽيءَ جون خاصيتون**	
		زمين جومادو	**سلٽ ۽ مٽيءَ جو گڏيل مادو**
		غالب زمين جون حدون	شاهدره، پليڪي، پڪا، گاجياڻو، رستم
		پي ايچ	٧.١٠ — ٤.٧ (سراسري ٤١.٨)
		برقي ترسيل /بجليءَ جي پهچڻ جو نظام (ڊي ٥ ايم)	٥.١٩ — ١.٠ (سراسري ٦٢.٠)
		نامياتي مادو(في سيڪڙو)	٢,٨ — ١.٠ (سراسري ٧٥.٠)
		موجود فاسفورس (پ پ م)	١ - ٤٤ (سراسري ٩٢.٥)
		ڪيڻ جوڳي پوٽاشيم (پ پ م)	٢٨ - ٤٠٠ (سراسري ١٥٥)
		زمين جي آزمائش جي سهولت جو فائدو ڪٽندڙ هاري (في سيڪڙو)	٤٥
	پاڪستان جي ضلعي زمين جو جائزو ٻنيءَ متعلق مشاورتي خدمتون، فوجي ڪيميائي ڀاڻ ڪمپني لميٽيڊ (FFCL) ڪيميائي ڀاڻ جي استعمال جو تجزيو، ايف اي او (٢٠٠٥)		

پنجاب جي زمين جو بنيادي نقشو (FAO)، سپارڪو (SUPARCO) ۽ پنجاب حڪومت ذريعو(معلومات جو انتظام ڪندڙ ايڪو/ انفارميشن مينيجمينٽ يونٽ، FAO) پاڪستان	پاڻيءَ جي آزمائش جي سهولت جو فائدو ڪٽندڙ هاري (في سيڪڙو)	٢٤

٧٥. لوڌران ضلعي جي مٽيءَ جو پروفائل / خاڪو

لوڌران	

(لوڌران) زرعي چاڻ	ضلعولوڌران ستلج درياءَ جي اتر پرف واقع آهي. سڄو ضلعو هموار ميداني علائقو آهي. گرمين دوران گرم ۽ سردين دوران موسم ٺڏو رهي ٿو. ضلعي جا مکيہ فصل ڪٽڪ ۽ ڪپهہ جڏهن تہ ننڍا فصل چانور، سورج مکي، ڪمند ۽ تماڪ آهن. دنيا پور ۾ جر جو پاڻي بنيادي طور تي ٻاڙو جڏهن تہ ڪهروڙ پڪا ۽ لوڌران ۾ مٺو آهي. لوڌران ضلعي ۾ ٽي تعلقا آهن. لوڌران، ڪهروڙ پڪا ۽ دنياپور. ضلعي جو صدر مقام لوڌران شهر آهي.
ڪل پوکيءَ لائق رقبو (هيڪٽرن ۾)	۴۴٦٦٨٩
ڪل اڻ پوکيل رقبو(هيڪٽرن ۾)	٣٦٦٩٥
ڪل آبپاشي هيٺ رقبو	۴۴٦٦٨٩
ربيع جا مکيہ فصل	ڪٽڪ
خريف جا مکيہ فصل	ڪپهہ، چانور
ڪل چوپائي مال جي آبادي	١٥٧٣١١٨

مٽيءَ جون خاصيتون	
زمين جومادو	چن ۽ سلٽ گڏيل
غالب زمين جون حدون	شاهدره، پليڪي، پڪا، گاجياڻو، نبي پور

ذريعو: فصلن بابت رپورٽ ڪندڙ ادارو، شعبو معاشيات، وزارت تحفظ خوراڪ ۽ تحقيق (٢٠١۴ - ٢٠١٥)	
ذريعو: پاڪستان جي ضلعي زمين جو جائزو بنيءَ متعلق مشاورتي خدمتون، فوجي ڪيميائي ياڻ ڪمپني لميٽيڊ (FFCL)	
پي ايچ	٦.٧ — ٣.١٠ (سراسري ٨,٢٧)
برقي ترسيل /بجليءَ جي پهچڻ جو نظام (ڊي۵ايم ١٠)	١.٠ — ٧,٩ (سراسري ١٨.١)
نامياتي مادو(في سيڪڙو)	١.٠ — ١,٦ (سراسري ٧١.٠)
موجود فاسفورس (پ پ م)	١ - ٢۵ (سراسري ٢٦.٦)
ڪيڻ جوڳي پوٽاشيم (پ پ م)	٢٦ - ٣٨٠ (سراسري ١۵٣)

ڪيميائي ڀاڻ جي استعمال جو تجزيو، ايف اي او (٢٠٠٥) پنجاب جي زمين جو بنيادي نقشو (FAO)، سپارڪو (SUPARCO) ۽ پنجاب حڪومت ذريعو(معلومات جو انتظام ڪندڙ ايڪو/ انفارميشن مينيجمينٽ يونٽ، FAO) پاڪستان	زمين جي آزمائش جي سهولت جو فائدو ڪٽندڙ هاري (في سيڪڙو)	٥٠
	ڀاڻيءَ جي آزمائش جي سهولت جو فائدو ڪٽندڙ هاري (في سيڪڙو)	۴

٧٦. ملتان ضلعي جي مٽيءَ جو پروفائل /خاڪو

ملتان		
(ملتان) زرعي چاڻ		ضلعي ملتان جي زمين ميداني ۽اولهه پاسي ڏانهن چناب درياءَ گذرڻ جي ڪري تمام زرخيز آهي. هتان جا مکيه فصل ڪٽڪ، ڪپهه، پاڄيون ۽ ميوا (جهڙوڪ انب). هن ضلعي ۾ چار تعلقا، ملتان شهر، ملتان صدر، شجاع آباد ۽ جلال پور پير والا آهن.ضلعي جو صدر مقام ۾ آهي جيڪو ڏکڻ اوپر ايشيا جي تمام پراڻن شهرن مان هڪ آهي.
ڪل پوکيءَ لائق رقبو (هيڪٽرن ۾)	۴۷۷۷۹۷	
ڪل اڻ پوکيل رقبو(هيڪٽرن ۾)	۷۰۶۳۸	
ڪل آبپاشي هيٺ رقبو	۴۷۱۳۰۸	
ربيع جا مکيه فصل	ڪٽڪ	
خريف جا مکيه فصل	ڪپهه، ڪمند	
ڪل چوپائي مال جي آبادي	۲۳۴۲۸۹۱	
مٽيءَ جون خاصيتون		
زمين جومادو	**چن ۽ سلٽ گڏيل**	
غالب زمين جون حدون	رستم، شاهدره، پليڪي، پڪا، گاجياڻو	
ذريعو: فصلن بابت رپورٽ ڪندڙ ادارو، شعبو معاشيات، وزارت تحفظ خوراڪ ۽ تحقيق (۲۰۱۴ — ۲۰۱۵)		
پي ايچ	۳.۷ - ۱۰ (سراسري ۷,۹۱)	
برقي ترسيل /بجليءَ جي پهچڻ جو نظام (ڊي۵ايم ۱)	۰۴.۰ - ۳۷ (سراسري ۳۷.۰)	
نامياتي مادو(في سيڪڙو)	۱.۰ — ۰.۳ (سراسري ۰.۷۱)	
موجود فاسفورس (پ پ م)	۱ - ۲۵ (سراسري ۲۶.۶)	
ڪيڻ جوڳي پوٽاشيم (پ پ م)	۲۶ - ۴۰۰ (سراسري ۱۴۸)	
زمين جي آزمائش جي سهولت جو فائدو کڻندڙ هاري (في سيڪڙو)	۱۴	

ذريعو:

پاڪستان جي ضلعي زمين جو جائزو

بنيءَ متعلق مشاورتي خدمتون، فوجي ڪيميائي ياڻ ڪمپني لميٽيڊ (FFCL)

ڪيميائي ياڻ جي استعمال جو تجزيو، ايف اي او (۲۰۰۵)

پنجاب جي زمين جو بنيادي نقشو (FAO)، سپارڪو (SUPARCO) ۽ پنجاب حڪومت

ذريعو(معلومات جو انتظام ڪندڙ ايڪو/انفارميشن مينيجمينٽ يونٽ، FAO)پاڪستان	پاڻيءَ جي آزمائش جي سهولت جو فائدو ڪٽندڙ هاري (في سيڪڙو)	٣

٧٧. ضلعي مظفرڳڙھ جي مٽيءَ جو پروفائل / خاڪو

مظفرڳڙھ		
(مظفرڳڙھ) زرعي ڄاڻ		ضلعي مظفرڳڙھ جو بنياد ملتان جي مغل گورنر نواب مظفر علي خان ١٧٩٤ ۾ وڌو. ضلعو مظفرڳڙه اولھ کان سنڌو درياءَ ۽اوپر کان چناب درياءَ جي وچ ۾ آهي. هتي گرمين جي مند ۾ گرم ۽ خشڪ ۽ سياري ۾ ٺڏي موسم هوندي آهي.هتان جا مکيہ فصل ڪپھ، ڪڻڪ، ڪمند ۽ ميون جا باغ (خاص طورسنگتره ۽ انب) آهن. چناب درياءَ جي ويجهو هئڻ ڪري هي زمين سدائين مونسون ۾ ٻوڏ جو شڪار رهي ٿي. هن ضلعي ۾ چار تعلقا مظفرڳڙھ، علي پور، جتوئي ۽ ڪوٽ ادو آهن. ضلعي جو صدر مقام مظفر ڳڙھ ۾ آهي.
ڪل پوکيءَ لائق رقبو (هيڪٽرن ۾)	٦٧٩٦٣٧	
ڪل اڻ پوکيل رقبو(هيڪٽرن ۾)	٤٠٣٧٥٢	
ڪل آبپاشي هيٺ رقبو	٦٥٨٨١٨	
ربيع جا مکيہ فصل	ڪڻڪ	
خريف جا مکيہ فصل	ڪپھ، ڪمند	
ڪل چوپائي مال جي آبادي	٤٨٢٩٩٦١	
مٽيءَ جون خاصيتون		
زمين جومادو	چن ۽ سلٽ گڏيل	
غالب زمين جون حدون	شاهدره، ٽل رنگپور، ماتلي، سليانپور، جهڪر	
ذريعو: فصلن بابت رپورٽ ڪنڊڙ ادارو، شعبو معاشيات، وزارت تحفظ خوراڪ ۽ تحقيق (٢٠١٤-٢٠١٥)		
ذريعو: پاڪستان جي ضلعي زمين جو جائزو بنيءَ متعلق مشاورتي خدمتون، فوجي ڪيميائي ڀاڻ ڪمپني لميٽيڊ (FFCL)	پي ايچ	٣.٧ - ١٠ (سراسري ٩١.٧)
	برقي ترسيل / بجليءَ جي پهچڻ جو نظام (ڊي ٥ ايم$^{-1}$)	١.٠ — ٩,٩ (سراسري ٣٧.٠)
	ناميائي مادو(في سيڪڙو)	١.٠ — ٥.١ (سراسري ٨٩.٤)
	موجود فاسفورس (پ پ م)	١ — ٢٥ (سراسري ٦,٢٦)
	ڪيڻ جوڳي پوٽاشيم (پ پ م)	٢٥ - ٣٩٢ (سراسري ١٤٨)

ڪيميائي ڀاڻ جي استعمال جو تجزيو، ايف اي او (٢٠٠٥) پنجاب جي زمين جو بنيادي نقشو (FAO)، سپارڪو (SUPARCO) ۽ پنجاب حڪومت ذريعو(معلومات جو انتظام ڪندڙ ايڪو/انفارميشن مينيجمينٽ يونٽ، FAO) پاڪستان	زمين جي آزمائش جي سهولت جو فائدو ڪٽندڙ هاري (في سيڪڙو)	١٦
	پاڻيءَ جي آزمائش جي سهولت جو فائدو ڪٽندڙ هاري (في سيڪڙو)	٣

٧٨ – زرخيز مٽيءَ جا اهم مسئلا.



سر	ڪلر	نقشي جون علامتون
هاري (%)	هاري (%)	1. ملڪ 2. صوبو 3. ضلعو
لوٽيات	ٻيا مسئلا	نقشي بابت
هاري(%)	هاري(%)	نقشي ۾ ڏيکاريل معلومات زمين جي مختلف مسئلن بابت ڪيميائي ڀاڻ جي تڪڙي استعمال بابت ڪيل تحقيق (٢٠١٥) تي ٻڌل آهي.آبپاشي ٿيلل زمِين ۾ پيدا ٿيندڙ سر جو مسئلوڳٽتيءَ جوڳو آهي. ٻين مسئلن ۾ واهن ۾ پاڻيءَ جي کوٽ، ڪيميائي ڀاڻن جون وڌيل قيمتون،زرعي جنسن جون گهٽيل قيمتون، بجليءَ جي لوڊ شيڊنگ، وغيره پڻ رڪاوٽ طور فصلن جي پيداوار تي اثرانداز ٿين ٿا.
		معلومات جا ذريعا
		FAO, GAUL, حڪومت پنجاب، ٢٠١٥ RFUA
		نقشي جا ماپا ۽ حقيقت
		سادو ماپو:

ڀيل اڪثر لاڏائو آهن، جڏهن تہ ڪولهي ۽ مينگهواڙن جي وڏي اڪثريت (موسمي هجرت ڪن ٿا) غير زرعي مزدوري (مثال طور روڍن ۽ جاين جي مرمت) ڪن ٿا، جنهن ۾ عورتن جو وڏو تعداد پڻ ساڳئي مزدوري ڪري ٿو.انهن قبيلن جون عورتون سخت محنت ڪرڻ جي حوالي سان مشهور آهن.منچر ڍنڍ جا مهاڻا ڪجهہ عرصو ان منصوبي جي علائقي ۾ شامل نہ هئا. دلت ذات سان تعلق رکندڙ ڪجهہ گروپ خاص طور ٿري ۽ ڀيل موسمي طور ٻراج وارن علائقن خاص طور ميرپور خاص ، بدين ۽ سانگهڙ ڏانهن لڏپڏاڻ ڪري جو هارپي ڪم ڪرڻ جي حوالي سان سجاتا وڃن ٿا.جيتوڻيڪ اهي گروپ پنهنجي آباڻي زمين تي ڪنهن ٻہ گڏيل مفاد واري منصوبي جي علائقي ۾ شامل نہ آهن. ۽ اهڙي ريت مقامي ماڻهو هن تعريف جي اندر نٿا اچن (انهن وٽ مڪيہ زمين نہ آهي پر منصوبي جي علائقن جي اندر زميني سان لاڳاپا آهن

١٣٣. پنجاب ۾ مڇي مارندڙ ماڻهو ڪيهلس ۽ مورس قديم مقامي آبادي ۾ شامل ٿي سگهن ٿا. ڪيهلس ۽ مورس چشما ٻراج ۽ تونسہ ٻراج جي وچ واري قدرتي ماحولياتي علائقي ۾ رهن ٿا. انهن جي پنهنجي ڳٽپ موجب ٻنهي ٻراجن ۾ ٤٠.٠٠٠ ۽ ٤٥.٠٠٠ جي وچ ۾ خاندان آباد آهن.انهن قبيلن جو محدود تعداد منصوبي ۾ شامل ضلعي ڊيرا غازي خان (ڏکڻ پنجاب) ۾ ٻہ موجود آهي. جيتوڻيڪ اها اميد نٿي لڳائي سگهجي تہ اهو منصوبو پهنجي رهائش جي علائقن ۾ يا ان جي ويجهو ڪم ڪندو.ڪيهالس ۽ مورس ڪانپ مان ٽوڪريون، پکين جا پڇرا ناهي گذارو ڪن ٿا ۽ مڇي مارڻ سندن موسمي مزدوري ٿي پئي آهي.

٣,٣,٢ تعليم

۱۳۴. پاڪستان ايجوڪيشن اسٽيٽڪس (پي اي ايس) ۲۰۱۵,۱٦ موجب پاڪستان اندر تعليم جي صورتحال گهڻي پوئتي آهي جڏهن ته حڪومت پاران ڪيل واعدن جي باوجود حدف حاصل نه ٿي سگهيا آهن.جيئن خواندگي جو تناسب ، پرائمري جي داخلا جو تناسب وڌائڻ جو حدف حاصل نه ٿي سگهيا آهن. ڏکڻ ايشيا ۾ پاڪستان جو اسڪول کان ٻاهر ٻارن جو تعدا ٻين مُلڪن کان وڌيڪ آهي. هڪ اندازي مطابق اسڪول کان ٻاهر ٻارن جو تعداد ۲۲,٦ ملين آهي جيڪو ۴۴ سيڪڙو آهي ۽ انهن ۾ گهڻو حصو ڇوڪرين جو (۴۹سيڪڙو) آهي. سنڌ ۾ اسڪول کان ٻاهر ٻارن جو ۵۵ سيڪڙو ۽ پنجاب ۾ ۳۸ سيڪڙو آهي. ۱۳۵. جيئن ته ۱۱ نمبر ٽيبل ۾ ڏيکاريل آهي ته اسڪول کان ٻاهر رهندڙ ٻارن جو تناسب ۾ صنفي فرق موجود آهي جيڪو پنجاب ۽ سنڌ صوبي ۾ ڏيکاريو ويو آهي.ان سلسلي ۾ وڌيڪ ڄاڻ لاءِ ضميمو ٦ ۾سنڌ ۽ پنجاب ۾ تعليم جي حوالي سان صنفي فرق جو جائزو موجود آهي.

ٽيبل ۱۱: سنڌ ۽ پنجاب ۾ اسڪول نه ويندڙ ٻارڙا

	مرد (%)	عورتون (%)	ٽوٽل
پنجاب	۳٦	۴۰	۳۸
سنڌ	۵۱	٦۱	۵۵

۱۳٦. پاڪستان ۾ خوaندگي جو تناسب انتهائي گهٽ آهي. ۲۰۱۵,۱٦ ۾ ملڪي خواندگي جو تناسب۵۸ سيڪڙو هو. ۲,۰ سيڪڙو گذريل مالياتي سال ۾ اسڪول ڇڏڻ وارن جو هو. پنجاب صوبي ۾ مجموعي طور تي خواندگي جي شرح ٦۲ سيڪڙو آهي. جڏهن ته سنڌ ۾ فقط ۵۵ سيڪڙو ماڻهو پڙهيل لکيل آهن. ٽيبل ۱۲ ۽ ۱۳ ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي ضلعن جي خواندگي جي شرح ڏيکاريل آهي.

۴۱ Country Technical Note on Indigenous peoples' Issue Pakistan, IFAD

۴۲ http//www.unicef.org/Pakistan/OSC UNICEF Annual Report.pdf

۴۳ http/library.aepam.edu.pk/Books/Pakistan%۲۰Education%۲۰Statistics%۲۰۲۰۱۵.۲۰۱٦pdf

ٽيبل ۱۲: ضلع سطح تي خواندگي جو تناسب (پنجاب)

ضلعا	۱۰سال ۽ ان کان مٿي عمر جي ٻارڙن جي خواندگي تناسب		
	ڇوڪرو	ڇوڪري	ڪُل تعداد
ڊيرا غازي خان	۴۲	۱۸	۳۰
خانيوال	۵۳	۲۵	۴۰
لوڌران	۴۳	۱٦	۳۰
ملتان	۵۳	۳۲	۴۳
مظفر ڳڙهه	۴۱	۱۵	۲۸

پنجاب*	صوبو (سراسري)		
	۵۹	۵۴	
	شهري		
	۸۲	۷۳	٦٢
	بهراڙي		
	٦٦	۴۴	

): http://www.pbs.gov.pk/pco-punjab-tables.١٢Source (Table

ٽيبل ١٣: ضلع سطح تي خواندگي جو تناسب (سنڌ)

`ضلعا	١٠سال ۽ ان کان مٿي عمر جي ٻارڙن جي خواندگي تناسب		
بدين	چوڪرو	چوڪري	ڪُل تعداد
سانگهڙ	۳۵	١٣	٢۴
عمرڪوٽ	۴٣	١٨	٣١
	٣٦	١٢	٢۵
سنڌ*	صوبو (سراسري)		
	٦٧	۴۴	۵۵
	شهري		
	٨٠	٦۵	
	بهراڙي		
	۵١	١٩	

): http://www.pbs.gov.pk/pco-punjab-tables.١٢Source (Table

١٣٧. تعليم جي سست رفتاري جي نشانين پويان ڪجهه ذميوار سبب آهن، ١. جنهن ۾ اسڪولن جي خاص طور پوئتي پيل علائقن ۾ ڇوڪرين جي اسڪولن جي ڪوٽ. ٢. استادن جي ڪوٽ ۽ غير حاصري .٣. تربيت yآفته قابل استادن جي ڪوٽ . ۴. اسڪولن ۾ پاڻي، حاجت خانه ۽ چوديواري جي ڪوٽ.. ۵. ڪمزور انتظامي سار سنڀال ۽ ان کان سواءِ اسڪول جي ٻاهران موجود ٻيا سبب جهڙوڪ تنگ نظر ۽ قبائلي ثقافت، عدم تحفظ، امن امان جو مسئلو ۽ غربت به آهن.

٣,٣,٣. **صحت**

.١٣٨. پاڪستان ۾ بنيادي صحت جو نظام وڏي پئماني تي منتشر حالت ۾ آهي، جيڪو شهرين کي تربيت yآفته ڊاڪٽر ۽ سستيون دوائون مهيا ڪري. جڏهن ته اهي ٻئي سهولتون ۽ صحت جا نتيجا گهٽ ظاهر ٿين ٿا. ملڪ جو صحت ڪاتو ڪمزور رهيو آهي([١٤٤]). هتي بهراڙي ۽ شهر ۾ جاري بجيٽ ۾ موجود فرق جي ڪري بيمارين جي روڪٿام ، گهربb ل وقت تي علاج ۽ دوائن جي عدم توازن، غير متناسب صورتحال ، صحت سان لاڳاپيل تربيت yآفته عملي جي اڻ هوند يا شديد ڪوٽ ۽ صحت جي حوالي سان ٻين سهوليتن وارين خدمتن جي غير موجودگي وارا مليل نتيجا موجود آهن. پاڪستان ۾ سياسي دلچسپي جي ڪوٽ ڪري بهراڙين ۽ شهرن جي پوئتي پيل ڪچي آبادي وارن علائقن ۾ صحت جي سهولتن تائين عام ماڻهو جي پهچ نه آهي

[1] Improving Public Health Delivery in Punjab, Pakistan: Issues and Opportunities by Michael Callen, SaadGulzar,Ali ۴۴ Hasnain,Abdul Rehman, Yasir Khan and Muhammad ZiaMehmood The Lahore Journal of Economics

[1]http//healthcarecommunications.imedpub.com/spotlight on Sindh health sector budget.pdf۴۵

۱۳۹. صحت جون سهولتون جيڪي وڏي پئماني تي آساني سان مهيا ڪري سگهجن ٿيون انهن کي ٽن حصن ۾ ورهايyo ويو آهي. بنيادي صحت جي نگهداشت، ٻي درجي جي صحت جي نگهداشت ۽ ٽئين درجي جو صحت جي نگهداشت آهي. تصوير ۲۰ انهن حصن کي ظاهر ڪري ٿي.

تصوير ۲۰ صحت جي سهولتن جي قسمن جي مختلف درجہ بندي

۱۴۰.

, Government of Punjab)۱۴-۲۰۱۳(Source: Annual Report Health Department

پنجاب ۾ ڪل ۳۲۸۷ صحت جون سهولتون موجود آهن جنهن ۾ ۲,۴۶۱ (۷۵ سيڪڙو) بنيادي صحت مرڪز (بي ايچ يو) بہ شامل آهن.ان جي باوجود صحت جي سهولتن جو اهو وسيع نيٽ ورڪ صوبي جي ماڻهن جي گهربل صحت جي سهولتن جي حوالي سان گهٽ آهي.(۴۷). پئدائش دوران ٻارن جي موت جي شرح هر ۱۰۰۰ ۾ ۷۷ آهي، ۵ سالن کان هيٺ ٻارن جي موت جو تناسب ۱۰۰۰ ۾ ۱۱۲ آهي. مائرن جي موت جي شرح ويم دوران هڪ لک تي ۳۰۰ آهي ۽ قومي سطح تي اها ۳۵۰ ٻڌائي وڃي ٿي. صوبي ۾ فقط ۵۸ سيڪڙو آبادي کي صفائي سٿرائي جي سهوليت حاصل آهي ۽ پنجاب ۾ اٽڪل ۴ ملين ٻار غذائي کوٽ جو شڪار آهن. ڳورهاري عورتن جي ڪل تعداد جو ٿيون حصو رت جي کوٽ (اينيميا) جو شڪار آهي. پنجاب جي ضهت کاتي موجب خوراڪ جي گهٽتائي مائرن ۽ ٻارن جي موت جو وڏو سبب آهي،

۱۴۱. صوبي ۾ ماڻهن جي خراب صحت جو سبب غربت، خاص طور عورتن ۾ تعليم جي کوٽ ۽ سماج جي گهڻن حصن ۾ عورتن جي صحت جي صحيح سنيل جو نہ هجڻ ۽ صفائي سٿرائي ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي جو نہ ناڪافي هجڻ بہ آهي.ايشين معيار (۱,۳سيڪڙو ورلڊ بينڪ رپورٽ جي مقابلي ۾ ۰,۷ سيڪڙو) موجب صحت تي گهٽ خرچ ۽ لاڳت ٿي رهي آهي. صحت جي خدمتن ۾ سرڪاري ۽ نجي حدن ۾ شديد گهٽتائي سان ان ڳالهہ جو لاڳاپو آهي.(۴۸)

۱۴۲. سنڌ ۾ ڪل ۱۸۸۰ صحت جون سهولتون موجود آهن، جنهن ۾ ۷۵۷ (۴۰ سيڪڙو) بي ايچ يوز بہ شامل آهن.(۴۹). گهڻ طرفي پاسن کان ٿيل سروي (ايم آئي سي ايس) موجب جيڪا ۲۰۱۴ ۾ ڪئي وئي هئي.سنڌ ۾ جم دوران ۱۰۰۰ ۾

۸۲ ٻارن جي موت ٿيو ۽ ۵ سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن جي موت جي شرح ۱۰۰۰ ۾ ۱۰۴ آهي. مائرن جي ويم دوارن موت جي شرح ۱۰۰۰۰۰ ۾ ۳۱۱ آهي. اڪثر ڪري ۵ سالن کان گهٽ عمر جا ٻار (۴۸ سيڪڙو)پنهنجي واڌ ويجهه کان محروم ٿي وڃن ٿا.سنڌ جو اهم مسئلو صاف پاڻي جي کوٽ کي پورو ڪرڻ آهي. سپريم ڪورٽ جي سنڌ ۾ پاڻي ۽ صفائي سٿرائي جي حوالي سان نهيل عدالتي ڪميشن جي ۲۰۱۷ ۾ جاري ٿيل رپورٽ موجب صوبي ۾ ۷۵ سيڪڙو ماڻهو پيئڻ ۾ گندو پاڻي اپنائن ٿا. گندو ۽ گدلاڻ وارو پاڻي ڪاري ڪامڻ ، جيري جي ڪينسر، رت جي کوٽ ، ٻارن جي واڌ ۾ رڪاوٽ ۽ ٻين بيمارين ڦهلڻ جو وڏو سبب آهي.(۵۰).

, Health Department, Government of Punjab.۱۴.۲۰۱۳.Annual Report Health Department ۴٦

.http//health.punjab.gov.pk/Punjab Health Profile.۴۷

.http//health.punjab.gov.pk/Punjab Health Profile۴۸

.http//www.sindhhealth.gov.pk/Tertiary۴۹

.pdf۲۰۱٦.۳۸۰.http//www.supremecourt.gov.pk/web/user files/File/Final Report of Commission Const.p.۵۰

۴.۳.۳ غربت جي سمجهاڻي

۱۴۳. پاڪستان ۾ غربت گهڻ رخي ۽ اثرائتي آهي، ان جو دارومدار جاگرافي ۽ سماجي- سياسي ماحول تي آهي. سڄي ملڪ ۾ ماڻهو ۽ سندن ڪٽنب تباهه ڪندڙ قدرتي آفتن، شدت پسندي، فرقيوراڻي تشدد، امن امان جي بدلجندڙ صورتحال، ڪمزور حڪمراني سان واڳيل مسئلن سميت هر طرح جي مسئلن کي منهن ڏيندا آهن. ان صورتحال کي ٻيا سبب وڌيڪ خراب ڪري سماجي ترقي کي گهٽائيندا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ شهري ڇڙوڇڙ ٿيو وڃن ۽ ان جو نتيجو مردن ۽ عورتن جي سماجي- اقتصادي ترقي جي رڪجڻ جي صورت ۾ نڪري ٿو.

۱۴۴. غربت جي گهڻ رخي انڊيڪس۵۱ (ايم پي آءِ) رپورٽ مطابق اٽڪل ۳۹ سيڪڙو پاڪستاني گهڻ رخي ۵۲ غربت ۾ رهن ٿا. مختلف علائقن ۽ صوبن ۾ به ان جو فرق موجود آهي. جيتوڻيڪ ايم پي آءِ مان ثابت آهي ته (غربت ۾) وڏي گهٽتائي آئي آهي. قومي سطح تي ۲۰۰۴ع کان ۲۰۱۵ع تائين غربت جي شرح ۵۵ سيڪڙو مان گهٽجي ۳۹ سيڪڙو ٿي وئي آهي. پر ملڪي سطح تي سڄي پاڪستان ۾ اها گهٽتائي هڪ جهڙي نه آهي. صوبن مان ۴.۳۱ سيڪڙو۵۳ شرح سان پنجاب ۾ گهڻ رخي غربت سڀ کان گهٽ آهي. ۴۳سيڪڙو سان سنڌ ٻئي نمبر تي آهي، اها ڳالهه تمام اهم آهي ته سڄي سنڌ ۾ گهڻ رخي غربت ۴۳سيڪڙو آهي، پر سنڌ ۾ ٻهراڙين جي ۷۵ سيڪڙو آبادي انتهائي غربت جو شڪار آهي. ۵۴

---

۵۱ ايم پي آءِ او پي ايچ آءِ ۽ يو اين ڊي پي جي هيومن ڊيولپمينٽ رپورٽ آفيس جي تيار ڪيل آهي، ايم پي آءِ رڳو آمدني ۽ دولت کانسواءِ غربت جي وسيع تصور کي استعمال ڪندي آهي، ان ۾ ڪيترين ئي محرومين کي نظر ۾ رکيو ويندو آهي، جن کي ماڻهو تعليم، صحت ۽ حياتي گهارڻ جي معيار طور محسوس ڪندا آهن.

(۵۲) ايم پي آءِ ٻن جزن تي ٻڌل آهي (۱) غربت واقع ٿيڻ (اچڻ) (H): گهڻ رخا غربت ظاهر ڪيل ماڻهن جي سراسري يا غربت جي ڳڻپ-(۲) غربت جي شدت (A) انهن رخن جي سراسري شرح، جنهن جو غريب شڪار آهن. آسان لفظن ۾ ان جي معنيٰ آهي ته گهڻ رخي غربت ڪيتري شديد ۽ ڪيتري خراب آهي ۽ غريبن ۾ ان جي شرح ڪيتري آهي.

۵۳ پاڪستان ۾ گهڻ رخي غربت Multidimensional poverty In Pakistanآڪسفورڊ پاورٽي اينڊ هيومن ڊيولپمينٽ انيشيٽو (OPHI) ۽ ايو اين ڊي پي پاڪستان

. Multidimensional poverty in Pakistan. U R L: http://www.ophi.org.uk/wp-content/uploads/Multidimensional-٢٠١٥. U N D P.٥۴ poverty-in-pakistan.pdf

١۴٥.منصوبي لاءِ تجويز ڪيل ضلعن مان عمرڪوٽ (٨.٨۴٪ سيڪڙو) ۽ بدين (٨.٧۴ سيڪڙو) سنڌ جا سڀ کان وڌيڪ غربت جو شڪار ضلعا آهن، انهن کانپوءِ سانگهڙ (٨.٦٦ سيڪڙو) آهي، جڏهن ته پنجاب ۾ مظفر ڳڙهه ضلعي ۾ سڀ کان وڌيڪ ٨.٦۴ سيڪڙو غربت آهي. ان کانپوءِ ڊي خان(٧.٦٣٪ سيڪڙو) لوڌران(٨.۴٦ سيڪڙو، خانيوال(٩.٣٩ سيڪڙو) ۽ ملتان (٧.٣٥٪ سيڪڙو)ضلعا آهن. تصوير نمبر ٢٠ سڄي پاڪستان ۾ غربت کي ظاهر ڪري ٿي.

تصوير ٢٠: غربت اچڻ (١٥-٢٠١۴ع)

ضلعي وار غربت

١٠ سيڪڙو کان گهٽ

١٠ کان ٩١.٩ سيڪڙو

٢٠ کان ٩.٢٩ سيڪڙو

٣٠ کان ٩.٣٩ سيڪڙو

۴٠ کان ٩.۴٩ سيڪڙو

٥٠ کان ٩.٥٩ سيڪڙو

٦٠کان ٩.٦٩ سيڪڙو

٧٠ سيڪڙو ۽ ان کان وڌيڪ

معلومات نه آهي.

صوبائي سرحد

ضلعي سرحد

ڪنٽرول لائين

٣.٣.٣ پورهيت ۽ هارپو

١۴٦-لاڏائو پورهيت: پاڪستان ۾ لاڏائو پورهيت خاص طور تي زراعت ۾ هڪ حقيقت آهي، خاص طور تي خانه بدوش جي نالي سان هڪ نسلي گروهه موجود آهي، جيڪو ڪم جي ڳولا ۾ رهندو آهي (٥٥) اهي پنهنجي لاءِ ڪم پاڻ پيدا ڪندا آهن، انهن جون عورتون معاشي سرگرمي ۾ وڌيڪ سرگرم رهنديون آهن. اڪثر پورهيت ٻار هن گروهه مان ئي هوندا آهن، سندن لاڏائو زندگي هنن لاءِ پئسا گڏ ڪرڻ ۽/يا تعليم حاصل ڪرڻ ۾ رنڊڪ آهي. سندن ٻار باقاعدگيءَ سان اسڪول وڃي ئي نٿا سگهن.

۱۴۷- جبري پورهئو ۽ پورهيت ٻار: پاڪستان جي صوبن ۾ جبري پورهئي ۽ ٻارن کان پورهيو ڪرائڻ جي تاريخ آهي، توڙي جو ان کي جلد از جلد روڪڻ لاءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن سٺي قانونسازي به ڪئي آهي. پاڪستان ۾ قرض ۾ غلامي وارو سلسلو اڄ به رائج آهي،(۵٦) عالمي غلامي واري انڊيڪس Global slavery index ۲۰۱٦ع مطابق پاڪستان ۾ ۲۱ لک ۳۰ هزار (۲,۱۳ ملين) ماڻهو جديد غلامي جو شڪار آهن، ڪل تعداد جي حساب پاڪستان دنيا جي ۱٦۷ ملڪن ۾ ٽئين نمبر تي آهي. (۵۷) پنجاب ۽ سنڌ صوبو جبري پورهئي جا مرڪز آهن، خاص طور تي سرن جي بٽن، زراعت ۽ غاليچا سازي جي صنعت ۾ وڏيڪ جبري پورهئو ورتو وڃي ٿو. سنڌ جي زرعي شعبي ۾ ڪيترن ئي آبادگارن جا هاري نظام تحت غير سرڪاري معاهدا هوندا آهن. پورهيو ڪندڙ هاري سڄي اپت زميندار کي ڏيندا آهن، جيڪو ڪين پيداوار مان حصو ڏيندو آهي. ڪاڏي ۽ ڇت ڪانسواءِ ٻيون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪين مجبريءَ کان قرض وٺڻو پوندو آهي، جنهن سان غربت، قرض ۽ جبري پورهئي جو چڪر شروع ٿي ويندو آهي. (۵۸)

۱۴۸. ساڳي ريت قرض چُڪائڻ لاءِ خاندان پنهنجي ٻارن کي به زرعي پورهئي ۾ ڌڪڻ تي مجبور ٿيندا آهن. جيئن ته ٻارن جي پورهئي تي آخري قومي سروي ۱۹۹٦ع ۾ ٿيو هو. ان لاءِ سڄي پاڪستان ۾ پورهيو ڪندڙ ٻارن جا درست انگ اکر موجود نه آهن. آءِ ايل او جي ڏڪڻ ايشيا ۾ ٻارن جي ڪم تي ۲۰۱۵ع ۾ تيار ڪيل رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته ۲۰۱۱ع ۾ ڪيل قومي سروي مطابق پاڪستان ۾ گهٽ ۾ گهٽ ۳۴ لک (۴.۳ ملين) ٻار پورهئي سان واڳيل آهن. (۵۹) ان جي ابتڙ پاڪستان جي تنظيم رورل سپورٽ پروگرام نيٽ ورڪ (RSPN) جو ڪاٿو آهي ته: ۲ ڪروڙ ۷۰ لک (۲۷ ملين) ٻارڙا سڄي ملڪ ۾ زرعي شعبي سان واڳيل آهن. (UNICEF-RSPN) (٦۰) پنجاب ۾ ۵ کان ۱۴ سالن جا ۴.۱۲ سيڪڙو ٻار ڪم ڪندا آهن

۵۵/http://stude.edpsilon.slu.se/۳۹۹٦/nawaz-a-m-۱۲۰۳۲۰pdf.

۵٦/http://reporterbasil.org.br/wp-content/uploads/۲۰۱۴/Global-slavery-۲۰۱۴-LR-FINAL-pdf.

۵۷/http://www.gobalslaveryindex.org/findings/ .

۵۸ ibid .

۵۹/http://ilo.org/wcmsp۵/groups/public/...asia...ro-bankok/...sro-newdelhi/downloads/publication/wcms۳۵۹۷۱pdf.

٦۰/http://www.rspn.org/index.php/current-projectunicef-rspn-promoting-child-rights-in-cotton-farming-areas-of-sindh .

۽ ۷ کان ۱۴ سالن جا ۲.۸ سيڪڙو ٻار ڪم سان گڏ تعليم به حاصل ڪندا آهن. سنڌ ۾ اهو انگ وڌي ۵.۳۱ ۽ ٦.۱۱ سيڪڙو ٿي وڃي ٿو (آمريڪا جو پورهيت ڪاتو ، ۲۰۱٦ع) اها ڳالهه اهم آهي ته ڪم ڪندڙ ٻارن جون رپورٽون آءِ ايل او ۽ يونيسيف جي ٻڌايل وصفن تحت ايندڙ ٻارن جي پورهئي بابت آهن، اهي صوبائي، وفاقي ۽ عالمي قانونن/معاهدن جي "ٻارن جي ڪم" واري وصف موجب نه آهن (٦۱) زرعي شعبي ۾ ٻار هارپو ڪندا آهن، جنهن ۾ ڦٽين جو چونڊو، ڪٽڪ جو لابارو، ڪمند جي وادي، ڪجين، تماڪ ۽ پٽاٽن جي ڪٽائي شامل آهي، ڇوڪريون مائرن سان گڏ چوپايو مال سنڀالين ٿيون، انهن مان ڪجهه ڪم عمر سارو ورتا وڃن ٿا، ۽ ان ڪري ٻارن جي پورهئي جي زمري ۾ نٿا اچن. اهي ڪو مسئلو به پيدا نٿا ڪن. ٻيا ڪم ٻارن جي پورهئي جي زمري ۾اچن ٿا.

۱۴۹-ٻارن جو پورهيو روڪڻ لاءِ پاڪستان جي حڪومت ڪيترائي قدم کنيا آهن، ڪيترائي قانون جوڙيا ويا آهن ۽ ڪم جي گهٽ ۾ گهٽ عمر ۾ اضافو ڪيو ويو آهي. پنجاب ۽ سنڌ ۾ ڪم ڪرڻ جي گهٽ ۾ گهٽ عمر ۱۵ سال آهي، جڏهن ته خطرناڪ ڪمن لاءِ پنجاب ۾ گهٽ ۾ گهٽ عمر ۱۸ ۽ سنڌ ۾ ۱۹ سال آهي. ۱٦ سال جي ڄمار تائين تعليم

لازمي قرار ڏني وئي آهي. قانونن جي موجودگيءَ باوجود وونئٽن، ڪمند ۽ ڪٽڪ جهڙن اهم فصلن ۾ ٻار پورهيو ڪندا آهن. خاص طور تي ڪٽائي وقت ٻارن جو پورهيو ٿيندو آهي.(٦٢) اسپارڪ SPARC (٢٠١٦ع) نواز (٢٠١٢ع) ۽ ورلڊ وزن آسٽريليا جي رپورٽن ۾ به ڄاڻايو ويو آهي ته انهن قيمتي فصلن ۾ به ٻارن کان پورهيو ڪرايو ويندو آهي. پورهئي جي عالمي تنظيم I LO پاڪستان جي حڪومت جي سهڪار سان ٻارن جي جبري پورهئي جي خاتمي لاءِ ٢٤ آگسٽ ٢٠١٦ع تي رٿا شروع ڪئي. اهو پروگرام خانيوال، ملتان ۽ ڊيرا غازي خان ضلعن ۾ جاري آهي.

١٥٠. هارپو: پراجيڪٽ وارن ضلعن ۾ گهرن جي مالڪي جي صورتحال اها آهي ته: پنجاب جي ڄاڻايل ضلعن ۾ ٩١ اسيڪڙو ماڻهو انهن گهرن جا مالڪ آهن، جن ۾ اهي رهن ٿا. سنڌ ۾ اهو انگ ١.٨٧ سيڪڙو آهي، زرعي زمين جي مالڪي جي صورتحال پنجاب ۾ وڌيڪ بهتر آهي، جتي ٨.٣٥ گهر ڀاتي زرعي زمين جا مالڪ آهن، جڏهن ته سنڌ ۾ اهو انگ ٤.٢٢ سيڪڙو آهي، پاڪستان ۾ زمين جي مالڪي جا قانون اهڙا آهن، جو يا ته زمين حڪومت جي آهي يا وري نجي طور فردن جي ملڪيت آهي، سموري زمين يا ته زميندارن جي آهي، يا وري رياست جي (٦٣)

٦١-آءِ ايل او ۽ يونسيف موجب: ٻارن جي هر ڪم کي ٻارن جو پورهئو نه ٿو چئي سگهجي، ٻارن جي ڪم ۽ ٻارن جي پورهئي وچ ۾ فرق ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن ڪم مثلا خانداني ڪاروبار ۾ هٿ وندائڻ يا اسڪول جي موڪلن ۾ ڪم ڪرڻ سان ٻارن جي صحت، واڌ ويجهه ۽ تعليم تي ناڪاري اثر نه ڇڏي ته اهو ٻارن جو پورهيو نه لکبو، اهي سرگرميون ٻارن جو پرهيو نه پر ٻارن جو ڪم آهن. ٻارن جو ڪم نه رڳو سندن واڌ ويجهه پر معاشري جو ڪارآمد شهري بڻجڻ لاءِ به ضروري آهي.

٦٢- امريڪا جو پورهيو ڪاتو، بيورو آف انٽرنيشنل آفيئرز، ٢٠١٦ع

٦٣ . UN-Habitat, ٢٠١٢. A Guide on Land and Property Rights in pakistan, URL: http://www.ndma.gov.pk/Publications/A%٢٠Guide%٢٠on%٢٠Land%٢٠and%٢٠Property%٢٠Rights%٢٠in%Pakistan%٢٠٢٠١٢٠٢٠. pdf

١٥١. پراجيڪٽ ۾ شامل ضلعن جي ڳوٺن کي چنڊچاڻ ۽ عملدرآمد واري مرحلي دوران رٿا جي پهرئين سال چونڊيو ويندو آهي ۽ اتي جي آبادگارن (زمين مالڪن ۽ هارين ٻنهي) سان صلاح ڪئي ويندي آهي، اها اهم ڳالهه معلوم ٿي آهي ته انهن ضلعن ۾ ڪيترائي آبادگار هارين جي ڪيٽيگيري ۾ اچن ٿا، جن زميندارن کي زمين مقاطعي تي ڏني آهي ۽ اهو معاهدو زباني آهي، ان جي ڪين اسلامي قانون اجازت ڏين ٿا. ان جي باوجود به ته اهڙن زباني معاهدن جي حوصلا شڪني ۽ لکت ۾ ناهه جي تاڪيد ڪيل آهي، رڳو هڪ مثال آهي ته حڪومت سرڪاري زمين ڪنهن اقليتي، عيسائين، کي ڏني هجي، ان جا به ڪاغذ اجا نه مليا آهن، اهي عيسائي آبادگار مظفر ڳڙهه ضلعي جي تعلقي ڪوٽ ادو جي يونين ڪائونسل ۽ ڳوٺ عزيز آباد جا رهواسي آهن، حڪومت اهو علائقو عيسائي برادري لاءِ ڏنو ته ان ڪانپوءِ اين جي اوز سرگرم ٿيون. ۽ اتي بنيادي انفراسٽرڪچر مثالطور: ٻارن لاءِ اسڪول قائم ڪيو ۽ هاڻ اهو خدشو نه آهي ته انهن آبادگارن کي اتان لڏايو ويندو. اهو به ٻڌائڻ ضروري آهي ته سيني ضلعن ۾ آبادگارن سان ڳالهين، گڏيل قومن جي خوراڪ واري اداري جي حيدرآباد واري آفيس ۾ ڪم ڪندڙ عملي سان گڏجاڻين ڪانپوءِ اها ڳالهه واضح ٿي ته سنڌ حڪومت والنٽري گائيڊ لائينز آن دي رسپانسيبل گورننس آف ٽينيور (V GGTO) تي عمل لاءِ سهڪار ڪري رهي آهي، ۽ جتي زمين جي رجسٽريشن ۽ مقاطعي جا ناهه لکت ۾ نه پيا ٿين، اتي ڪم ڪيو پيو وڃي. ساڳي ريت عالمي بئنڪ سنڌ واٽر سيڪٽر امپرومينٽ پراجيڪٽ (SWISP) ۾ سڪهار ڪري رهي آهي، جنهن ۾ خوراڪ واري عالمي اداري (FAO) جي فني مدد به شامل آهي. ان سان آبادگارن جي تنظيمن (FOS) جي صلاحيتن ۾ اضافو ڪيو پيو وڃي،

تھ جيئن مجيرين ۽ هارين وچ ۾ لاڳاپا بهتر ٿين. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي تھ هن پراجيڪٽ ۾ شامل ضلعن ۾ ڪيترن ئي آبادگارن کي سندن زمين جي ليز جا معاهدا لکت ۾ ملي رهيا آهن.

١٥٢. پاڪستان جي آزاديءَ کانپوءِ ٻهراڙين ۾ گهٽي پاڳي زمين جاگيردارن جي ملڪيت رهي آهي، جتي وڏا جاگيردار هارين ۽ مزدورن کان پنهنجي زمين تي ڪم ڪرائيندا آهن (٦٤) ٻهراڙين جي معيشت ۾ پاڻي کي ويجهي زمين اصل اثاثو سمجهي ويندي آهي، ٻهراڙي جي اٽڪل ٤٣ سيڪرو آبادي بي زمين آهي، يا ان جي قريب آهي ۽ ان جي زرعي پاڻي ۽ ٻين پيداواري وسيلن تائين پهچ نه آهي. سنڌوماٿريءَ ۾ پاڻي واري زمين جي مالڪي تمام گهٽي اهميت واري هوندي آهي. ٢٠ کان ٤٠ سيڪڙو خاندان بي زمين يا تمام ٿوري زمين جا مالڪ آهن. اهي يا تھ زمين مقاطعي تي يا فصل جي پيداوار جي حصي تحت ڪاهيندا آهن، يا وري مزدورن طور ڪم ڪن ٿا. ڪيترائي وري ڏنار بڻجي ويندا آهن.(٦٥)

١٥٣. زمين جي ملڪيت کي ئي سڄي ملڪ ۾ موجود غربت ۽ عدم استحڪام جو مک سبب سمجهيو وڃي ٿو. (٦٦) ١٩٩٠ع ۾ ٻن هيڪٽرن کان گهٽ زمين رکندڙ ننڍن زميندارن جو تعداد ٩٦سيڪڙو هو، پر انهن وٽ ڪل زمين مان رڳو ٥٥ سيڪڙو زمين هئي. سن ٢٠٠٠ع تائين ٻهراڙي جي رڳو ٣٧ سيڪڙو خاندانن وٽ زرعي زمين هئي ۽ ٻهراڙين جي ٢٠ کان ٤٠ سيڪڙو آبادي يا تھ بي زمين هئي، يا وري تمام گهٽ زمين جي مالڪ هئي. سڄي ملڪ ۾ ٧ سيڪڙو فارم ٢٠٠ يا

---

٦٤. USAID, ٢٠١٠.

٦٥. USAID, ٢٠١٦.

٦٦. ibid.

وڏيڪ هيڪٽرن تي مشتمل هئا ۽ ملڪ جي ٤٠ سيڪڙو زمين تي قائم هئا. پاڪستان جو وچولو نجي فارم گهٽ ۾ گهٽ ٣.١ هيڪٽر زرخيز زرعي زمين تي مشتمل هوندو آهي. زرعي مزدورن ۽ هارين ۾ غربت تمام گهڻي آهي ۽ ان جو زمين اپت جي حصي جي بنياد تي ڪاهڻ واري طريقي سان سڌو واسطو آهي. (٦٧)غربت ۾ گهٽائي وڏيڪ بي زمين ماڻهن کي زمين جو مالڪ بڻائڻ ۽ خاندانن وٽ هڪ کان ٢ ۽ وڏيڪ هيڪٽر زمين هجڻ سان لاڳاپيل آهي. (٦٨) هارپي جي موجودا نظام ۽ زميندارن جي ٿوري انگ وٽ زمينن جي مالڪي ۽ اختيار کي پاڪستان جي زرعي شعبي جي تيز رفتار ترقي ۾ رنڊڪ قرار ڏنو ويو آهي. (٦٩)

١٥٤. حڪومت زمين جي غيرمنصفاڻي ورڇ ۽ هارپي جي حق جي غيرمحفوظ هجڻ واري معاملي کي حل ڪرڻ لاءِ وقت بوقت ڪوششون ڪيون، پر اها ان نظام کي بدلائڻ ۽ بهتر بڻائڻ ۾ ناڪام وئي. هارين ۽ فصل جي اُپت جي بنياد تي ڪم ڪندڙن کي ٻنين مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ سيڙپ ڪرڻ تي تمام گهٽ منافعو حاصل ٿئي ٿو. ان لاءِ ان سيڙپ واري عمل جو سڄو دارومدار زميندار تي هوندو آهي، زمين جي هارپي جي حق جو تحفظ نه هجڻ، پاڻي جي ڪمزور پاليسي، ڪمزور انتظام ۽ ٻين مسئلن جي ڪري زميني زرخيزي ۾ گهٽتائي ۽ ٻيا ماحولياتي مسئلا بھ پيدا ٿي رهيا آهن. يو ايس ايڊ ۽ ٻين عالمي تنظيمن زمين تي هارپي ۽ ان جي مدي جهڙن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ تجويزون ڏنيون آهن، جن ۾ ٻنين جا ننڍا ٽڪر ڏئي غريبن کي زمين جو مالڪ بڻائڻ وغيره شامل آهي، ان سان غريب گهراڻن کي معاشي، غذائي ۽ نفيساتي فائدا ملندا ۽ حڪومت کي زمينون ورهائڻ لاءِ وڏا ٽڪرا بھ نه ڳولڻا پوندا، ان سان گڏ اها تجويز بھ ڏني وئي آهي تھ اهڙا طريقا ڳولهيا وڃن جو اسلامي قانون ۽ پاڪستان جي آئين تحت عورتن کي زمين ۽ پاڻي جا حق ڏنا وڃن، جنهن سان عورتن لاءِ معاشي ۽ پيداواري موقعا پيدا ٿيندا. (٧٠)

١٥٥. پاڪستان ۾ زمين رياست جي زمين، نجي ملڪيتي زمين ۽ روايتي قانون تحت برداري جي زمين ۾ ورهايل آهي، جنهن زمين جو قانوني مالڪ نه هجي ته اها جيڪڏهن صوبي ۾ آهي ته صوبي جي ملڪيت هوندي، جيڪڏهن نه ته وفاقي حڪومت وٽ ويندي (٧١) زمين جي مالڪي جا قسم هي آهن:

* مالڪي هجڻ: مالڪي جو هي قسم پاڪستان ۾ سڀ کان عام آهي، نجي فرد ۽ هستيون زمين تي مالڪي جي دعويٰ آزاداڻي نموني ڪري سگهن ٿا، برادري جي مالڪي جا حق رواجي ۽ مقامي قانون تحت ملن ٿا.

---

٦٧. ABD, ٢٠٠٢.

٦٨. Anwar et al. ٢٠٠٥, Chaudhry et al. ٢٠٠٦, World Bank ٢٠٠٧, Khan ٢٠٠٠, GoP ٢٠٠٣

٦٩. USAID, ٢٠١٦.

٧٠. USAID ٢٠١٦

٧١. GoP Constitution ١٩٧٣, Gop ٢٠٠٦, USAID, ٢٠٠٨

* ليز/ مقاطعو: اهو اصطلاح ٣٠ هيڪٽرن کان وڌيڪ وارن زرعي زمين جي ٺڪرن لاءِ استعمال ٿيندو آهي، مقاطعو مقرر اڳهه تي عام طور تي گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال لاءِ ملندو آهي ۽ ڪيترن ئي سالن لاءِ به هلي سگهي ٿو. مقاطعو لکت يا زباني ناهه تحت ڏنو ويندو آهي.

* فصل جي پيداوار ۾ حصيداري: پيداواري ۾ حصيداري وارو انتظام ٣٠ هيڪٽرزن کان گهٽ ايراضي واري زرعي زمين لاءِ ڪيو ويندو آهي، ٢٠٠٠ع ۾ پاڪستان جي ٦٧ سيڪڙو زمين هن انتظام تحت پوکي ويندي هئي ۽ هن انتظام هيٺ هارپو ڪندڙ ٤٨ سيڪڙو خاندان غربت جي قومي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهيا هئا، هن انتظام تحت عام طور تي زمين جي اڌ پيداوار زميندار کي ملندي آهي، ان ۾ به ٻئي خرچ تحت حصي ۾ گهٽ واڌ ڪئي ويندي آهي، اڪثر معاهدا اڻ لکيل ۽ فقط زباني هوندا آهن، پاڪستان ۾ اها ڳوٺاڻي زمين تمام گهٽ وڪرو يا خرد ڪئي ويندي آهي، زمين مقاطعي تي ڏيڻ عام آهي ۽ مقاطعي واري بازار گرم هوندي آهي. ٢٠٠٠ع ۾ ٣٣ سيڪڙو زرعي زمين هارپي تحت هئي، ٢٠٠٢-٢٠٠١ع ۾ ١٨ سيڪڙو زمين پيداوار ۾ حصي جي بنياد تي ڪاهي وئي. (٢٠١٠ع پيداوار ۾ حصي جي بنياد تي ٦٦ سيڪڙو زمين پوکي وئي) پيداواري حصي جي بنياد تي پوکجندڙ زمين مالڪ جي هارپي هيٺ زمين کان ٢٠ سيڪڙو گهٽ زرخيز هوندي آهي. (٧٢)

١٥٦. پاڪستان ۾ قبضي واري زمين خاندانن جي ملڪيت هوندي آهي ۽ ورثي طور نسلن کي منتقل ٿيندي آهي ۽ ان جي مالڪي تمام گهٽ رجسٽرڊ ٿيل هوندي آهي. جيتوڻيڪ قانون موجب رجسٽريشن لازمي آهي، پر زمين رجسٽريشن جا فائدا تمام گهٽ آهن، يا آهن ئي ڪونه ۽ درخواست ڏيندڙ لاءِ منجهائيندڙ طريقو ۽ ان ۾ به ڪيترين خاميون آهن. عام طور تي زمين خاندان جي سربراهه يا وڏي خاندان جي صورت ۾ پير مرد جي نالي هوندي آهي. برادري جي زمين جا حق ۽ واسطا عام قانون تحت هوندا آهن، زمين جا گڏيل ڪاتا عام نه آهن، اسلامي ۽ رياستي قانون ۾ ڪجهه فرق موجود آهن، اسلامي قانون زمين زباني طور بنا اعلان جي تحفي طور ڏيڻ جي اجازت ڏئي ٿو، جڏهن ته رياستي قانون لکت لازمي قرار ڏئي ٿو. بينامي ايڪٽ منتقلين ۽ دستاويزن کي قانوني بڻائڻ جو گهرجائو آهي، سڄي ملڪ ۾ اصل ڪيتري زمين رجسٽرڊ آهي، ان جي ڪابه خبر ناهي.(٧٣)

١٥٧. هن وقت جيڪي زميندار ٻني نٿا ڪاهي سگهن، يا نٿا ڪائڻ چاهين، اهي عام طور تي مقاطعي تي مقرر مدي جي معاهدي تحت يا فصل جي پيداوار جي حصي جي بنياد تي زمين ڏيندا آهن ۽ مقاطعي واري مارڪيٽ گرم آهي. مقاطعي تي وٺڻ وارا حق ٻنهي ڌرين جي رضامندي سان طئي ڪيل شرطن تحت محفوظ هوندا آهن، ٻهراڙين ۾ ٿوري زمين وارا هاري مند يا سال جا معاهدا ڪندا آهن، جيڪي عام طور تي ڪيترن ئي سالن تائين هلندا آهن. عام قانون تحت هارپي جا سڌارا غير موثر بڻجي ويا آهن ۽ بيدخلي جي صورت ۾ هارين کي قانون کان مدد وٺڻ جو تمام گهڻ حق حاصل آهي.(٧٤)

---

٧٢. عالمي بينڪ ٢٠٠٧ع، جيڪبي اينڊ منصوري ٢٠٠٦ع، برن هارٽ ٢٠١٠ع

٧٣. دوول اند ايلس ٢٠٠٧، حڪومت پاڪستان ٢٠٠٦، ايس ڊي پي آءِ ٢٠٠٨ع

٧٤. جيڪبي اند منصوري ٢٠٠٦

٣:٣:٦ سماجي تحفظ (٧٥)

١٥٦. پاڪستان جي حڪومت ٢٠٠٧ع ۾ قومي سماجي تحفظ جي حڪمت عملي NSPSتيار ڪئي. NSPS جو مقصد، ملڪ جي سموري آبادي، خاص طور تي سڀ کان غريب ۽ مسڪين طبقي لاءِ سماجي تحفظ جو جامع سرشتو جوڙڻ هو. اها حڪمت عملي ان وقت جوڙي وئي جڏهن ملڪي معيشت وڌي ويجهي رهي هئي. پر حڪمت عملي جڙڻ کان ترت پوءِ اندروني ۽ بيروني حادثا ۽ بوقعق ٿيا، جيئن: عالمي مالي بحران، عالمي مارڪيٽ ۾ تيل ۽ غذائي شين جي اڳهن ۾ واڌ، امن امان جي بگڙجندڙ صورتحال وغيره جنهن جي ڪري NSPS تي عمل ڪرڻ لاءِ تمام گهڻ وسيلا بچيا.

١٥٩. مٿي ڄاڻايل اندروني ۽ بيروني حادثن ۽ ٢٠١٠ع ۽ ٢٠١١ع جي خوفناڪ ٻوڏن جي ناڪاري اثرن کي گهٽائڻ لاءِ پاڪستان جي حڪومت غريبن ۽ مسڪينن کي بچائڻ لاءِ سماجي تحفظ/سماجي انشورنس، حفاظتي مالي/سماجي امداد ۽ ليبر مارڪيٽ پروگرام جي ڪيٽيگرين ۾ اچي وڃن ٿا. ٽيبل ١٤ پاڪستان ۾ سماجي تحفظ وارين اسڪيمن جي مک خاصيتن کي ظاهر ڪري ٿي.

ٽيبل١٤: پاڪستان ۾ سماجي تحفظ وارين رٿائن جون مک خاصيتون

سماجي تحفظ واري رٿا جو نالو	مک خاصيتون
سماجي تحفظ/سماجي انشورنس	*عام طور تي عام روزگار جي چوڦير ڦري ٿي. ان ۾ سماجي انشورنس ۽ سماجي امداد وارا قدم شامل آهن. • پاڪستان ۾ انهن رٿائن جا مثال سرڪاري ملازم، پينشن فنڊ، EOBI سرڪاري شعبي جو بينوويلنٽ فنڊ ۽ گروپ انشورنس، امپلائيز سوشل سيڪيورٽي انسٽيٽيوشن، WWFوغيره آهن
حفاظتي مالي/سماجي امداد	* عام طور ٿوري مدي وارا هنگامي قدم • اهي ماڻهو، جيڪي ليبر مارڪٽ جي دائري کان ٻاهر آهن ۽ تمام غريب آهن ۽ ڪين معاشري جو پوئتي پيل طبقو سمجهيو ويندو آهي،

انهن کي حفاظتي ۽ بمالي امداد، بناشرط روڪ رقم جي صورت ۾ فراهم ڪئي ويندي آهي.

- مثالطور: بينظير انڪم سپورٽ پروگرام، زڪوات فنڊ، پاڪستان بيت المال ۽ وطن ڪارڊ

---

۷۵. هي سائنوشورئرڪنسلٽنٽس (پرائيويٽ) لميٽڊجو فراهم ڪيل آهي، جن سنڌ ۽ بپنجاب جي ننڍن آبادگارن لاءِ سماجي تحفظ جي رٿائن جو اپياس تيار ڪيو.

ليبر مارڪيٽ پروگرام * هن ڪيٽيگري ۾ شامل پروگرامن ۾ پيپلز ورڪس پروگرام، خوشحال پاڪستان

پروگرام(KPP)۽ تعمير وطن پروگرام اچي وڃن ٿا.

- عام ماڻهن جي زندگيءَ جي معيار تي تڪڙو اثر ڇڏيندڙ رٿائن وارا پروگرام
- اهي پروگرام جن تحت گهرج موجب مقامي طور چونڊيل نمائندن کي فنڊ فراهم ڪيا ويا

مائيڪروفنانس ۽ غيرروايتي شعبي جا ٻيا حفاظتي اپاءُ * عام طور تي هن ڪيٽيگري ۾ ۳ قسم شامل آهن.

1. صوبائي ۽ وفاقي حڪومتن جي انتظام وارا ڪميونٽي ڊيولپمينٽ سينٽر
2. ڪميونٽي بنيادن تي ترقياتي ڪم ڪندڙن اين جي اوز، ۽
3. رورل سپورٽ آرگنائيزيشنز (RSOs)

- هن جي مثالن ۾ اين آر ايس پي، پي پي آر ايف، ڪميونٽي ڊيولپمينٽ، مائيڪرو فنانس، آمدني ڏيندڙ، عالمي امدادي ادارن (يو ايس ايڊ، ايف اي او، آءِ ايف اي ڊي وغيره) جا اهم ترقياتي پروگرام ۽ زرعي امدادي پروگرام شامل آهن.

۱۶۰. سماجي تحفظ يا حفاظتي مالي امداد ڪيٽيگرين سان واڳيل سماجي تحفظ جي قدمن جي فهرست ضميمي ۷ ۾ شامل آهي.

۱۶۱ زرعي پروگرام ۽ منصوبا: پاڪستان جي حڪومت جا عام فارم پروٽيڪشن پروگرام، زمين لاءِ گهربل شين ڪيميائي ڀاڻ، بهتر ٻج، ٻنين ۾ استعامل ٿيندڙ مشينري، آبپاشي ۽ زرعي قرضن تي ٻڌل هوندا آهن. ان کان علاوه زرعي ادارن جي جوڙجڪ سان اقتصادي ترقي ۽ روزگار فراهم ڪندڙ پروگرامن کي هڪ قسم جي ڇتي ملي سگهي ٿي. اهي رٿائون هر قسم جي آبادگارن لاءِ آهن ۽ صوبن يا صنفي فرق کي نظر ۾ ناهي رکيو ويندو. پاڪستان جي حڪومت جي ترقياتي پروگرامن وسيلي سڄي ملڪ جي آبادگار برادري لاءِ هيٺ ڄاڻايل شعبا ڪجهه اهم حفاظتي پروگرام فراهم ڪن ٿا.

۱۶۲. سڄي قوم لاءِ دستياب مڪ زرعي رٿائون:

* زرعي قرض

١. ننڍن ۽ غيراهم قرار ڏنل آبادگارن لاءِ قرض گارنٽي اسڪيم

* فصل لاءِ قرض جي انشورنس اسڪيم

*چوپايو مال خريد ڪندڙن لاءِ انشورنس اسڪيم

* وزيراعظم جي نوجوانن لاءِ ڪاروباري قرض جي اسڪيم Prime Minister Youth Business Loan Scheme

*ويليو چين جي آبادگارن جي مدد لاءِ رهنما اصول

٢. فارم شعبي لاءِ امدادي پيڪيج، ٢٠١٥

٣. وسيلہ حق (بينظير انڪم سپورٽ پرگرام جو حصو)

۴. وسيلہ روزگار پروگرام (بينظير انڪم سپورٽ پرگرام جو حصو)

٣:٣:٧ ٻوليون

١٦٣. اردو پاڪستان جي قومي ۽ انگريزي سان گڏ ٻي سرڪاري ٻولي آهي. جيتوڻيڪ رڳو ٨ سيڪڙو پاڪستاني اردو کي پنهنجي پهرين ٻولي طور ڳالهائين ٿا، پر اها وڏي پئماني تي سڄي ملڪ ۾ ٻي ٻولي طور ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي. ملڪ ڪيترين ئي علائقائي ۽ چئن صوبائي ٻولين: پنجابي، سنڌي، بلوچي ۽ پشتو جو گهر آهي.

١٦۴. پنجابي پنجاب جي صوبائي ۽ وڏي پئماني تي ڳالهائجندڙ ٻولي آهي. پنجابي کان علاوه سرائيڪي بہ علائقائي ٻولي آهي، جيڪا گهڻي ڀاڱي ڏکڻ پنجاب ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. جڏهن تہ ڏکڻ اولهہ پنجاب جي ڪجهہ حصن، خاص طور تي خيبر پختون خوا سان لڳندڙ اٽڪ ۽ ميانوالي ضلعن ۾ پشتو بہ ڳالهائي ويندي آهي.

١٦۵. سنڌي سنڌ صوبي جي صوبائي ۽پاڪستان جي ٻي سڀ کان وڌيڪ ڳالهائجندڙ ٻولي آهي. اها سنڌ صوبي جي رڪاري ٻولي بہ آهي. ٢٠١٦ جي انگن اکرن موجب ٢ ڪروڙ ٧٠ لک (٢٧ملين) ماڻهو سنڌي ڳالهائين ٿا. ڪچي، لاسي، ميمڻي، لاڙي، وچولي، اترادي، مڇيرياءِ دڪشلينو(جيڪا سنڌي هندو ڳالهائين ٿا) سنڌيءَ جا مک لهجا آهن. صوبي جي ٻين ٻولين ۾ گجراتي ۽ پاڪرڪري ڪولي(ڪٿي ان کي رڳو پارڪري بہ سڏين) بہ شامل آهن. اها ٻولي ٢٠٠۴ جي انگن اکرن موجب رڳو ٢ لک ۵٧ هزار ماڻهو ڳالهائين ٿا.

٣:٣:٨ مذهب

١٦٦. پاڪستان هڪ اسلامي جمهوريہ آهي، معنيٰ تہ اسلام ان جو سرڪاري مذهب آهي ۽ سمورا قانون ان جي احڪامن جي روشني ۾ جوڙيا ويندا. سرڪاري مذهب پاڪستان جي روزمرهہ جي زندگي جو مک حصو آهي، ملڪ جي هر علائقي ۾ مسجدون نهيل آهن ۽ سڄي ملڪ ۾ پنج وقت ٻانگ ٻڌي ويندي آهي. ٩٦ سيڪڙو پاڪستاني پاڪي مسلمان ظاهر ڪن ٿا. ٿي سگهي ٿو هر شخص باقاعدگي سان اسلام تي مڪمل عمل ڪندڙ نہ هجي، پر مذهب جي اخلاقي قدرن ۽ احڪامن کي وڏي پئماني تي مڃتا ملي ٿي ۽ انهن جو احترام ڪيو وڃي ٿو.

١٦٧. سني ۽ شيعا ٢ مک فقہ آهن جن تي پاڪستان ۾ ايمان آندو وڃي ٿو. پاڪستان سني اڪثريتي ملڪ آهي، ٧٦ سيڪڙو ماڻهو پاڻ کي سني سڏائين ٿا، ٢٠١٠ع جي انگن اکرن موجب ١٠ کان ١۵ سيڪڙو آبادي شيعا فقہ سان واڳيل

آهي. اٽڪل ۴ سيڪڙو غيرمسلم اقليتون آهن، جن ۾ عيسائي، هندو، سک، زردشت ۽ بهائي شامل آهن. مسلمانن ۾ بہ اقليتون آهن، انهن ۾ سڀ کان اهم احمدي آهن، جيڪي مسلمان آبادي جو ۲ .۲ سيڪڙو ٿيندا.

١٦٨. مذهبي اقليتون: غيرملسمانن ۾ عيسائي ۽ هندو انهن ۾ سڀ کان وڏا اقليتي گروپ آهن. هندن جو وڏو تعداد سنڌ ۽ عيسائين جي وڏي اڪثريت پنجاب ۾ آباد آهي. ۲۰۱۱ع جي سرڪاري انگن اکرن موجب ۷۵ لک (۷,۵ ملين) جي وڏي آبادي سان هندو ملڪ جي سڀ کان وڏي اقليت آهن ۽ انهن جي اڪثريت سنڌ ۾ رهي ٿي. غيرسرڪاري انگ اکر اهو انگ وڌيڪ ٻڌائين ٿا. پر هندن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمن مطابق انهن مان ٦٨ لک (٦,٨ ملين) يا ٩٠ سيڪڙو هيٺين ذات (شيڊيول ڪاسٽ) جا هندو آهن. انهن هيٺين ذات جي هندن مان ڪجهه ڏکڻ پنجاب ۽ اتر سنڌ جي ڏاکڻن ضلعن ۾ رهن ٿا، پر انهن جي تمام وڏي اڪثريت سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ خاص طور تي ميرپور خاص ڊويزن (ٿرپارڪر، سانگهڙ، عمرڪوٽ ۽ ميرپورخاص ضلعن) ۾ رهندي آهي. هيٺين ذات جي هندن کي ڏکڻ ايشيا جي ثقافت ۾ گهڻ اهميت حاصل آهي، کين سماجي، سياسي ۽ اقتصادي شعبن ۾ نظرانداز ڪيو ويندو آهي ۽ هو سماجي –سياسي سرشتي مان خارج ڪيا ويا آهن. (٧٦) تازا اعتبار جوڳي معلومات جي مطابق شيڊولڊڪاسٽ ٻهراڙي جا علائقا پنجاب صوبي جي 0.05% آبادي جي نمائندگي ڪن ٿا ۽ سنڌ صوبي جي 1.79% نمائندگي ڪن ٿا. صحيح ۽ وڌيڪ معلومات ضلعي انتظاميہ طرفان موجود نہ آهي.

١٦٩. عيسائي ٻيو وڏو اقليتي گروهہ آهي، جيڪو ڪل آبادي جو ١,٦ سيڪڙو آهي. هن منصوبي ۾ ضلعن جي مطابق عيسائي انگن اکرن موجب 0.0035% آبادي جي ڀيٽ ۾ آهن. پاڪستان جي عيسائين جي اڪثريت هيٺين ذات جي هندن مان آئي، جن انگريزن جي دور ۾ ذات پات جي چڪر مان جان ڇڏائڻ لاءِ عيسائي مذهب اختيار ڪيو. عيسائي، پاڪستان جي معاشري جا غريب ترين فرد آهن، جيڪي حقير ڪم ڪندا آهن. پنجاب ۾ عيسائين جا ڳوٺن جا ڳوٺ آباد آهن، جيڪي مزدوري ۽ هارپو ڪندا آهن. ڪمزور سماجي حيثيت ۽ آواز ۽ ادارن جي نہ هجڻ جي ڪري هندن جيان عيسائي بہ رياستي ادارن، جمهوري عمل ۽ معاشي موقعن مان مڪمل طور فائدو حاصل ڪري نہ سگهيا آهن.

٧٦/ http://aawaz.org.pk/cms/lib/downloadfiles/۱۴۷۴۲۵۹۶۶۶۱_Final%۲۰in%۲۰South%۲۰Punjab.pdf

جوشا منصوبي جي اندازي مطابق انهي منصوبن جي ضلعن ۾ هندون جي آبادي 0.003% آهي (۽ انهن ۾ شيڊل ڪاسٽس ۽ نان شيڊول ڪاسٽس پڻ شامل آهن پر هنن جو اندازو سرڪاري طور نہ آهي.

URL: https://joshuaproject.net/states_districts/PK/PK04/PK0416

۴. قانوني فريم ورڪ ۽ لاڳو ٿيڻ لائق حفاظتي پاليسيون

هيٺين باب ۾ بين الاقوامي سطح تي صحيح ٿيل ۽ اصلاح شده بين الاقوامي قوانين جي مطابق نيشنل قانون سازي جي حل لاءِ هڪ جائزو مهيا ڪري ٿو جنهن ۾ ايف اي او ۽ جي سي ايف سيف گارڊ جي هن منصوبي ۾ ضرورت آهي.

۴,۱- پاڪستان ۾ ماحولياتي ۽ سماجي قانون سازي

١٧٠. پاڪستان جي قانوني ڪتابن ۾ ماحولياتي ۽ سماجي اثرن تي ضابطي لاءِ ڪيترائي قانون موجود آهن، تنهن هوندي بہ ماحوليات تي ايڪٽ آف پارليامينٽ جي صورت ۾ جامع قانون جوڙڻ نئين صورتحال آهي. ماحول ۽ سماجي معاملن تي موجود اڪثر قانون ڪيتري ئي وقت کان لاڳو آهن ۽ رڳو ڪتابن ۾ ئي موجود آهن. لاڳاپيل قانونن جي فهرست

هيٺ پيش ڪجي ٿي، سڀ کان اهم لاڳاپيل قانونن جي وضاحت فهرست کانپوءِ ڏنل آهي. هن فهرست ۾ هي قانون شامل آهن:

* پاڪستان ماحولياتي تبديلي ايڪٽ ٢٠١٧ع

* پاڪستان ماحولياتي تحفظ ايڪٽ (EPA) ١٩٩٧ع

*پنجاب ماحولياتي تحفظ ايڪٽ ١٩٩٧ع ، ٢٠١٢ع ۾ ترميم

*سنڌ ماحولياتي تحفظ ايڪٽ ٢٠١٤ع

* پنجاب ٻيلا (فاريسٽ) ايڪٽ ١٩٩٩ع

*سنڌ ٻيلا (فاريسٽ) ايڪٽ ٢٠١٢ع

* زرعي دوائن جو آرڊيننس ١٩٧١ع (١٩٧١ع جو II)

* زرعي دوائن بابت قاعدا ١٩٧٣ع

* پاڪستان ماحولياتي تحفظ جو آرڊيننس ١٩٨٣ع

* پنجاب جهنگلي جيوت (حفاظت، تحفظ، بچاءُ ۽ انتظام ايڪٽ ١٩٧٤ع (پي بي ايڪٽ II ١٩٧٤ع)

* سنڌ جهنگلي جيوت ۽ حفاظتي علائقا ايڪٽ ٢٠١٠ع

* پنجاب سوائل ريڪليميشن ايڪٽ ١٩٥٢ع

* دي لينڊ اڪيوزيشن ايڪٽ ١٩٨٤ع

* پنجاب ٻج (ترميمي) ايڪٽ ٢٠١٤ع (تجويز ڪيل)

* پنجاب ٻج ۽ ميويدار ٻوٽا آرڊيننس ١٩٦٥ع

* سيڊا ايڪٽ ١٩٧٦ (۽ ان سان لاڳاپيل انوائرنمينٽل سيمپلز رولز ٢٠٠١ع)

* آن فارم واٽر مينيجمينٽ اينڊ واٽر يوزرز ايسوسي ايشن آرڊيننس ١٩٨١ع (۽ لاڳاپيل واٽر يوزرز ايسوسيئيشن رولز)

* پنجاب زرعي ترقياتي ۽ سپلائيز ڪارپوريشن ايڪٽ ١٩٧٣ع

* پنجاب ايگريڪلچرل ڊولپمينٽ فنانس ڪارپوريشن (بقايائن جي اوڳاڙي) ايڪٽ ١٩٥٨ع

* پنجاب ايگريڪلچرل پيسٽس آرڊيننس ١٩٥٩ع

* پنجاب فرٽيلائيزرز (ڪنٽرول) آرڊر ١٩٧٣ع

* پنجاب سيڊ ڪارپوريشن ايڪٽ ١٩٧٦ع

* پلانٽ بريڊرز رائيٽس ايڪٽ ٢٠١٦ع

* پنجاب پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ايڪٽ ٢٠١٤ع

* پنجاب ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس ١٩٦٦ع

* دي پنجاب ڪاٽن ڪنٽرول رولز ١٩٦٦ع

* پنجاب ساريون (پوکي تي پابندي) آرڊيننس ١٩٥٩ع

* پنجاب ريشم جا ڪيڙا (قانون ۽ ڪنٽرول) آرڊيننس ١٩٧٢ع

* اولهه پاڪستان ڪاٽن ڪنٽرول (في لاڳو ڪرڻ)آرڊيننس ١٩٦٦ع

* پنجاب شگر (لائسنسنگ ڪنٽرول) آرڊر ١٩٧٢ع

* دي ڪاٽن اسٽينڊرڊ ائيزيشن آرڊيننس ٢٠٠٢ع

* دي شوگر فيڪٽريز ڪنٽرول ايڪٽ ١٩٥٠ع

* شوگر ڪين ايڪٽ ١٩٣٤ع

* جائيداد جي منتقلي ايڪٽ ١٨٨٢ع

* ليند روينيو ايڪٽ ١٩٦٧ع

* رجسٽريشن ايڪٽ ١٩٠٨ع

* دي امپلائيمينٽ آف چلڊرين ايڪٽ ١٩٩١ع

* دي باندڊ ليبر سسٽم ايسوسي ايشن ايڪٽ ١٩٩٢ع

* دي پنجاب ڪمپلسري ايجوڪيشن (لازمي تعليم) ايڪٽ ١٩٩٤ع

* سنڌ رائيٽس آف چلڊرين ٽو فري ايند ڪمپلسري ايجوڪيشن (مفت ۽لازمي تعليم ٻارن جو حق) ايڪٽ ٢٠١٣ع

* انڊس روز سسٽم اٿارٽي آرڊيننس

* سنڌ اريگيشن (آبپاشي) ايڪٽ ١٨٧٩ ع (١٩٧٦ ۾ ترميم)

* سنڌ اريگيشن (آبپاشي) آرڊيننس ١٩٨٤ع (١٩٩٩ع ۾ ترميم)

* سنڌ اريگيشن واٽر يوزرز ايسوسيئيشن آرڊيننس ١٩٨٢ع (١٩٨٤ ۾ ترميم)

* اينٽيڪيٽيز ايڪٽ ١٩٧٥ع

١٧١. پاڪستان ڪلائيميٽ چينج (ماحولياتي تبديلي) ايڪٽ ٢٠١٧ع :پاڪستان ماحولياتي تبديلي ايڪٽ سان پاڪستان ماحولياتي تبديلي ڪائونسل، پاڪستان ماحولياتي تبديلي اٿارٽي ۽ پاڪستان ماحولياتي تبديلي فنڊ قائم ٿيا. هن ايڪٽ جو مقصد آهي ته: "ماحولياتي تبديلي بابت عالمي ڪنوينشن جون پاڪستان تي لاڳو ٿيندڙ ذميواريون پوريون ڪرڻ ۽ ماحولياتي تبديلي جي اثرن کي منهن ڏيڻ". هن ايڪٽ تحت ماحولياتي تبديلي اٿارٽيءَ کي نظرداري جا اختيار ڏنا ويا

آهن. جڏهن تہ ماحولياتي تبديلي جي معاملن کي منهن ڏيڻ لاءِ قانون موجود آهن پر ان جون تمام گهٽ شاهديون آهن تہ انهن کي لاڳو ڪرڻ ۾ ڪاميابي ملي هجي.

١٧٢. پاڪستان انوائرنمينٽل پروٽيڪشن (ماحولياتي تحفظ) ايڪٽ ١٩٩٧ع:

پاڪستان ماحولياتي تحفظ ايڪٽ ١٩٩٧ع اهو بنيادي قانون آهي جيڪو حڪومت کي ماحول جي تحفظ لاءِ قاعدا جوڙڻ جو اختيار ڏئي ٿو. (ايڪٽ ۾ ماحول جي وصف هن ريت بيان ڪئي وئي آهي تہ: (الف) هوا، پاڻي ۽ زمين (ب) فضا جا سمورا تهہ (ٻ) سڀ نامياتي ۽ غيرنامياتا مادا ۽ جاندار شيون (پ) ماحول ۽ ماحولياتي ناتا (ت) عمارتون، اڏاوتون، روڊ، نڪاڻا ۽ ڪم (ٿ) گڏيل حياتي کي متاثر ڪندڙ سموريون سماجي ۽ اقتصادي حالتون (ٽ) (الف کان ٽ تائين ذڪر ڪيل سمورين ذيلي شقن سان لاڳاپيل ڪو بہ عمل) اهو ايڪٽ تمام گهڻن معاملن تي لاڳو آهي ۽ سماجي معاشي رخن، زمين جي مالڪي، هوا، پاڻي، زمين جي مٽاڇري، آبي جيوت ۽ آواز جي گدلاڻ کان ويندي خطرناڪ گند نڪاڻي لڳائڻ جا معاملا بہ هن ۾ اچي وڃن ٿا. پاڪستان ماحولياتي تحفظ واري اداري جي قومي ماحولياتي مقدار واري مقرر معيار کان وڌيڪ صنعتي ڪچرو، گندگاهہ، هوائي ۽ آواز جي گدلاڻ پيدا ڪرڻ، اڇلائڻ تي هن ايڪٽ تحت پابندي آهي. ۽ ايڪٽ جي ڀڃڪڙي ڪندڙ لاءِ سزائون مقرر ڪيل آهن. پاڪستان ماحولياتي تحفظ آرڊيننس ١٩٨٣ع تحت قائم وفاقي ۽ صوبائي ماحولياتي تحفظ وارن ادارن (EPAS) جا اختيار وڌايا ويا آهن ۽ انهن کي ماحولياتي قانون جي ڀڃڪڙي ٿيڻ جي شڪايت ملڻ يا پاڻ هرتو ئي جاچ ڪرڻ جا ختيار مليل آهن.

١٧٣. هن ايڪٽ جي شق (١) ١٢ ۾ ماحولياتي جاچ جي ضرورت جو قاعدو جڙيل آهي. ان شق تحت: ڪا بہ اڏاوت يا ماحول کي تبديل ڪندڙ ڪو بہ منصوبو تيستائين شروع نٿو ڪري سگهجي جيستائين ابتدائي ماحولياتي چڪاس (IEE) يا ماحولياتي اثر جي جاچ (EIA) ڪئي وڃي ۽ لاڳاپيل وفاقي يا صوبائي EPA کان اجازت نہ ورتي وڃي. ايڪٽ جي شق (٦) ١٢ ۾ آهي تہ اها شق خاص قسم جي منصوبن تي لاڳوٿيندي. انهن قسمن (ڪيٽيگرين) جي وضاحت پاڪستان ماحولياتي تحفظ واري ايجنسي جي آءِ اِي اِي ۽ اِي آءِ اَي جي قاعدن جي جائزي ٢٠٠٠ع ۾ بيان ڪيل آهي.

١٧٤. دي پنجاب انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايڪٽ ١٩٩٧ع (٢٠١٢ ع ۾ ترميم ڪيل): هي ايڪٽ پنجاب جي ماحولياتي تحفظ واري اداري کي اختيار ڏئي ٿو تہ :

* ايڪٽ جي قانون، قاعدن ۽ ڪائونسل جي منظور ڪيل ضابطن کي ماحولياتي پاليسين موجب لاڳو ڪري ۽ انهن کي هلائي.

* ايڪٽ جي قانونن تي ماحولياتي تحفظ لاءِ حڪم جاري ڪري ۽ مئجسٽريٽن جي سربراهي ۾ قائم ماحولياتي ٽربيونلن وسيلي عمل ڪرائي، ٽربيونلن کي ايڪٽ جي ڀڃڪڙي تي ڏنڊ وجهڻ سميت وسيع اختيار حاصل آهن.

*ڪائونسل جي منظوري سان ماحولياتي مقدار جا معيار جوڙي نظرثاني ڪري ۽ اهي معيار قائم ڪرائي.

*هوا، پاڻي ۽زمين لاءِ ماحولياتي معيار مقرر ڪري

*رٿائن جون ڪيٽيگريون جوڙي، تہ ڪٿي ڪٿي IEE يا EIA جا قانون لاڳو ٿيندا.

* IEE يا EIA اختيار ڪرڻ لاءِ درخواستون جمع، غور ۽ منظور ڪرڻ جو طريقو طئي ڪرڻ لاءِ هدايتون جوڙي.

* IEE يا EIA جو جائزو وٺڻ تہ اهي ايڪٽ جي گهرجن تي پورو لهن ٿا؟

* IEE يا EIA رپورٽن جي جائزي وقت عوام جي شموليت يقيني بڻائي وڃي.

١٧٥. پنجاب جهنگلي جيوت (حفاظت، تحفظ، بچاءُ ۽ انتظام) ايڪٽ ١٩٧٤ع (پي بي ايڪٽII ١٩٧٤): هي قانون صوبي جي جهنگلي جيوت کاتي کي سڌي ريت ۽ ٻين قدرتي وسيلن کي اٽسڌي ريت بچائڻ لاءِ جوڙيو ويو. هي قانون جهنگلي جيوت جي بچاءُ لاءِ جوڙيو ويو. هي قانون جهنگلي جيوت کي بچاءُ لاءِ ٻن قسمن ۾ ورهائي ٿو. هڪڙا اهي جانور جن جو شڪار پرمٽ (اجازت) ناهي يا خاص لائسنس سان ڪري سگهجي ٿو، ٻيا اهي محفوظ بٽايل جانور جن کي ڪنهن به صورتحال ۾ نه ٿو ماري سگهجي. هي ايڪٽ جانورن جي شڪار، انهن جا سڳ يا منڊيون ۽ گوشت کڻڻ تي پابنديون لڳائي ٿو. جهنگلي جيوت جي محفوظ ڪيل عائقن کي ڪيٽيگرين، مثال طور: نيشنل پارڪ، جهنگلي جيوت جي محفُوظ قرار ڏنل علائقي يا شڪار گاهه ۾ ۾ ورهائي ٿو. اهو ضروي آهي ته، ڪا به رٿا هن ايڪٽ تحت ئي جوڙي وڃي. خاص طور تي، هن قانون تحت، محفوظ قرار ڏنل علائقن ۾ ڪي به سرگرميون نه ٿي سگهنديون.

١٧٦. پاڪستان ماحولياتي تحفظ ايجنسي IEE ۽ EIA قاعدن تي نظرثاني ٢٠٠٠ع: هن قانون کي قاعده (The Regulations) به چون ٿا، پاڪستان اي پي اي، ايڪٽ تحت مليل اختيارن تحت جوڙيو ويو ته جيئن IEE ۽ EIA تيار ڪرڻ، جمع ڪرائڻ ۽ جائزو وٺڻ لاءِ ضروري تفصيلي هدايتون فراهم ڪري سگهجن. انهن قاعدن جو مک مقصد IEE ۽ EIA لاءِ منصوبن جون ڪيٽيگريون جوڙڻ آهي. رٿائن کي انهن جي ماحول تي پوندڙ اثرن جي بنياد تي ورهايو ويندو آهي. شيڊيول ١ ۾ شامل رٿائن کي ماحول لاءِ گهٽ نقصان ڪار سمجهيو ويندڙ آهي. (جنهن ۾ هڪ ڪروڙ يا ١٠ ملين رپين يا ٨٦ هزار، ٥٠٠ ڊالر) تائين زرعي منصوبا، پولٽري، لائيو اسٽاڪ ۽ مڇي فارم اچي وڃن ٿا) شيڊول ٢ ۾ شامل منصوبن سان ماحول تي تمام گهرا اثر پون ٿا. (مثال طور: ماحولياتي طور حساس علائقن جا سڀ منصوبا) شيڊول هڪ لاءِ IEE جي ضرورت پوي ٿي. بشرطيڪ اهي ماحولياتي طور حساس علائقن کان ٻاهر هجن. شيڊول ٻه جي منصوبن لاءِ EIA ضروري آهي. هن رٿا تحت ننڍين سرگرمين لاءِ IEE يا EIA جي ضرورت نه آهي. چاڪاڻ ته اهي شيڊول هڪ يا ٻه جي زمري ۾ نه ٿا اچن. خاص طور تي مال ۽ مرغي پالڻ کي عورتن لاءِ مخصوص ڪيو وڃي ۽ اهي گهرن جي ويجهو هجن ۽ انهن لاءِ فارم وغيره ٺاهڻ جي به ضرورت نه آهي.

١٧٧. قومي ماحولياتي مقدار جا معيار (NEQS): هي قومي معيار PEPA ١٩٩٧ع تحت قائم ڪيا ويا، جنهن جا هيٺيان مقصد آهن:

* صنعتي وسلين مان خارج ٿيندڙ گيسن جي وڌ ۾ وڌ مقدار ۾ خارج ڪرڻ جي حد

* شهري صنعتي گدلي پاڻي جي مٺي پاڻي، گٽرن جي پاڻي کي صاف ڪرڻ ۽ سمنڊ ۾ ڇڏڻ جي وڌ ۾ وڌ حد مقرر ڪرڻ (ٽنهي لاءِ ڌار ڌار ڪيٽيگريون)

* موٽر گاڏين جي گدلاڻ (دونهون) ڇڏڻ جي وڌ ۾ وڌ حد

* هوا جي مقدار جا معيار

* پيئڻ جي پاڻيءَ جا معيار

* گوڙ جا معيار

سنڌ ۽ پنجاب ۾ ڪيترائي آبادگار پنهنجي فصلن جون پاڙون ۽ ٽڏا ۽ پن گاهه ساڙيندا آهن. اهو عمل NEQS جي مداخلت جو آهي ۽ ان تي ڏنڊ لڳائي سگهجن ٿا. تجويز ڪيل ماحول دوست زراعت ۾ فصلن جي باقيات کي زمين ۾ ملائي ان مان نامياتي پاڻ جي تياري جي وڪالت ڪئي وئي آهي.

١٧٨. لينڊ ايڪيوزيشن ايڪٽ ١٨٩٤ع: وقت بوقت ترميم ڪيل هي ايڪٽ (LAA) ملڪ ۾ زمين جي ملڪيت ۽ معاوضي لاءِ اڻ اعلانيل پاليسي طور ڪم ڪري رهيو آهي. هن قانون کي ئي زمين ۽ ٻي جائيداد جي ملڪيت تي

ترقياتي منصوبن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. هن قانون ۾ ۵۵ شقون آهن، جن ۾ نوٽيفڪيشن ۽ سروي، ملڪيت، معاوضو، ورچ ۽ تڪرارن جو حل، ڏنڊ ۽ استثنا سميت سموريون شيون شامل آهن. هن رٿا ۾ ماڻهن کي لڏائڻ ۽ ٻيهر آباد ڪرڻ وارو عمل شامل نہ آهي. ان لاءِ قبضي يا معاوضي (تڪرار جي نبيري) جي ضرورت نہ پوندي. هن رٿا ۾ بي زمين ماڻهو ۽ آبادگار/ هاري شامل ڪيا ويندا. ان لاءِ انهن جي فلاح ۽ هارپي جي انتظامن جي جاڻ حاصل ڪئي وئي آهي، تہ جيئن اهي روايتي طور پوکجندڙ ٻنيءَ کان محروم نہ ٿين. (قانوني چاره جوئي قدمن جي، هن باب ۾ اڳتي ۽ باب ۷ ۾ وضاحت ڪئي وئي آهي)

۱۷۹. اينٽيڪٽيز (نوادرات) ايڪٽ ۱۹۷۵ع: اينٽڪٽيز ايڪٽ ۱۹۷۵ع پاڪستان جي ثقافتي وسيلن جو تحفظ يقيني بڻائي ٿو. هي ايڪٽ نوادرات کي تباهي، چوري، غفلت، غيرقانوين کوٽائي، واپار ۽ ايڪسپورٽ کان بچائڻ لاءِ جوڙيو ويو آهي. ايڪٽ ۾ نوادرات جي وضاحت انساني سرگرمين جي قديم پيداواري، تاريخي هنڌ يا بشري يا ثقافتي دلچسپي جا ماڳ ۽ قومي يادگار طور ڪئي وئي آهي. هي قانون حفاظت ۾ ورتل ڪنهن بہ ماڳ جي ويجهو نئين اڏاوت ڪرڻ کان روڪي ٿو، ۽ پاڪستان جي حڪومت کي اختيار ڏئي ٿو تہ اها آرڪيالوجيڪل اهميت جون شيون رکندڙ ڪنهن بہ هنڌ تي کوٽائي ڪرڻ کان روڪي. هن قانون تحت هن رٿا جا باني ان ڳالهہ جا پابند آهن تہ:

۴

قانوني ڍانچا ۽ لاڳو ٿيڻ لائق حفاظتي پاليسيون

۴,۱ پاڪستان ۾ ماحولياتي ۽ سماجي قانون سازي

۱۷۰، پاڪستان جي قانون جي ڪتابن ۾ ماحولياتي ۽ سماجي اثرن تي ضابطي لاءِ ڪيترائي قانون موجود آهن، تنهن هوندي بہ ماحوليات تي ايڪٽ آف پارليامينٽ جي صورت ۾ جامع قانون جوڙڻ نئين صورتحال آهي. ماحول ۽ سماجي معاملن تي موجود اڪثر قانون ڪيتري ئي وقت کان لاڳو آهن ۽ رڳو ڪتابن ۾ ئي موجود آهن. لاڳاپيل قانونن جي فهرست هيٺ پيش ڪجي ٿي، سڀ کان اهم لاڳاپيل قانونن جي وضاحت فهرست کانپوءِ ڏنل آهي. هن فهرست ۾ هي قانون شامل آهن.

. پاڪستان ماحولياتي تبديلي ايڪٽ ۲۰۱۷ع

پاڪستان ماحولياتي تحفظ ايڪٽ (EPA) ۱۹۹۷ع

پنجاب ماحولياتي تحفظ ايڪٽ ۱۹۹۷ع ، ۲۰۱۲ع ۾ ترميم

سنڌ ماحولياتي تحفظ ايڪٽ ۲۰۱۴ع

پنجاب ٻيلا (فاريسٽ) ايڪٽ ۱۹۹۹ع

سنڌ ٻيلا (فاريسٽ) ايڪٽ ۲۰۱۲ع

زرعي دوائن جو آرڊيننس ۱۹۷۱ع (۱۹۷۱ع جو II)

زرعي دوائن بابت قاعدا ۱۹۷۳ع

پاڪستان ماحولياتي تحفظ جو آرڊيننس ۱۹۸۳ع

پنجاب جهنگلي جيوت (حفاظت، تحفظ، بچاءُ ۽ انتظام ايڪٽ ١٩٧٤ع (پي بي ايڪٽ II ١٩٧٤ع)

سنڌ جهنگلي جيوت ۽ حفاظتي علائقا ايڪٽ ٢٠١٠ع

پنجاب سوائل ريڪليميشن ايڪٽ ١٩٥٢ع

دي لينڊ اڪيوزيشن ايڪٽ ١٩٨٤ع

پنجاب ٻج (ترميمي) ايڪٽ ٢٠١٤ع (تجويز ڪيل)

پنجاب ٻج ۽ ميويدار ٻوٽا آرڊيننس ١٩٦٥ع

سيڊ ايڪٽ ١٩٧٦ (۽ ان سان لاڳاپيل انوائرنمينٽل سيمپلز رولز ٢٠٠١ع)

آن فارم واٽر مينيجمينٽ اينڊ واٽر يوزرز ايسوسي ايشن آرڊيننس ١٩٨١ع (۽ لاڳاپيل واٽر يوزرز ايسوسيئيشنز رولز)

پنجاب زرعي ترقياتي ۽ سپلائيز ڪارپوريشن ايڪٽ ١٩٧٣ع

پنجاب ايگريڪلچرل ڊولپمينٽ فنانس ڪارپوريشن (بقايائن جي اوڳاڙي) ايڪٽ ١٩٥٨ع

پنجاب ايگريڪلچرل پيسٽس آرڊيننس ١٩٥٩ع

پنجاب فرٽيلائيزرز (ڪنٽرول) آرڊر ١٩٧٣ع

پنجاب سيڊ ڪارپوريشن ايڪٽ ١٩٧٦ع

پلانٽ بريڊرز رائيٽس ايڪٽ ٢٠١٦ع

پنجاب پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ايڪٽ ٢٠١٤ع

پنجاب ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس ١٩٦٦ع

دي پنجاب ڪاٽن ڪنٽرول رولز ١٩٦٦ع

پنجاب ساريون (پوڪائي تي پابندي) آرڊيننس ١٩٥٩ع

پنجاب ريشم جا ڪيڙا (قانون ۽ ڪنٽرول) آرڊيننس ١٩٧٢ع

اولهه پاڪستان ڪاٽن ڪنٽرول (في لاڳو ڪرڻ)آرڊننسن ١٩٦٦ع

پنجاب شگر (لائسنسنگ ڪنٽرول) آرڊر ١٩٧٢ع

دي ڪاٽن اسٽينڊرڊائيزيشن آرڊيننس ٢٠٠٢ع

دي شوگر فيڪٽريز ڪنٽرول ايڪٽ ١٩٥٠ع

شوگر ڪين ايڪٽ ١٩٣٤ع

جائيداد جي منتقلي ايڪٽ ١٨٨٢ع

لينڊ روينيو ايڪٽ ١٩٦٧ع

رجسٽريشن ايڪٽ ١٩٠٨ع

دي امپلائيمينٽ آف چلڊرين ايڪٽ ١٩٩٩١ع

دي بانڊڊ ليبر سسٽم ايسوسي ايشن ايڪٽ ١٩٩٢ع

دي پنجاب ڪمپلسري ايجوڪيشن (لازمي تعليم) ايڪٽ ١٩٩٤ع

سنڌ رائيٽس آف چلڊرين ٽو فري اينڊ ڪمپلسري ايجوڪيشن (مفت ۽لازمي تعليم ٻارن جو حق) ايڪٽ ٢٠١٣ع

انڊس رور سسٽم اٿارٽي آرڊيننس

سنڌ اريگيشن (آبپاشي) ايڪٽ ١٨٤٩ ع (١٩٧٦ ۾ ترميم)

سنڌ اريگيشن (آبپاشي آرڊيننس ١٩٨٤ع (١٩٩٩ع ۾ ترميم)

سنڌريگيشن واٽر يوزرز ايسوسيئيشن آرڊيننس ١٩٨٢ع (١٩٨٤ ۾ ترميم)

اينٽيڪيٽيز ايڪٽ ١٩٧٥ع

١٧١. پاڪستان ڪلائيميٽ چينج (ماحولياتي تبديلي) ايڪٽ ٢٠١٧ع :

پاڪستان ماحولياتي تبديلي ايڪٽ سان پاڪستان ماحويلاتي تبديلي ڪائونسل، پاڪستان ماحولياتي تبديلي اٿاي ۽ پاڪستان ماحولياتي تبديلي فنڊ قائم ٿيا. هن ايڪٽ جو مقصد آهي ته: "ماحولاتي تبديلي بابت عالمي ڪنوينشن جون پاڪستان تي لاڳوٿيندڙ ذميواريون پوريون ڪرڻ ۽ ماحولياتي تبديلي جي اثرن کي منهن ڏيڻ". هن ايڪٽ تحت ماحولياتي تبديلي اٿاريءَ کي نظرداري جا اختيار نا ويا آهن. جڏهن ته ماحويلاتي تبديلي جيمعاملن کي منهن ڏيڻ لاءِ قانون موجود آهن پر ان جون تمام گهٽ شاهديون آهن ته انهن کي لاڳوڪرڻ ۾ ڪاميابي ملي هجي.

١٧٢. پاڪستان انوائرنمينٽل پروٽيڪشن (ماحولياتي تحفظ) ايڪٽ ١٩٩٧ع:

پاڪستان ماحولياتي تحفظ ايڪٽ ١٩٩٩٧ع اهو بنيادي قانون آهي جيڪو حڪومت کي ماحول جي تحفظ لاءِ قاعدا جوڙڻ جو اختيار ڏي ٿو. (ايڪٽ ۾ ماحول جي وصف هن ريت بيان ڪئي وئي آهي ته: (الف) هوا، پاڻي ۽ زمين (ب) فضا جا سمور اتهه (ٻ) سڀ نامياتي ۽ غيرنامياتا مادا ۽ جاندار شيون (پ) ماحول ۽ ماحولياتي ناتا (ت) عمارتون، اڏاوتون، روڊ، نڪاڻا ۽ ڪم (ٽ) گڏيل حياتي کي متاثر ڪندڙ سموريون سماجي ۽ اقتصادي حالتون(ٿ) (الف کان ٽ تائين ذڪر ڪيل سمورين ذيلي شقن سان لاڳاپيل ڪو بہ عمل) اهو ايڪٽ تمام گهڻن معاملن تي لاڳو آهي ۽ سماجي معاشي رخن، زمين، جي مالڪي، هوا، پاڻي، زمين جي مٽاڻي، آبي جيوت ۽ آواز جي گدلاڻ کان ويندي خطرناڪهگند نڪاڻي لڳائڻ جا معاملا بہ هن ۾ اچي وڃن ٿا. پاڪستان ماحولياتي تحفظ واري اداري جي قومي ماحولڀياتي مقدار واري مقرر معيار کان وڌيڪ صنعتي ڪچرو، گندگاهه، هوائي ۽ آواز جي گدلاڻ پيدا ڪرڻ. اڇلائڻ تي هن ايڪٽ تحت پابندي آهي. ۽ ايڪٽ جي ڀڃڪڙي ڪندڙ لاءِ سزائوم ،مقرر ڪيل آهن. پاڪستان ماحويلاتي تحفظ آرڊيننس ١٩٨٣ع تحت قائم وفاقي ۽ صوبائي ماحولياتي تحڦظ وارن ادارن (EPAS) جا اختيار وڌايا ويا آهن ۽ انهن کي ماحويلاتي قانون جي ڀڃڪڙي ٿيڻ جي شڪايت ملڻ يا پاڻ هرتو تي جاچ ڪرڻ جا ختيار مليل آهن.

١٧٣. هن ايڪٽ جي شق (١) ١٢ ۾ ماحولياتي جاچ جي ضرورت جو قاعدو جڙيل آهي. ان شق تحت: ڪا بہ اڏاوتي يا ماحول کي تبديل ڪندڙ ڪو بہ منصوبو تيستائين شروع نٿو ڪري سگهجي جيستائين ابتدائي ماحولياتي چڪاس (IEE) يا ماحويلاتي اثر جي جاچ (EIA) ڪئي وڃي ۽ لاڳاپيل وفاقي يا صوبائي EPA کان اجازت نہ ورتي وڃي. ايڪٽ

جي شق (٦(١٢ ۾ آهي تہ اها شق خاص قسم جي منصوبن تي لاڳوٿيندي. انهن قسمن (ڪيٽيگرين) جي وضاحت پاڪستان ماحولياتي تحفظ واري ايجنسي جي آءِ اِي اِي ۽ اِي آءِ اَي جي قاعدن جي جائزي ٢٠٠٠ع ۾ بيان ڪيل آهي.

١٧٤. دي پنجاب انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايڪٽ ١٩٩٧ع (٢٠١٢ ع ۾ ترميمڪيل): هي ايڪٽ پنجاب جي ماحولياتي تحفظ واري اداري کي اختيار ڏئي ٿو تہ :

. ايڪٽ جي قانون، قاعدن ۽ ڪائونسل جي منظور ڪيل ضابطن کي ماحولياتي پاليسين موجب لاڳو ڪري ۽ انهن کي هلائي.

. ايڪٽ جي قانونن تي ماحولياتي تحفظ لاءِ حڪم جاري ڪري ۽ مئجسٽيٽن جي سربراهي ۾ قائم ماحولياتي ٽربيونلن وسيلي عمل ڪرائي، ٽربيونلن کي ايڪٽ جي پيچڪڙي تي ڏنڊ وجهڻ سميت وسعي اختيار حاصل آهن.

ڪائونسل جي منظوري سان ماحولياتي مقدار جا معيار جوڙي نظرثاني ڪري ۽ اهي معيار قائم ڪرائي.

هوا، پاڻي ۽زمين لاءِ ماحولياتي معيار مقرر ڪري

رٿائن جون ڪيٽيگريون جوڙي، جتي IEE يا EIA جا قانون لاڳو ٿيندا.

IEE يا EIA اختيار ڪرڻ لاءِ درخواستون جمع، غور ۽ منظور ڪرڻ جو طريقو طئي ڪرڻ لاءِ هدايتون جوڙيئ

IEE يا EIA جو جائزو وٺڻ تہ اهي ايڪٽ جي گهرجن تي پورو لهن ٿا؟

IEE يا EIA رپورٽن جي جائزي وقت عوام جي شموليت يقيني بڻائي وڃي.

١٧٥. پنجاب جهنگلي جيوت (حفاظت، تحڦظ، بچاءُ ۽ انتظام) ايڪٽ ١٩٧٤ع (پي بي ايڪٽ II١٩٧٤): هي قانون صوبي جي جهنگلي جيوت کاتي کي سڌي ريت ۽ ٻين قدرتي وسيلن کي اٿسڌي ريت بچائڻ لاءِ جوڙيو ويو. هي قانون جهنگلي جيوت کيبچاءُ لاءِ جوڙيو ويو. هي قانون جهنگللي جيوت کي بچاءُ لاءِ ٻنقسمن ۾ ورهائي ٿو. هڪڙا اهي جانور جن جو شڪار پرمٽ (اجازت) ناهي يا خاص لائسنس سان ڪري سگهجي ٿو، ٻيا اهي محفوظ بڻايل جانور جن کي ڪنهن بہ صورتحال ۾ نہ ٿو ماري سگهجي. هي ايڪٽ جانورن جي سڪاري، انهن جا سڳ يا منڊيون ۽ گوشت کڻڻ تي پابنديون لڳائي ٿو. جهنگلي جيوت جي محفوظ ڪيل عائقن کي ڪيٽيگرين ۾ ورهائي مثال طور نيشنل پارڪ جهنگلي جيوت جو محفُوظ ڪيل علائقي يا شڪار گاهہ ۾ اهو ضروي اهي تہ ڪا بہ رٿا هن ايڪٽ تحت تي جڙي خاص طور ي هن قانون تحت محفوظ قرار ڏنل علائقن ۾ ڪي بہ سرگرميون نٿي سگهنديون.

١٧٦. پاڪستان ماحولياتي تحفظ ايجنسي IEE ۽ EIA قاعدن تي نظرثاني ٢٠٠٠ع:

هي قانون (جنهن کي قاعده (The Regulations) بہ چون ٿا، پاڪستان اي پي اي، ايڪٽ تحت مليل اختيارن تحت جوڙيو تہ جيئن IEE ۽ EIA تيار ڪرڻ، جمع ڪرائڻ ۽ جائزو وٺڻ لاءِ ضروري تفصيل فراهم ڪري سگهجن. انهن قاعدن جو مک مقصد IEE ۽ EIA لاءِ منصوبن جون ڪيٽيگريون جوڙڻ آهي. رٿائن کي انهن جي ماحول تي پوندڙ اثرن جي بنياد تي ورهايو ويندو آهي. شيڊيول ١ ۾ شامل رٿائن کي ماحول لاءِ گهٽ نقصان ڪار سمجهيو ويندڙ آهي. جنهن ۾ هڪ ڪروڙ رپين (١٠ ملين ٨٦ هزار، ٥٠٠ ڊالر) تائين زرعي منصوبا، پولٽري لائيو اسٽاڪ ۽ مڇي فارم اچي وڃن ٿا) شيڊول ٢ ۾ شامل منصوبن سان ماحول تي تمام گهرا اثر پون ٿا. (مثال طور: ماحوليلاتي طور حساس علائقن جا سڀ منصوبا(شيڊول هڪ لاءِ IEE جي ضرورت پوي ٿي. بشرطهڪ اهي ماحولياتي طور حساس علائقن کان ٻهر هجن. شيڊول بہ جي منصوبن لاءِ EIA ضروري آهي. هن رٿا تحت ننڍين سرگرمين لاءِ IEE يا EIA جي ضرورت نہ

آهي. چاڪاڻ تہ اهي شيڊول هڪ يا ٻہ ۾ شامل نہ آهن. خاص طور تي مال ۽ مرغي پاڻ کي عورتن لاءِ مخصوص ڪيو وڃي ۽ اهي گهڙن جي ويجهو هجن ۽ انهن لاءِ فارم وغيره ناهڻ جي ٻہ ضرورت نہ آهي.

١٧٧. قومي ماحولياتي مقدار جا معيار (NEQS):

هي قومي معيار PEPA ١٩٩٧ع تحت قائم ڪيا ويا، جنهن جا هيٺيان مقصد آهن:

صنعتي وسلين مان خارج ٿيندڙ گيسن جي وڌ ۾ وڌ مقدار ۾ ڇڏڻ جي حد

شهري صنعتي گدلي پاڻي جي مني پاڻي، گٽرن جي پاڻي کي صاف ڪرڻ ۽ سمنڊ ۾ ڇڏڻ ۾ وڌ ۾ وڌ حد (تنهن لاءِ ڌار ڌار ڪيٽيگريون)

موٽر گاڏين جي گدلاڻ ڇڏڻ جي وڌ ۾ وڌ حد

هوا جي مقدار جا معيار

پيئڻ جي پاڻي جا معيار

گوڙ جا معيار

سنڌ ۽ پنجاب ۾ ڪيترائي آگاهگار پنهنجي فصلن جا ٽڙي تڏا ۽ پن گاهہ ساڙيندا آهن. اهو عمل NEQS جي مداخلت جو آهي ۽ ان جو نتيجو ڏنڊ لڳڻ جي صورت ۾ نڪري ٿو. تحرير ڪيل ماحول دوست زراعت ۾ فصلن جي باقيات کي زمين ۾ ملائي ان مان نامياتي ڀاڻ جي تياري جي وڪالت ڪئي وئي آهي.

١٧٨. لينڊ ايڪيوزيشن ايڪٽ ١٨٩٤ع:

وقت بوقت ترميم ڪيل هي اڪٽ (LFA) ملڪ ۾ زمين جي ملڪيت ۽ معاضي لاءِ اڻ اعلانيل پاليسي طور ڪم ڪري رهيو آهي. هن قانون کي ئي زمين ۽ ٻي جائيداد جي ملڪيت تي ترقياتي منصوبن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. هن قانون ۾ ٥٥ شقون آهن، جن ۾ نوٽيفڪيشن ۽ سروي، ملڪيت، معاوضو، ورڇ ۽ تڪرارن جو حل، ڏنڊ ۽ استثنا سموريون شيون شامل آهن. هن رٿا ۾ مانحن کي لڏائڻ ۽ ٻيهر آباد ڪرڻ وارو عمل شامل نہ آهي. جيئن تہ هتي اهي حالات پيدا ٿي سگهن ٿا جنهن ۾ پاڪستان پي ايم ڊي نون ڇهن زرعي اسٽيشن کي لڳائڻ جي لاءِ زمين حاصل ڪن ۽ ڪجهہ اين ٽي جي نگراني جا حصا ٻہ هوندا. اهو مقصد ايل اي اي ۾ مقرر ڪيل قاعدن جي پيروي ڪندو ڪنهن ٻہ زمين جي خريدي تي پڻ هرجاڻو لاڳو هوندو پر اهو عمل ايف اي جي طرفان گهربل مشاورت جي عمل سان مڪمل ڪيو ويندو جتي هارين جي ذاتي طور زمين هوندي. هن رٿا ۾ ٻي زمين ماڻهن ۽ آبادگار/ هاري شامل ڪيا ويندا. ان لاءِ انهن جي فلاح ۽ هارپي جي انتظامن جي خبر آهي تہ جيئن روايتي طور پوڪجندڙ هاري ٻي ڪان محرومي ڪان بچي سگهجي. (مڪمل قانوني چاره جوئي قدمن جي هن باب ۾ اڳتي ۽ باب ٧ ۾ وضاحت ڪئي وئي آهي)

١٧٩. اينٽيڪٽيز (نوادرات) ، اڪٽ ١٩٧٥ع: اينٽڪٽيز ايڪٽ ١٩٧٥ع پاڪستان جي ثقافتي وسيلن جو تحفظ يقيني بڻائي ٿو. هي ايڪٽ نوادرات کي تباهي، چوري، غفلت، غيرقانوني کوٽائي، واپار ۽ ايڪسپورٽ ڪان بچائڻ لاءِ جوڙيو ويو آهي. ايڪٽ ۾ نوادرات جي وضاحت انساني سرگرمين جي قديم پيداواري، تاريخي هنڌ يا شري يا ثقافتي دلچسپي جا ماڳ ۽ قومي يادگار طور ڪئي وئي آهي. هي قانون حفاظت ۾ ورتل ڪنهن ٻہ ماڳ جي ويجهو نئين اڏاوت ڪرڻ ڪان روڪي ۽ پاڪستان جي حڪومت کي اختيار ڏئي ٿو تہ اها آرڪيالوجيڪل اهميت جون شيون رکندڙ ڪنهن ٻہ هنڌ تي کوٽائي ڪرڻ ڪان روڪي. هن قانون تحت هن رٿا جا باني ان ڳالهہ جا پابند آهن تہ:

---

* اهو يقيني بڻائڻ تہ محفوظ اينٽيڪٽيز ۾ ڪا بہ سرگرمي نہ ٿيندي.

* جيڪڏهن رٿا جي ڪم دوران ڪا آرڪيالاجيڪل شيءَ دريافت ٿي تہ ان کي محفوظ بڻائي پاڪستان جي حڪومت جي آرڪيالاجي ڪاتي کي آگاهہ ڪيو ويندو تہ جيئن هو وڌيڪ قديم ڪٽي سگهن.

هي قانون ڪم دوران ان وقت لاڳو ٿيندو جڏهن اتفاق سان آرڪيالاجيڪل/ثقافتي شيون موجود هجڻ جو پتو پوندو.

١٨٠. ٻارن جو پورهيو ايڪٽ ١٩٩١ع: پاڪستان جي آئين جي شق ١١(٣) تحت ١۴ سالن کان گهٽ ڄمار جي ٻارن جي ڪنهن بہ ڪارخاني، کاڻ يا ڪنهن ٻي خطرناڪ جاءِ تي ڪم ڪرڻ تي پابندي آهي. ان شق تحت امپلائمينٽ آف چائلڊ ايڪٽ (ECA) ١٩٩١ع ملڪ ۾ ٻارن جي پورهئي جي اجازت نہ ٿو ڏئي. هن قانون تحت عمر جا ١۴ سال پورا نہ ڪندڙ چوڪرو/چوڪري کي ٻار سمجهيو ويندو. ايڪٽ چوي ٿو تہ ڪنهن بہ ٻار کي ايڪٽ جي پابندي لڳايل ڏنڌي مثالطور: ٽرانسپورٽ واري شعبي، ريلويز، عمارتي اڏاوتي ڪم ۽ بندرگاهن تي ملازم نہ رکيو ويندو. يا ڪيس ڪم اجازت نہ هوندي. يا وري هو هن ايڪٽ ۾ ڄاڻايل ورڪشاپ ۾ ئي ڪم ڪري سگهندو. هن قانون ۾ ڄاڻايل ڪمن ۾ غاليچا سازي، ٻيڙي ٻڌڻ، سيمينٽ سازي، ٽيڪسٽائل، اڏاوتي ڪم ۽ ٻيا ڪم شامل آهن. هن رٿا جي مقصدن تحت، ان ۾ حصو وٺندڙ آبادگار ۽ ڪنهن بہ ٽين ڌر جو ماڻهو (مثال طور اين جي اوز يا رورل سپورٽ پروگرام وغيره) ECA تحت رٿا جي هنڌن تي ٻارن کي پورهيو نہ ڪرائڻ جو پابند هوندو.

١٨١. پاڪستان پينل ڪوڊ ١٨٦٠ع: هي قانون ڪنهن فرد يا اداري جي ڄاڻي واڻي ڪيل يا حادثاتي طور ٿيل غلطي جي نتيجي ۾ سرڪاري يا نجي ملڪيت يا انساني زندگين تي اثر ڇڏيندڙ ڏوهن کي منهن ڏين ٿا. گوڙ ۽ نقصانڪار مادن جي پاڻي ۾ ڇوڙ اورا معاملا بہ هن قانون جي تحت اڪلايا ويندا آهن. هن قانون جا اڪثر ماحولياتي اثرن وارا معاملا پاڪستان ماحولياتي تحفظ ايڪٽ (PEPA) ١٩٩٧ع ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

۴,٢- لاڳاپيل عالمي ڪنوينشن ۽ معاهدا

١٨٢. پاڪستان ڪيترن ئي گهڻ رخي ماحولياتي معاهدن (MEAs)تي صحيحون ڪري چڪو آهي. جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا.

* بيسل ڪنوينشن

*ڪنوينشن آن بائيولاجيڪل ڊاءِ ورسٽي (CBD)

*ڪنوينشن آن ويٽلينڊز(رامسر)ڊ

* ڪنوينشن آن انٽرنيشنل ٽريڊ ان انڊينجرڊ اسپيسيز(CITES)

*يو اين فريم ورڪ ڪنوينشن آن ڪلائمينٽ چينج(UNFCCC)

* ڪيوٽو پروٽوڪول

* مونٽريال پروٽوڪول

* اين اين ڪنوينشن تو ڪمبيٽ ڊزرٽيفڪيشن

*ڪنوينشن فار دي پريوينشن آف پاليوشن فرام شپس (MARPOL)

* يو اين ڪنوينشن آف سِيز (LOS)

*اسٽاڪ هوم ڪنوينشن آن پرسسٽنٽ آرگينڪ پاليوٽنٽس (POPs)

* ڪارٽجينا پروٽوڪول آن بائيو سيفٽي

اهي معاهده مختلف ناهن جا مقصد ماڻڻ لاءِ ميمبر ملڪن تي ڪيترائي شرط ۽ پابنديون لاڳو ڪن ٿا. پاڪستان ۾ انهن معاهدن تي عمل جو طريقو ڪمزورآهي ۽ ادارن جو تہ وجود ئي نہ آهي.

(ب) پاڪستان بيسل ڪنوينشن (١٩٩۴ع کان صحيح ڪيل آهي) بائيوڊائيورسٽي ڪنوينشن جو حصو ۽ جانورن جي صحت بابت عالمي تنظيم (OIE) ڪوڊيڪس ايليمينٽريس ڪميشن، ايشيا اينڊ پيسفڪ پلانٽ پروٽيڪشن ڪميشن (APPPC) ۽ اينيمل پروڊڪشن اينڊ هيلٿ ڪميشن فار ايشيا اينڊ پيسفڪ جو ميمبر آهي. هن ايگريمينٽ سان ايپليڪيشن آف سينيٽري ۽ فائٽوسينٽري ميزرز (SPS)ايگري مينٽ تي بہ صحيح ڪئي ۽ منظوري ڏني آهي. جيڪو خوراڪ جي حفاظت (مثال طور: جيوڙن، زرعي دوائن جي ملاوٽ، جاچ پڙتال ۽ نظرداري ۽ تابڪاري ڪلان بچاءُ) جانورن ۽ ٻوٽن جي صحت (مثال طور: ٻاهران گهرايل دوائن ۽ آيل بيمارين) بابت آهي.

(ٻ) پاڪستان ويٽلينڊ ڪنوينشن:(رامسر ڪنوينشن) جوبہ حصو آهي، جيڪو ٢٠١٠ع ۾ آيو. هتي عالمي سطح جا ١٩ ويٽلينڊ ماڳ آهن، جيڪي ١٣ لک ۴٣ هزار ٦٢٧ هيڪٽر اراضي تي پکڙيل آهن.

١٨٧. پاڪستان ۾ سماجي حفاظتي قدمن بابت عالمي ڪنوينشن ۽ معاهدا: پاڪستان پورهئي جي عالمي تنظيم (ILO) جو ١٩٦۴ع کان ميمبر آهي. هن ملڪ آءِ ايل او جي سمورن اٺن اهم ڪنوينشن ۽ انديجينس اينڊ ٽرائيبل پيپلز ڪنوينشن سميت آءِ ايل او جي ڪل ٣٦ ڪنوينشن جي منظوري ڏني آهي.

ٽيبل ١٥: پاڪستان ۾ سماجي حفاظتي قدمن بابت عالمي ڪنوينشن ۽ معاهدا.

نمبر	ڪنوينشن جو نالو	صحيح جي تاريخ	منظوري جي تاريخ
١	شهري ۽ سياسي حقن بابت عالمي ڪنوينشن	٢٠٠٨ع	٢٠١٠ع
٢	جبري پورهئي جي خاتمي وارو ڪنوينشن ١٩٥٧ع	١٩٦٠ع	لاڳو آهي(تاريخ جي خبر نہ آهي)
٣	گهٽ ۾ گهٽ عمر ڪنوينشن ١٩٧٣ع (نمبر ١٣٨)	٢٠٠٦ع	لاڳو آهي(تاريخ جي خبر نہ آهي)
۴	ٻارن جي پورهئي جون سڀ کان خراب شڪليون ١٩٩٩ع (نمبر ١٨٩)	٢٠٠١ع	لاڳو آهي(تاريخ جي خبر نہ آهي)
۵	معذور ماڻهن جي حقن جو ڪنوينشن	٢٠٠٨ع	٢٠١١ع

٦	(معذور ماڻهن جي هنري بحالي ۽ روزگار ڪنوينشن ١٩٨٣ع	١٩٩٤ع	لاڳو آهي(تاريخ جي خبر نہ آهي)
٧	سيني ماڻهن کي جبري گمشدگين کان بچائڻ جو عالمي ڪنوينشن	اجا صحيح ناهي ڪئي.	اجا منظوري ناهي ڏني
٨	سيني پناهگير پورهيتن ۽ سندن ڪٽنبن جي حقن جي حفاظت جو عالمي ڪنوينشن	٢٠٠٨ع	٢٠١٠ع
٩	سزا لاءِ تشدد ۽ ٻين ظالم، غير انساني يا توهين واري طريقي خلاف ڪنوينشن	١٩٩٠ع	١٩٩٠ع
١٠	ٻارن جي حقن جو ڪنوينشن	١٩٩٠ع	١٩٩٠ع
١١	هٿياربند ويڙهه ۾ ٻارن کي شامل ڪرڻ بابت ٻارن جي حقن جي ڪنوينشن جو اختياري معاهدو ٢٠٠٢ع	٢٠٠١ع	٢٠١٦ع
١٢	ٻارن جي وڪري، سندن جسم فروشي ۽ فحش فوٽوگرافي يا فلم بندي بابت ٻارن جي حقن جو اختياري معاهدو. ٢٠٠٢ع	٢٠٠١ع	٢٠١١ع
١٣	عورتن خلاف هر قسم جي مت ڀيد جي خاتمي وارو ڪنوينشن	خبر نہ آهي	١٩٩٦ع
١۴	معاشي، سماجي ۽ ثقافتي حقن جو عالمي ڪنوينشن	٢٠٠۴ع	٢٠٠٨ع
١۵	هر قسم جي نسلي مت ڀيد جي خاتمي جو عالمي ڪنوينشن	١٩٦٦ع	١٩٦٦ع

١٦	تنظيم سازي (زراعت) جي حق جو ڪنوينشن ١٩٢١	١٩٢٣ع	لاڳو آهي، تاريخ جي ڄاڻ ناهي
١٧	انڊيجنس (مقامي ماڻهن ۽ قبائلي عوام بابت ڪنوينشن) ١٩٥٧ع	١٩٦٠ع	لاڳو آهي، تاريخ جي ڄاڻ ناهي
١٨	گڏيل قومن جو بدعنواني خلاف ڪنوينشن	٢٠٠٣ع	٢٠٠٧ع
١٩	گڏيل قومن جو اصل باشندن جي حقن جو پڌرنامو	٢٠٠٧ع	٢٠٠٧ع

٤,٣ ماحولياتي ۽ سماجي حفاظتي اپائن جون لاڳو ٿيڻ جوڳيون پاليسيون.

١٨٨. تجويز ڪيل رٿا جي سيڙپ هاڪاري سماجي ۽ ماحولياتي قانون جي نظر ۾ رکي ڪئي پئي وڃي. رٿا کي وچولي خطري (ڪيٽيگري بي) وارو ظاهر ڪيو ويو آهي ۽ اميد آهي ته رٿا جي سرگرمين، جيڪي ٻئي باب ۾ بيان ڪيل آهن، سان هيٺ ڄاڻايل ماحولياتي ۽ سماجي حفاظتي اپائن واريون پاليسيون عمل هيٺ ايندیون. ESS٣ESS ,٥ , ESS٧ , ۽ ESS٩. انهن پاليسين تي عمل ڪرڻ لاءِ خاص حفاظتي اپاءُ ٽيبل نمبر ١٦ ۾ بيان ڪيا ويا آهن. تنهن هوندي به اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته هن ڪاٽي ۾ سموريون ننڍيون سرگرميون شامل ڪرڻ ممڪن نه هو.

ٽيبل نمبر ١٦: رٿا حفاظتي اپائن جي فهرست

حفاظتي پاليسيون	ابتدا	حفاظتي سامان ۽ گهٽتائي لاءِ اپاءُ
١ESS	نه	انهن سرگرمين جي اجازت نه آهي (ضميمو ١)
٢ESS	نه	انهن سرگرمين جي اجازت نه آهي (ضميمو ١)
٣ESS	ها	ESMP/ESMF اهو يقيني بڻايوپيو وڃي ته استعمال ٿيندڙ ٻج رجسٽرڊ آهن.
٤ESS	نه	انهن سرگرمين جي اجازت نه آهي (ضميمو ١)

ESS۵	ها	ESMF/ESMP جيتن جي مڪمل سنڀال IMP وارين سرگرمين جو استعمال، جتي استعمال کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نہ هجي، اتي جيت مار دوائن جي محفوظ ڪٽائي، ڍوئائي ۽ استعمال لاءِ سکيا ڏني پئي وڃي ۽ هڪ ناڪاري فهرست بہ موجود آهي، جنهن ۾ سيني انتهائي خطرناڪ جيت مار دوائن (HHPs) کي شامل ڪري استعمال کان خارج ڪيو ويو آهي. عارضي جيتن جي سنڀال وارو منصوبو (PMP) بہ ضميمي ۳ ۾ شامل آهي.
ESS٦	نہ	سرگرمين جي اجازت نہ آهي(ضميمو ١)
ESS٧ وٽندڙ ڪم	ها	ESMF/ESMP. سني ڳوٺاڻي روزگار لاءِ آبادگارن کي سکيا ڏني ويندي ۽ حڪومت سان گڏجاڻيون ڪري حساسيت پيدا ڪئي ويندي. مناسب ڪم، ڪاروبار، صحت ۽ تحفظ خيال رکيو ويندو. هن رٿا ۾ زمين، فشريز ۽ ٻيلن جي مدي لاءِ ذميوار حڪمراني وارين هدايتن تي عمل ڪيو ويندو.
ESS٨ صنفي برابري	نہ	رٿا اڳ ۾ ئي صنفي اڀياس ۽ ايڪشن پلان سان ڪم ڪري رهي آهي. رٿا جي ڊزائن ۾ خاص صنفي هدفن تحت ڪم شامل آهي.
ESS٩ اصلوڪا رهواسي ۽ ثقافتي ورثو	ها	FPIC, ESMF ۽ هڪ موقعو ڪٽو وارو، طريقو (ضميمو ۴)

١٨٩. ESS ٣. خوراڪ ۽ زراعت لاءِ جينياتي ٻوٽن وارا وسيلا:

هن پاليسي تي ڪم شروع ٿي چڪي آهي. تجويز ڪيل رٿا ۾ ٻئي حصي واريون سرگرميون شامل آهن، جنهن ۾ آبادگارن جي اسڪولن لاءِ سرٽيفائيڊ ٻج استعمال ڪرڻ شامل آهي ۽ ان ۾ مقامي طور پيدا ڪيل رجسٽرڊ ماحول دوست فصلن جا قصسم بہ شامل ٿي سگهن ٿا، ان لاءِ ESS٣ (٧٧)تي ڪم شروع ڪيو ويو. خاص قسمن جي فصلن جي چونڊ

اجا ٿيٽي آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن جو ججهو تعداد گهربل آهي، تنهن هوندي بہ جي ابتدائي چونڊ ٿي چڪي آهي، جنهن ۾ هيٺ ڄاڻايل جنسون شامل آهن.

ESS۳-۷۷ خوراڪ ۽ زراعت لاءِ جينياتي ٻوٽن وارن وسيلن (AGRAFA) جي وضاحت ٿيل آهي تہ زراعت ۾ خوراڪ جاري ۽ تاندوران جي پيداوارن لاءِ سمورن قسمن جا ٻوٽا استعمال ڪيا ويندا آهن يا استعمال ڪري سگهجن ٿا. پي جي آر ايف اي ۾ اضافي جرم پلازم (exitu Colletion) ، فصلن جي بهتري واري پروگرامن ۾ جهنگلي ٻوٽن ۽ پوکيءَ لاءِ رجسٽرڊ ۽ بهتر قسم ۽ تيار ڪيل ٻج ڪتب ايندا. ESS۳ ۾ ٻوٽن جي حفاظت واري عالمي ڪنوينشن (IPPC) کي ٻوٽن کي جيتن ۽ بيمارين (بشمول گاهه) گڻ بچاءُ جو فريم ورڪ تسليم ڪيو ويو آهي. ESS۳ جي پهچ ۽ منافعي کي ورهائيندڙ ٻن اهم جزن کي بہ تسليم ڪيو آهي. اصلوڪن ماڻهن جي حق (IPR) ۽ ندا اجا ٿيٽي آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن جو جهجهو تعداد گهربل آهي، تنهن هوندي بہ امڪاني قسمن ۽ آبادگارين جا حق پي جي آر ايف اي سان واڳيل آهن. ڇاڪاڻ تہ خوراڪ ۽زراعت لاءِ ٻوٽن جي جينياتي وسيلن جو عالمي معاهدو ۽ بائيولاجيڪل ڊائورسٽي ڪنوينشن (CBA) جينياتي وسيلن تائين پهچ بابت نگوپا يا پروٽوڪول ۽ منافعي جي مناسب ۽ شفاف ورڇ انهن جي استعمال سان ئي ممڪن بڻڪندي. ESS۳ اهو بہ مجيو آهي تہ سي بي ڊي تي بائيو سيفٽي تي ڪارٽاجينا پروٽوڪول لاڳو ڪرڻ سان حفاظتي تدبيرن سان اهو پتو پوي ٿوتہ LMOS جي ڏي وٺ، ڊوئڻ ۽ استعمال سان حياتياتي عمل تي ڪي بہ خراب اثر نٿا پون ۽ اهي انساني صحت لاءِ خطرو بہ نہ آهن.

* ساريون: پنجاب ۾ ڪي ايس ڪي ۲۸۲ (ججهو پاڻي برداشت ڪندڙ) پنجاب ۽ سنڌ ۾ ڪي ايس ڪي ۱۳۳ (ٻوڏ / تمام گهڻو پاڻي برداشت ڪندڙ / ٿلهي ڏاندي جيڪا اهو برداشت ڪندي آهي).

* وونئڻ: پنجاب ۽ سنڌ ۾: ايم اين ايچ ۸۸٦ (وونئڻ جو پن موڙيندڙ جيتن(CLCV) جو حملو برداشت ڪندڙ ، گرمي سهندڙ، ٿوري عرصي ۾ تيار ٿيندڙ فصل) پنجاب ۽ سنڌ ۾: ايف ايچ ۱۴۲، (پن موڙ جيتن جو حملو، گرمي سهندڙ، ٿوري عرصي وارو فصل). پنجاب ۽ سنڌ ۾: آءِ يو بي ۱۳ (پن موڙ جيت /تمام گهڻي گرمي سهي ويندڙ).

* ڪٽڪ: پنجاب ۾: جوهر ۲۰۱٦ (پن ۽ پيلي ڪٽ سهندڙ) پنجاب ۾: اجالا ۲۰۱۷ع. ڪٽڪ جي وڏين بيمارين سان مزاحمت ڪندڙ. پاڇاڻي پوکي لاءِ بهترين). پنجاب ۾: فصل آباد ۲۰۰۸ع، (گرمي سهندڙ، اين ۽ ڪل جي ڪٽ جي مزاحمت ڪندڙ) سنڌ ۾: ٽي ڊي-۱ (وڏيڪ اپت، پاڻ ملڻ تي جلد وڌندڙ) سنڌ ۾: بينظير ۲۰۱۳،(وڏيڪ اپت، گرمي سهندڙ: سنڌ ۾ ڪرن ۹۵) وڏيڪ اپت، گرمي سهندڙ)

*ڪمند: پنجاب ۾: ايچ ايس اِي ۲۴۰ (وڏيڪ پاڻي ۽ بيماريون سهندڙ) پنجاب ۾: سي پي ايف ۲۴٦ (وڏيڪ پاڻي سهندڙ) سنڌ ۾ : نٽہ ۱۰ (اضافي پاڻي سهندڙ) سنڌ ۾: نٽہ ۲۰۱۹ (اضافي پاڻي ۽ پارو سهندڙ).

۱۹۰ - ESS۵ (۷۸): جيت ۽ جيت مار دوائن جو انتظام: هن پاليسي تي عمل شروع آهي. اهو ڄاڻندي تہ رٿا ۾ شامل علائقن ۾ خاص طور تي وونئڻن، جي پوکي وارن علائقن ۾ جيت مار دوائن جو تمام گهڻو استعمال ٿيندو آهي. هن پاليسي تي عمل شروع ڪيو ويو آهي. هن رٿا تہ جيت مار دوائون خريد نہ ڪيون ويندیون يا انهن جي استعمال جي

ESS۵-۷۸ ۾ جيت مار دوائن جي وضاحت هن ريت ٿيل آهي تہ: ڪا بہ شئي يا ڪيميائي شين جو مڪسچر يا حياتياتي جزا جيڪي ڪنهن بہ جيت ڪيمارڻ، ختم ڪرڻ يا ڪنٽرول ڪرڻ يا ٻوٽن جي واڌ ويجهہ ۾ بهتري آڻڻ لاءِ استعمال ڪيا وڃن. جيت جي وصف بيان ڪندي چيو ويو آهي تہ : اهي جاندار يا ٻُٽي يا جانور تي چڙيل جيو جيڪي ٻوٽي ۽ ٻُٽي

مان پيدا ٿيندڙ شين، سامان يا ماحول لاءِ نقصان ڪار هجن، جيڪي انسانن ۽ جانورن ۾ بيماريون پيدا ڪندڙ جراثيم پيدا ڪن ۽ اهي جانور صحت جا مسئلا پيدا ڪن ESS۵ جي راءِ آهي ته اهي جيت مار دوائون پيدا وار ۽ ذخيرو ڪرڻ وقت فصل ۽ خوراڪ محفوظ رکي سگهن ٿيون. جيت مار دوائون ٻيلن، لائيو اسٽاڪ پيداوار ۽ آبي جيوت ۾ جيتن ۽ بيمارين کان بچاءُ جو ڪم ڏين ٿيون. ساڳئي وقت اهي دوائون جاندار شين لاءِ زهريليون آهن ۽ ڄاڻي واڻي ماحول ۾ پکڙيون وڃن ٿيون. خواڪ وارن فصلن تي استعمال ٿين ٿيون. ESS۵ ۾ آهي ته : جيت مار دوائون استعمال ڪندڙن، ٻين ويجهين شين، خوراڪ واپرائيندڙن ۽ ماحول لاءِ خطرو آهن. LMICS ۾ اهي خطرا گهڻي استعمال، غلط استعمال ۽ بنا احتياط جي استعمال ۽ اثرائتو ڪنٽرول نه هجڻ سبب پيدا ٿين ٿا. ESS۵ ۾ جيت مار دوائن جي انتظامن بابت عالمي ڪوڊ آف ڪنڊڪٽ ۽ ان جي مددگار فني هدايتن تي عمل ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي. جيڪي FAO/WHO جي ماهرن جي پينل جوڙيون آهن ۽ خاص مضمونن ۾ درج آهن.

حمايت نه ڪئي ويندي پر ان جي نتيجي ۾ پيداوار وڌڻ جي صورت ۾ جيت مار دوائن جو اڻ سڌو استعمال وڌي سگهي ٿو. ان کي منهن ڏيڻ لاءِ رٿا ۾ IPM استعمال ٿيندو ۽ انتهائي خطرناڪ جيت مار دوائن جي استعمال کان پاسو ڪيو ويندو، جيئن ته رٿا ۾ جيت مار دوائن ۽ دوائن جي استعمال کي همٿايو نه ويندو، ان لاءِ آبادگارن کي الائونس / تجويز ڪيل ماحول دوست عمل اختيار ڪرڻ يا نه ڪرڻ جي بنياد تي ڏنو ويندو آهي. آبادگارن کي IPM جي فائدن کان ته آگاهه ڪيو ويندو پر ڪين سندن مرضي کان سواءِ سندن طريقا تبديل ڪرڻ تي مجبور نه ڪيو ويندو. ڪنهن به صورت ۾ HHP الائونس نه ڏنو ويندو.

۱۹۱- ESS۷. وٽندڙ ڪم: هن پاليسي تي عمل ٿيڻو آهي. رٿا وارن علائقن ۾ هارين، لاڏائو آبادگارن جو وڏو انگ موجود آهي جنهن ۾ شيڊپولڊ ڪاسٽ وارا هاري به شامل آهن. ۽ اسڪول وقت کانپوءِ ۽ ڪٽنبن جي مدد ڪندڙ نوجوان ڪارڪنن لاءِ ESS۷ شروع ڪيو ويو آهي. ESS۷ تحت زراعت سان واڳيل ۽ خطرن (جيت مار دوائن جي استعمال سبب مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ صحت ۽ حفاظتي اپائن جي سکيا ڏني ويندي. ESS۷ مطابق خوراڪ جو تحفظ حاصل ڪرڻ ۽ غربت جي خاتمي لاءِ پسنديده ڪم ۽ محنتي ملازم هجڻ ضروري آهي.

ESS۷ ايف اي او جي محفوظ خوراڪ ۽ زراعت واري نظريي تحت آهي. جنهن ۾ سڀي ڪم کي اوليت هوندي آهي. ESS۷ سڀي ڪم جي وصف ساڳي آءِ ايل او واري آهي جنهن مطابق: مردن ۽ عورتن لاءِ آزادي، مالي، حفاظتي ۽ انساني احترام موجب پيداواري ڪم کي سڀو ڪم سڏيو ويو آهي.

۱۹۲- ESS۹، اصلوڪا ماڻهو ۽ ثقافتي ورثو: اها پاليسي شروع ڪئي ويندي. جيتوڻيڪ پاڪستان جي حڪومت سرڪاري طوراصلوڪن ماڻهنکي قبول نٿي ڪري پر شيڊول ڪاسٽ ۽ اقليتن جا جهجهي تعداد ۾ ماڻهوا يف اي او ۽ جي سي ايف جي اپائن تحت اصلوڪن (Indigenous) جي وصف تي پورا لهن ٿا، انهن لاءِ ESS۹ شروع ڪيو ويو آهي. (۷۹) فري پرائر ايندِ انفارم ڪانسيپٽ (FPIC) جون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ رٿا ۾ شامل هر ضلعي ۾ انهن جي مختلف ضرورتن، اوليتن، مک خدشن ۽ سندن محرومين جي خاتمي لاءِ اوليتي طريقن کي

۷۹- ESS۹ ۾ آهي ته: اصلوڪا ماڻهو، روايتون ۽ ڄاڻ ايندڙ ڏهاڪن ۾ انسان ذات کي آڏو ايندڙ چئلينجز کي سمجهڻ جو موقعو فراهم ڪن ٿا. ماحولياتي تبديلي جي خطرن ۽ اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ اصلوڪي خوراڪ واري سرشتي ۽ خوراڪ جي وڌندڙ گهرج جي ڄاڻ خاص طور تي اهم آهي. اندازو آهي ت ته دنيا جي آبادي جو پنج سيڪڙو ۽ غريبن جو ۱۵ سيڪڙو اصلوڪن ماڻهن تي ٻڌلآهي. اصلوڪن ماڻهن جي ضرورتن جي پورائي کان سواءِ عالمي فوڊ سيڪيورٽي، قدرتي وسيلن جي اثرائتي سنيال ۽ غربت جي خاتمي واري ايجنڊا اڌوري ئي رهجي ويندي. ان حقيقت کي سامهون رکندي گڏيل قومن جي خوراڪ واري اداري ۲۰۱۰ع ۾ اصلوڪن ۽ قبائلي ماڻهن لاءِ پاليسي جوڙي. س

انفارميشن ڪانسيپٽ (FPIC) جون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ رٿا ۾ شامل هر ضلعي ۾ انهن جي مختلف ضرورتن، اوليتن، مک خدشن ۽ سندن محرومين جي خاتمي لاءِ اوليت طريقن کي سمجهڻ ۽ اختيار ڪرڻ لاءِ انهن سان گڏجاڻيون ڪيون ويون. گڏ ٽيل ماڻهن کي رٿا جي امڪاني هاڪاري ۽ ناڪاري اثرن کان آگاهه ڪيو ويو، جيئن رٿا منظور ٿي ۽ سيني جي هن رٿا لاءِ حمايت ملي ۽ دلچسپي جو اظهار ڪيو ويو. منظور ڪئي، جنهن جو بنياد گڏيل قومن جو اصلوڪن ماڻهن جي حقن جو پڌرنامو (UNDRIP) جيڪو جنرل اسيمبلي ٢٠٠٧ع ۾ اختيار ڪيو ۽ آءِ ايل او ڪنوينشن ١٦٩ جهڙا عالمي قانوني معاهدا آهن. گڏيل قومن جي اداري FAOجي اها پاليسي ESS٩ جو محرڪ آهي. اها FAO جي ڪيل ڪمتحت اصلوڪن باشندن جي عزت ڪرڻ، سندن مسئلن کي ڪٽڻ ۽ ڪين همٿائڻ لاءِ رهنما اصول فراهم ڪري ٿي. ان پاليسي جا مک اصلو هي آهن: عمل جي آزادي، اصلوڪي ڄاڻ، ثقافت ۽ رواجن جو احترام جنهن جو پائيدار ۽ منصفاڻي ترقي ۽ FPIC ۾ وڏو ڪردار آهي. ESS٩ ۾ موجوده ۽ ايندڙ نسلن لاءِ محسوس ۽ غير محسوس ثقافتي ورثي جي اهميت بہ اجاگر ڪيل آهي.

سمجهڻ ۽ اختيار ڪرڻ لاءِ انهن سان گڏجاڻيون ڪيون ويون، گڏ ٽيل ماڻهن کي رٿا جي امڪاني هاڪاري ۽ ناڪاري اثرن کان آگاهه ڪيو ويو جئين رٿا منظور ٿي ۽ سيني جي هن رٿا لاءِ حمايت ملي ۽ دلچسپي جو اظهار ڪيو ويو تہ ڳوٺن جي سطح تي انهن بحث مباحثن کي قطعي شڪل ڏني ويندي. اهو قدم ماڻهن جو اعتماد بحال رکڻ لاءِ ڪنيو ويو(مثال طور: آخري مرحلي ۾ سندن ڳوٺ جي هتان چنڊ نہ ٿي سگهي. اصلوڪن ماڻهن بابت منصوبي تي هن ESMF جي اسٽيڪ هولڊرن کي شامل ڪرڻ واري باب ۾ بحث ڪيو ويو آهي.

١٩٣. جي سي ايف عارضي طور انٽرنيشنل فنانشن ڪارپوريشن (IFC) پرفارمنس جا معيار اختيار ڪيا ۽ جي سي ايف منصوبي جي حفاظتي اپائن جي هدايتن تي عمل ڪيو آهي. هي ٣ معيار آهن، جيڪي بهترين عالمي سرگرمين کي استعمال ڪندي ڪنهن بہ رٿا شروع ڪرڻ وقت اعتندڙ مک ماحولياتي ۽ سماجي سوالن کي حل ڪن ٿا. هن رٿا جو FAO جي ماحولياتي ۽ سماجي معيارن تحت جائزو ورتو پيو وڃي. اهو يقيني بڻايو ويندو تہ رٿا GCF جي معيارن تي پوري لهي ٿي. (ڏسو ٽيبل: ١٧)

ٽيبل ١٧: آءِ ايف سي جا ڪارڪردگي وارا معيار بمقابلا FAO ماحويلاتي سماجي حفاظتي اپاءُ.

آءِ ايف سي جا ڪارڪردگي معيار	ايف آءِ او ماحولياتي ۽ سماجي اپاءُ
PSI ماحولياتي ۽ سماجي خطرن ۽ اثرن جي جاچ ۽ انتظام	ESS١ قدرتي وسيلن جي سنيال ESS ٨ صنفي برابري
PS٢- پورهئي ۽ ڪم جي حالت	ESS٢ پسنديده ڪم
PS٣- وسيلن جو تباسب ۾ گلاڻ	جيتن ۾ جيت مار دوائن جو انتظام
PS٤- ڪموينٽي، صحت، حفاظت ۽ تحفظ	ESS٢ محدود ڪم
PS٥- زمين جي ماليڪ ۽ غير رضاڪاراڻي ٻيهر آبادڪاري	ESS٦ غير رضاڪاراڻي ٻيهر آبادڪاري
PS٦- بائيو ڊا يونيورسٽي ڪنزرويشن ۽ جاندار قدرتي وسيلن جو سنو انتظام	ESS٢ بائيو ڊا يونيورسٽي، ماحوليات ۽ قدرتيڪاڻا ESS٣ خوراڪ ۽ راعت لاءِ جنياتي ٻوٽن وارا وسيلا

	ESS۴. خوراڪ ۽ زراعت لاءِ جانور، چوپائي مال ۽ آبي جينياتي وسيلا
PS۷- اصلوڪا ماڻهو	ESS۹ اصلوڪا ماڻهو ۽ ثقافتي ورثو
PS۸- ثقافتي ورثو	ESS۹ اصلوڪا ماڻهو ۽ ثقافتي ورثو

۱۹۴- خارج ٿيل معاملن (نااهليت) واري فهرست ضميمي هڪ ۾ شامل آهي. ان ۾ اهي تفصيل آهن جن تي هن رٿا ۾ پيسا نہ لڳايا ويندا.

۴-۴ جينڊر ايڪشن پلان (صنفي حڪمت عملي لاڳو ڪرڻ لاءِ اصولن ۽ مقصدن جو خلاصو.

۱۹۵- صنفي حڪمت عملي: صنفي برابري ESS)۸(جي معاملن بابت اپائن ۽ رٿا ۾ جنس کي برابر آڻڻلاءِ هڪ صنفي حڪمت عملي تيار ئي وئي. خاص طور تي سڄي منصوبي ۾ عورتن جي مناسب نمائندگي ۽ اڳتي آڻڻ ۽ اڳ ۾ وڃايل موقعن وارو خال پرڻ لاءِ سرگرميون ترتيب ڏنيون ويون.

۱۹۶- مصقد: صنفي حڪمت عملي جو مصقد جي سي ايف جنيڊر پاليسي تي عمل خاص طور تي عورتن کي رٿا ۾ شامل ڪرڻ لاءِ مدي اندر مڪمل ٿيڻ وارا واضح هدف مقرر ڪرڻ آهي. جي سي ايف جينڊر پاليسي جو مطلب آهي تہ رٿا ۾ صنفي حساس سوچ اختيار ڪئي وڃي تہ جيئن جي سي ايف جي امداد سان هلندڙ منصوبن ۾ صنفي برابري اثرائتي نموني قائم ڪئي وڃي ۽ عورتن جي شمولي تسان ماحولياتي تبديلي لاءِ پائيدار نتيجا حاصل ۽ اثر آڻي سگهجن.

۱۹۷- اصول: صنفي حڪمت عملي جا اصول

ESS۸: صنفي برابري جي سي ايف جي صنفي حڪمت عملين ۽صنفي پاليسي سان مطابقت رکن ٿا. هيٺ ڄاڻايل ٦ بنيادي اصول صنفي حڪمت عملي جو بنياد آهن.

ذميواري صنفي برابري ڏانهن

- **شموليت** جي سي ايف جي ادمداد وارين سمورين سرگرمين تي عمل ڪرڻ ۾
- **احتساب** صنفي ۽ ماحوليي تبديلي وارن ۽ اثرن جو
- **ملڪ** جي مالڪي ڪري قومي پاليسين ۽ اوليتن جي ۽ اسٽيڪ هولڊرن کي شامل ڪري
- **اهليتون** جي سي ايف جي اداراجاتي فريم ورڪ تحت ۽
- **برابر** وسيلا مخصوص ڪرڻ تہ جيئن مرد ۽ عورتون فنڊ ۽ سرگرمين مان هڪجيترا فائدا حاصل ڪري سگهن.

۰.۵

شراڪتدارن جي شموليت:

١.٥ شرڪتدارن جي شناخت:

٢٠٠. منصوبي جو بُنيادي خاڪو تيار ڪرڻ کان اڳ، اهو طئي ٿيو هو ته منصوبي تحت ملڪ جي نمائنده شراڪتدارن جي حصيداري کي يقيني بڻايو ويندو. هِن نوعيت جي شراڪتداريءَ جو، ماضيءَ ۾ هاڪاري نتيجو ڏنو ويو آهي ۽ غالبن ٣.١ ملين ٻهراڙيءَ جي ماڻهن اُن مان لاڀ حاصل ڪيو آهي. شروعاتي طور منصوبي جي ابتدائي تشڪيل وقت، نيشنل ڊيزائنيٽيڊ اٿارٽي (اين ڊي اي) ۽ ايف اي او وچ ۾ غور فڪر ڪانپوءِ اُن جي نشاندهي ڪئي وئي. اُن گفتگو دوران بُنيادي وزارتن، محڪُمن ۽ ايجنسيز، جيڪي پڻ هِن ڪم ۾ شامل رهندا، جي پڻ نشاندهي ڪئي وئي. بعد ۾ فيلڊ جي دورن دوران، جيڪي سول سوسائٽيءَ جي لاڳاپيل تنظيمن (سي ايس اوز)، سماجي ڀلائيءَ جي خانگي تنظيمن (اين جي اوز)، گڏيل قومن جي ٻين ايجنسيز جهڙوڪ: ورلڊ بئنڪ وغيره ۽ سماجي تنظيمن سان ضلعي وار گڏجاڻيون، منصوبي واسطي ايراضيءَ جي نشاندهي ۽ باهمي تعاون جي لاءِ ڪيون ويون هيون. ضلعي وار منصوبي جي دائره ڪار ۾ ايندڙ ۽ اُتي ڪم ڪندڙ هارين، عورتن (خاص طور عورت هارياڻين)، ۽ مذهبي اقليتن سان پڻ اُن حوالي سان خصوصي گڏجاڻيون ڪيون ويون ته جيئن هر ضلعي جي آباديءَ بشمول اقليت ۽ صنف جي، بُنيادي ضرورتن کي سمجهي سگهجي.

٢٠١. هِن منصوبي ۾ شامل ڪرڻ واسطي، بُنيادي ڳوٺن جي اڃا سوڌو حتمي نشاندهي نه ڪئي وئي آهي. وڌيڪ اِهو ته منصوبي جي عملدرآمد جي ابتدائي چئن مهينن دوران، شراڪتدار مذڪوره ڳوٺن ۾ رهندڙ، خاص طور ۽ مذهبي اقليتن جي نشاندهي ڪندا. اهڙو مقصد اُن ڳالهه جي خاطري ڪرڻ آهي ته سڌي ريت فائدو حاصل ڪرڻ کان اڳ منصوبي جي حقيقي حدن جو تعين ڪيو وڃي.

٢.٥ منصوبي جي تياري/ تشڪيل دوران شراڪتدان جي حصيداري

١.٢.٥ قومي سطح تي مُشاورت:

هيءُ پروگرام پاڪستان جي نيشنل ڊيزائنيٽيڊ اٿارٽي (اين ڊي اي) جي خصوصي دلچسپيءَ سان پاڻي ۽ زراعت جي شعبن ۾ اختياري عمل ۾ رهنمائي مُهيا ڪرڻ جي غرض سان تيار ڪيو ويو هو، جنهن واسطي اين ڊي اي سان اپريل ٢٠١٧ع ۾ گڏجاڻين جو سلسلو شروع ٿيو، جڏهن ايف اي او ۽ اين ڊي اي جي عملي گڏيل طور ادارتي ۽ شراڪتدارن تي ٻڌل گروپ، جيڪي مذڪوره علائقي ۾ سيڙپڪاريءَ ڪندا، جي دلچسپين جي جامع نشاندهي ڪئي هُئي. مُک شراڪتدارادارن طور ايم او سي سي جي وزراتن خاص طور منصوبابندي، ترقي ۽ اصلاحاتن وارو ڪاتو، منسٽري آف فوڊ سيڪيورٽي ۽ ريسرچ، گلوبل چئينج امپئڪٽ اسٽڊي سينٽر (جي سي آءِ ايس سي)، نيشنل ائگريڪلچر ريسرچ سينٽر (اين اي آر سي)، ڪلائميٽ چئينج الترنيٽو انرجي ائنڊ واٽر ريسورسز انسٽيٽيوٽ (سي اي اِي ڊبليو آر آءِ)، پاڪستان ائگريڪلچر ريسرچ ڪائونسل (پي اي آر سي)، پاڪستان ڪائونسل آف ريسرچ ان واٽر ريسورسز انسٽيٽيوٽ (سي اي اِي ڊبليو آر آءِ) ۽ پاڪستان ميٽرولاجيڪل ڊپارٽمينٽ (پي ايم ڊي) شامل آهن. ايف اي او، مذڪوره ادارن جو فني بُنيادن تي، پسمنظر، ڪردار ۽ صلاحيت ۽ ڪم جي منصوبابنديءَ جو ڪاڻو لڳايو ۽ اهو تجويز ڪيو ته ڪهڙي طرح اين ڊي اي اُنهن کي مُشاورتي سرگرمين ۾ شامل رکندو.هڪ پيرومنصوبي جا حدف ۽ دائره ڪار لاڳاپيل ايجنسيز سان طئي ٿيڻ ڪانپوءِ، صوبي پنجاب ۽ سنڌ جي آبپاشي ۽ زراعت ڪاتي جي عملدارن سان حتمي ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي.

٢٠٣. منصوبي ۽ اُن جي حقيقت ۽ دائره ڪار بابت هيٺ ڄاڻايل انگ اکر، اپريل ٢٠١٧ کان وٺي جولاءِ ٢٠١٧ع تائين اين ڊي اي جي توسط سان گڏ ڪيا ويا. اُن حوالي سان ايف اي او، اين ڊي اي جي عملدارن کي بُنيادي مشورا ۽ ڪڍيل نتيجا ڏنا ويا. ايف اي او جي ٽيم مجموعي طور ڏيهي توڙي پرڏيهي ماهرن جي فني صلاحيتن مان استفادو حاصل ڪندي، ڳوڙهي سوچ ويچار بعد منصوبي جو حتمي خاڪو جوڙيو. مذڪوره ٽيم جولاءِ ٢٠١٧ع ۾ فليڊ سطح تي تفيصلي جائزاتي دورو به ڪيو جڏهن ته اپريل ٢٠١٧ع کان معاملن تي سندن ڳوڙهي نظرداري هُئي، جنهن ۾ ڊيٽا گڏ ڪرڻ کان

وٺي، جُملي معاملن جو ڳوڙهو جائزو وٺڻ، مختص سائيٽ جا دورا، گروپ سطح جي مُشاورت سميت فيلڊ سطح تي زرعي مزدورن، خاص طور عورت هارياڻين ۽ اقليتن، خانگي فلاحي تنظيمن، صنعتڪارن، صنعتڪار گروهن، مالي سهوليت ۽ ٻي اِن پُٽ ۽ آئوٽ مهيا ڪندڙ پورهيتن سان تفصيلي گڏجاڻيون به ڪيون.

٢٠۴. ايف اي او، پاڪستان ۾ پاڻي ۽ زرعي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ شراڪتدارن سان پڻ مُشاورت ۽ مُعاونت جي حوالي سان ويجهڙائي ۾ رهيو ته جيئن سندن خدمتن مان فائدو حاصل ڪندي، موسمياتي تبديليءَ جي حوالي سان اختياري واري عمل، جنهن جي، جي سي ايف مالي معاونت، جيڪا ٻاهرين امداد طور ملي ٿي، ڪي سيڙپ جي نسبت سان وڌيڪ نُفعي بخش بڻائجي. ايف اي او، مختلف ايجنسين جهڙوڪ: سي آءِ اي ٽي، ڊي ايف آءِ ڊي، جِي آءِ زيڊ، ورلڊ بئنڪ ۽ ٻين حصيدارن سميت خاص طور سي آءِ اي ٽي ۽ ورلڊ بئنڪ ٻنهي سان هِن منصوبي بابت هلندڙ سهڪار جي حوالي سان خصوصي طور وڌيڪ مُشاورت ۾رهيو. ايف اي او ۽ ورلڊ بئنڪ جي وچ ۾ هلندڙ سهڪاري پروگرام جي سلسلي ۾ ايف اي او، ورلڊ بئنڪ سان، پروگرامن جي ڊيزائين ۽ عملدرآمد جي حوالي سان گُذريل ۵٠ سالن کان فني معاونت فراهم ڪري رهيو آهي. حڪومت ۽ ورلڊ بئنڪ ٻئي اِن ڳالهه تي پڻ راضي ٿيا آهن ته هِن پروگرام جي مجموعي حاصلات کي، زرعي مارڪيٽ ۽ رورل ٽرانسفارميشن جي، پنجاب ۾ هلندڙ پروگرامن ۽ سنڌ ۾ واٽر سيڪٽر امپروومينٽ پروجيڪٽ (وسپ) کي هٿي وٺرائڻ واسطي استعمال ڪيو ويندو.

٢.٢.۵. صوبائي ۽ ڳوٺ سطح تي مُشاورت:

٢٠۵. ڊسمبر ٢٠١٧ع ۾، پنجاب ۾ شراڪتدارن سان هڪ اعليٰ سطحي مُشاورتي عمل، ايرڊ ائگريڪلچر يونيورسٽي ۾ منعقد ٿيو، جنهن ۾، موسمياتي تبديليءَ کي استحڪام بخشڻ واسطي ڪم ڪندڙ پنجاب جي ماهرن سان گڏجي منصوبي جي بُنيادي خاڪي جو ڳوڙهو جائزو ورتو ويو. ساڳي ريت سنڌ جي شهر حيدرآباد ۾ پڻ جنوري ٢٠١٨ع ۾ هڪ مشاورتي پروگرام جو انعقاد ڪيو ويو. اهڙي طرح منصوبي جو ابتدائي ڊرافٽ، شراڪتدارن سان مُشاورتي عمل بعد جنوري ٢٠١٨ع ۾ تيار ڪيو ويو، جنهن کي اين ڊي اي منظور ڪيو ۽ ايف اي او جي سي ايف وٽ فيبروري ٢٠١٨ع ۾ حتمي طور جمع ڪرايو.

٢٠٦. سال ٢٠١٨ع جي فيبروري ۽ مارچ مهينن دوران، مجوزه منصوبي جي امڪاني سماجي ۽ ماحولياتي تحفظ وارن معاملن بابت شراڪتدارن سان، ٨ ضلعن ۾ ڏهن ڏينهن تائين لڳاتار ڳوڙهو جائزاتي مُشاورتي عمل جو انعقاد ڪيو ويو. مشاورتي عمل جو گهڻو زور، مقامي ماڻهن، منصوبي جي متاثرن، اقليتن ٻين لاڳاپيل شراڪتدارن سان گڏجاڻين تي ڏنو ويو. مشاورتي عمل دوران خاص طور الف) منصوبي جي مقصدن، ب) اثرن جو جائزو، ت) منصوبي تي عملدرآمد جي حوالي سان معلومات مُهيا ڪئي وئي. مُشاورتي عمل ۾ شرڪت ڪندڙن پڻ هن فورم کي اهڙي وضاحت واسطي استعمال ڪيو ته ١) منصوبي بابت شڪ شبهن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪهڙو مڪينزم جوڙيو ويندو؟ ۽ ٢) منصوبي لاءِ ڪهڙي طرح وڏي پئماني تي حمايت حاصل ڪئي ويندي؟. ڪين اهڙي خاطري ڪرائي وئي ته پاڻ کي غير محفوظ سمجهندڙ برادريون خاص طور نوجوان، عورتون ۽ مذهبي اقليت ضلعي سطح تي پنهنجي تحفظات، ضرورتن ۽ خطرن بابت عملدارن کي آگاهه ڪندا. مُشاورتي عمل جي مُک نُڪتن کي اِي ايس ايم ايف جي سيڪشن ۴ ۽ ۵ شامل رکيو ويو آهي. اِي ايس ايم ايف ۽ جئنڊر ائڪشن پلان ٻنهي جا نتيجا فيبروري، مارچ ٢٠١٨ع جي مشاورتي عمل کانپوءِ سامهون آيا ۽ ساڳي ريت اهڙي عمل دوران، منصوبي جي مجموعي حفاظتي پاليسيءَ واسطي جوڙيل حڪمت عمليءَ کي پڻ استعمال ڪيو ويو.

٢٠٧. آڪٽوبر جي مهيني ۾، ٿيل مشاورتي ڳالهه ٻولهه رُڳو شروعاتي تحفظ جو خاڪو جوڙڻ جي مقصد سان منعقد ڪئي وئي ۽ جنهن ۾ هيٺ ڏسيل گروپن ۽ علائقن کي شامل ڪيو ويو.

<u>صوبو پنجاب:</u>

- لاهور: ڊائريڪٽر جنرل (ڊي جي) آبپاشي (پنجاب)، ڊي جي آن فارم واٽر مئنجمينٽ پنجاب ۽ ڊائريڪٽر ائگريڪلچر ايڪسٽينشن (پنجاب).
- ڏهمڪي: سمارٽ ائگرو فارمز جا مقامي هاري.
- ڏهمڪي: ڇانورن جي مصنوعات کي هٿي ونرائڻ واري فارم جا هاري.
- ملتان: آپباشي جو سپرنٽينڊنٽ انجنيئر (فقط ملتان سرڪل) ۽زرعي توسيع کاتي (ملتان) جوڊائريڪٽر
- ڳوٺ ٢٠٦: هاري، انٽيگريٽيڊ ڊولپمينٽ ائسوسيئشن)ايف آءِ ڊي اي)، وهاڙي چيٽر)، گرين آرمي يوٿ گروپ (موسمياتي تبديليءَ ۽ اُن کي استحڪام فراهم ڪرڻ بابت ڄاڻ پکيڙڻ لاءِ ڪم ڪندڙ گروپ)، مقامي هاري، عورتون ۽ فارمر فيلڊ اسڪول جا شرڪت ڪار.

صوبو سنڌ:

- حيدرآباد: ڊي جي زرعي توسيع کاتو (سنڌ) ۽ چيف انجنيئر ائريگيشن ڊولپمينٽ سنڌ ريجن ون (سرڪاري اختيارن هيٺ منصوبي جي ريڪلئميشن لاءِ ڪم ڪندڙ)
- چوڌري نظام الدين: مقامي هاري ۽ عورتون

٢٠٨. سال ٢٠١٧ع جي آڪٽوبر مهيني ۾ هارين، عورتن ۽ اقليتن سان تحفظ واري ابتدائي مُشاورتي عمل، جيڪو منصوبي جي ٨ ضلعن ۾ منعقد ڪيو ويو هو، جي نتيجي ۾ طئي ٿيو ته:

* منصوبي ۽ اُن جي امڪاني اثرن کان متاثر ڪُٽنبن ۽ ڪمونٽيز کي آگاهه رکيو ويندو.

* منصوبي جي علائقي ۾ رهندڙ ماڻهن، خاص طور عورتن ۽ مخصوص قوميت رکندڙ ماڻهن کان معلومات ۽ سندن رايا معلوم ڪيا ويندا (هِن ڏس ۾ اقليتي گروهن جي حوالي سان ايف اي او جي اصطلاح تي پورو لهندڙ شامل هوندا، جن کي ڀلي ڪٿي حڪومت پاڪستان سرڪاري سطح تي اقليت قرار نه ڏنو هُجي).

* منصوبي جي عملدرآمد واسطي ڪميونبرادرين جي وسيع سهڪار، خاص طور متاثر اقليتي گروهن ۽ مذهبي اقليت کان هر ممڪن مدد حاصل ڪئي ويندي. هن ڏس ۾ نسلي ۽ مذهبي اقليتي گروهن کان منصوبي جي پيشڪشي مقصدن، سرگرمين، عملدرآمد ۽ امڪاني اثرن بابت اجازت ورتي ويندي. اگر اهو سمجهيو وڃي تہ هي مشاورتي عمل پهرين چار مهنين جي دوران بار بار ڪيو ويندو. هڪ دفعو هن منصوبي کي چونديو ويو آهي.

٢٠٩. سال ٢٠١٨ع جي فيبروري ۽ مارچ مهينن دوران مُشاورتي عمل ۾ شرڪت ڪندڙن جي فهرست ڏسڻي نمبر ٠٨ ۾ شامل ڪئي وئي آهي. ضميمو ١٠علحيده مشاورت جي حاضري جو ثبوت پيش ڪري ٿو اُن کان علاوه تيار ڪيل مذڪوره حفاظتي معلومات ساڻ جينڊر ائڪشن پلان، راين ۽ مُشاورت کي اڳتي هلي منصوبي واسطي استعمال ڪيو ويندو.

۳.۵ منصوبي جي عملدرآمد واسطي شراڪتدارن جي حصيداري:

۲۱۰. منصوبي جي آپريشنل سرگرمين دوران ڪميونٽي جي صلاح مشورن تي عمل ڪرڻ سُنو سنئوڻ آهي ۽ اُن سان ناڪاري اثرن ۽ تحفظات کي نيڪ نموني دُور ڪري سگهبو. هِن ڏس ۾ متاثر آبادي ۽ مذهبي اقليتن سان اضافي مُشاورت پڻ ڪئي ويندي، جيڪا ذيلي سرگرمين دوران عملدرآمد جي عارضي اثرن نمودار ٿيڻ وقت، مقامي ماڻهن جي، جڏهن سندن آمدني جي ذريعن وارين سرگرمين زرعي پيداوار وغيره تي اثر پوڻ شروع ٿيندو.

۱۱.۲. منصوبي تي عملدرآمد دوران، شراڪتدارن سان سالياني بُنياد تي مُشاورتي عمل جو انعقاد ڪيو ويندو.

فيلڊ سطح تي مُشاورت جو عمل، مقامي سطح تي منصوبي جي عملي لاءِ آساني مهيا ڪندو، جڏهن ته مجموعي طور مُشاورتي عمل جي شيڊيول لاءِ ملتان (پنجاب) جي آفيس ۾ مقرر حفاظتي عملي جي مُک اسپيشلسٽ سان رابطو ڪيو ويندو.

ڏسٽي نمبر ۰۹ شراڪتدارن سان مُشاورتي عمل جي ٽائيم لائين ۽ بجيٽ ۽ ٻين حفاظتي اوزارن جو جائزو مهيا ڪري ٿي.

ڏنل مفت واري معلومات کي با اختيار رضامندي جي مثبت مشغولي جي عمل کي سمجهي سگهجي ٿو جڏهن ته هتان جا ماڻهو موجود نه آهن. هن منصوبي ۾ ايف پي آءِ سي پروسيسنگ جو استعمال ڪيو ويندو جتي اخلاقي مذهبي اقليتون موجود هجن. ان کان علاوه ڪميونٽي جي طور تي (1) مواد سان گڏ پنهنجي متعلقه ٻولي سان ڳنڍيل آهن. (II) اهي اهو سمجهندا ته هن منصوبي تحت جيڪي فائدا سي انهن سيني شرڪت ڪندڙن ۽ ڪميونٽي جا ميمبر هن ۾ شمار آهن اهي فائدا انهن جي لاءِ آهن. ۽ (III) انهن کي ٻيهر پنهنجي پسنديده ترجيحات جي شڪايت جي بحالي واري طريقيڪار کي بحال ڪرڻ جو موقعي ڏنو ويو آهي. اهڙيءَ طرح تفصيلي طور تي ايس ايم ايس ايف جي سيڪشن 5.4 ۾، ڪميونٽي جي مخصوص GRM جي امڪان ۾ امڪاني گروپن جي اضافي نمائندگي ۾ شفاف ۽ شفاف ريفري تسليم ڪرڻ شامل هوندي.

۴.۵ عوامي مُشاورت جو نتيجو:

۲۱۲. منصوبي جي اثرائتي اثرن جي حوالي سان ڪميونٽيءَ سان مُشاورتي عمل بعد هيٺيان رايا سامهون آيا آهن:

- **منصوبي جا اثر**: شرڪت ڪارن اُن ڳالهه تي اتفاق ڪيو ته مجموعي طور منصوبي جا هاڪاري اثر پوندا ۽ تفصيلي طرح اِهو سماجي ۽ ماحولياتي حوالي سان هاڪارو رهندو. شرڪت ڪارن مان ڪافي ماڻهن کي، هِن کان اڳ به موسميات بابت ايف اي او جي منصوبن، خاص طور جيڪي زرعي پيداوار کي وڌائيندي آءِ پي ايم کي متعارف ڪرائڻ متعلق هُئا، سان ڪم ڪرڻ جو خاصو تجربو هو ۽ اهڙن هارين هن نوعيت جي منصوبن ۾ خصوصي دلچسپيءَ جو اظهار ڪيو. اهڙن هارين اقليت سان به مُشاورت ڪئي وئي، جِن کي پنهنجي زمين جي ڪرايي جي حوالي سان خدشات ڪو نه ڏسيا. توڙي جو ايف اي او جي سهولتڪارن زمين جي مالڪاڻي حق ۽ پهچ سميت موسم جي باري ۾ ڪانئن مختلف نوعيت جا سوال پُڇيا، جِن جي جواب ۾ سندن چوڻ هو ته جيڪڏهن هن قسم جا منصوبا، وڌيڪ پيداوار جو سبب بڻجن ته هُو پنهنجي زمين به هن مقصد جي غرض سان سُپرد ڪرڻ جي لاءِ تيار آهن، ايتري حد تائين جو پنجاب ۽ سنڌ ۾ موجوده زمين جي ملڪيت هجڻ جي حوالي سان هارين منجهه ڪا خاص دلچسپي نه ڏني وئي. اِهو ڏنو ويو ته هاري اُن وقت پنهنجي جذبن جو، ڪُليل انداز ۾ اظهار ڪرڻ کان لنوائي ويا جڏهن جو هڪ زميندار گهراڻي سان تعلق رکندڙ شخص (حادثاتي طور) مُشاورتي عمل ۾ شريڪ رهيو. اِهو پڻ واضح ڪيو ويو ته هيءُ منصوبو ايف اي او ۽ جي سي ايف جي گهُرجن تي منحصر ڪندو ۽ اُن حوالي سان ڪو به اثرائتو معاملو جهڙوڪ: زمين جو استعمال ۽ ٻهراڙيءَ ۾ مهذب روزگار وغيره کي جڏهن اُن جي ضرورت پئي ته مذڪوره حفاظتي حڪمت عمليءَ تحت اُڪلايو

ويندو. منصوبي ۾ ايندڙ علائقن ۾ هِن ڏس ۾ تعميراتي ڪم اڳواٽ ئي مڪمل ڪيو ويو آهي. (ايف اي او ۽ سنڌ حڪومت ڪُجهه ضلعن ۾ وي جِي جِي ٽي جي استعمال کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اڳ ۾ ئي مصروف عمل آهن).

- **شڪايتن جي ازالي وارو نظام(جي آر ايم)**: هاري، عورتون ۽ اقليت اِهو چاهيندا آهن ته منصوبي جي پليٽ فارم تان سمورن ضلعن ۾ شڪايتن جي ازالي جو مربوط نظام جوڙيو وڃي ۽ سرڪاري ڪاتن اندر شڪايتي سيل قائم ٿيڻ واري جنهنجهٽ کان بچڻ جي لاءِ اُن کي ايف اي او يا (ڊيرا غازي خان جي سطح تي) مقامي سماجي تنظيم تحت هلايو وڃي. اُن علائقن جو خاص طور خيال رکيو وڃي جتي اقليتون رهندڙ هُجن. هاٽ لائين کي خاص اوليت ڏني وئي، جيڪا هن مقصد لاءِ قائم ڪئي وئي هُئي. هر ضلعي ۾ اقليتن سان ملاقاتون ڪيون ويون ته اُهي منصوبي جي حوالي سان پنهنجيون شڪايتون خاص طور پنهنجي ڪميونٽي جي اندر يا گڏيل سماجي سرشتي ۾ رهندي، ڪهڙي طرح درج ڪري سگهن ٿيون، ٻڌائين. اڪثريت تنازعن کي، سرڪاري سرشتي جي مقابلي ۾ بزرگن جي معرفت حل ڪرڻ کي ترجيح ڏني ۽ اُنهن ڪميونٽي جي اندر هاٽ لائين يا شڪايتي سيل جي قيام جي پڻ آجيان ڪئي.
- **شراڪت**: مُشاورتي عمل سان عورتن ۽ اقليتن کي منصوبي جي سرگرمين ۾ شرڪت ڪرڻ جو موقعو مُيسر ٿيندو، جيڪي ثقافتي سطح تي تجرباتي بُنياد تي منعقد ڪيون ويندين. هِن ڏس ۾ موصول ٿيل راين کي منصوبي جي ٽيم تائين رسايو ويو ۽ اُهي سڌي ريت منصوبي جي مالياتي پروپوزل ۽ فزيبلٽي رپورٽ ۾ شامل ڪيون ويندين.
- **صنف**: عورتون فصل پوکڻ، لُٽڻ، رونبي ڪرڻ ۽ مال متاح پالڻ کان علاوه ڪُجهه وري گهرداريءَ ڪندي رڌڻي تائين محدود هونديون آهن توڙي جو اُهي ڪيترائي ڪم غير رسمي طور به سرانجام ڏين ٿيون. عورتن جي ڪم ڪرڻ جي ظاهري حالت هر ضلعي يا ڳوٺ ۾ اُتان جي ڪميونٽي تي مُنحصر ڪري ٿي. ڪُجهه عورتن کي مرد سان گڏوگڏ ڪم ڪرڻ جي اجازت هوندي آهي جڏهن ته ڪُجهه کي مردن کان علاوه فيلڊ سطح تي اڪيلي سر ڪم ڪرڻ جي اجازت نه هوندي آهي البته ڪُجهه معاشرت ۾ اِن ڏس ۾ مُشڪلاتون حائل هونديون آهن ۽ عورت کي ٻاهر ڪم ڪرڻ لاءِ ايستائين ڏکيائي پيش ايندي آهي، جيستائين ڪو مرد ساٿن گڏ نه هوندو آهي. زرعي ڀاڻ ۽ جيت مار دوائن جي استعمال، جنهن ۾ ڪيميڪل هُجي ٿو ۾ مرد وڌيڪ ڪم ڪندا آهن ڇو ته اُهي ڏکئي ۽ خطري واري ڪم سان، پنهنجي جسامت جي مُناسبت سان نبردآزما ٿين ٿا. مرد عام طور آبپاشي، زرعي پيداوار ۽ فصلن سان جُڙيل رهن ٿا. مُشاورتي عمل دوران عورتن کي مردن کان ڌار ملڻ جو موقعو ڏنو ويو ته جيئن اُهي پنهنجون ڪهاڻيون، تحفظات ۽ ترجيحات ٻُڌائي سگهن. هن تحت جُملي راين ۽ تفصيلن کي جينڊر ائڪشن پلان تحت سهيڙيو ويو آهي.
- **معاشرتي حمايت**: هيءُ منصوبو ماحولياتي ۽ سماجي سطح تي مُناسب اثر ڇڏيندو ۽ محدود اثرن کي گهٽائي ڇڏيندو. هِن حوالي سان سمورن شرڪت ڪارن سان مُشاورت ڪئي وئي ۽ اقليتي گروهن منصوبي تي عملدرآمد واسطي پنهنجي هر ممڪن مدد جي آڇ پڻ ڪئي آهي.

۵.۵ ظاهر ڪرڻ:

۲۱۳. جي سي ايف ۽ ايف اي او جي ڄاڻ تائين رسائي واري پاليسي مُطابق، هِن منصوبي جي حفاظتي آلاتن ساڻ اِي ايس ايم ايف ۽ جينڊر ائڪشن پلان جي سموري معلومات کي انگريزي ٻوليءَ ۾ (پاڪستان جي صورت ۾ اُردو ٻولي) منصوبي بابت جي سي ايف جي بورڊ جي ميٽنگ جي منظوريءَ کان ۳۰ ڏينهن پهرين ويب سائيٽ تي عام ڪيو ويندو. ڪنهن مقامي ماڻهوءَ جي منصوبي بابت دستاويزن تائين رسائيءَ کي ممڪن بنائڻ واسطي، لاڳاپيل دستاويز کي مُڪ شراڪتدارن پڙهڻ ۽ سمجهڻ واسطي آسان صورت ۽ ٻولي ۾ آڌاري، ڪنهن محفوظ جڳهه تي رکڻ جو بندوبست ڪيو ويندو. منصوبي بابت ڄاڻ کي اهڙي ريت ظاهر ڪرڻ جو عمل شراڪتدارن کي اثرائتي انداز ۾ شرڪت ڪرڻ تي همٿائيندو. ايف اي او جو پڪو ارادو آهي ته مذڪوره ڄاڻ کي وقت سر ۽ ثقافتي روايتن سان هم آهنگ، اهڙي جاءِ تي آويزان ڪجي، جتي مذڪوره ڄاڻ ڪميونٽي جي ڌيان ۽ بُنيادي ضرورتن جو مرڪز رهي، جِن جو منصوبي جي

عملدرآمد دوران متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي ۽ جن ۾ تعليم، صنف ۽ ٻوليءَ جو فرق يا رابطي ڪاريءَ لاءِ فني ڄاڻ جي ڪوٽ وغيره شامل آهن.

٢١٤. هِن جهڙي موثر خطري وارن منصوبن واسطي، ايف اي او هميشه وقت سر گهٽ ۾ گهٽ منصوبي جي حتمي منظوري کان ٣٠ اڳ لاڳاپيل معلومات فراهم ڪندو آهي. ٣٠ ڏينهن جي عرصي ۾ صرف جڏهن سموري لاڳاپيل معلومات مهيا ڪئي وئي ۽ اُها عوام جي لاءِ دستياب هوندي. ايف اي او موثر خطري وارن سمورن منصوبن بابت لاڳاپيل ڄاڻ ۽ دستاويز جن ۾ ماحوليات ۽ سماجي تحفظ وارا دستاويز جهڙوڪ: ماحوليات ۽ سماجي منصوبي سازيءَ جو نظام، جينڊر ائڪشن پلان، هوشيار ماڻهن جو منصوبو ۽ ٻيا لاڳاپيل دستاويز شامل آهن، ڏيکاءَ جي پورٽل تحت عام ماڻهوءَ جي لاءِ پڌرو ڪندو آهي. Website: http://www.fao.org/enoironmental-social-standards/disclosure-portal/en/

٢١٥. منصوبي بابت وڏي پئماني تي ڄاڻ ڦهلائڻ جي ارادي خاطر ماحوليات ۽ سماجي تحفظ سان لاڳاپيل سموري ڄاڻ کي مقامي پهچ ۽ ڊسڪلوزر ٽولس آڊيو وزيوئل جهڙوڪ: اُڏامندڙ وسيلا، بروشر، سماجي ريڊيائي نشريات وغيره کي مقرر معياري پورٽل کان علاوه استعمال ڪيو ويندو. جِن کي خاص طور هارين، سُڄاڻ ماڻهن، اڻ پڙهيل يا اڻ پڙهيل فني ۽ ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت کان معذور ماڻهن، انٽرنيٽ جي سهوليت کان محروم طبقي يا واڌو خاص ضرورت وارن ماڻهن جي خصوصي ڌيان جي ضرورت آهي. مذڪوره ماڻهن جي گروهن ۾ ڄاڻ پهچائڻ جي واسطي منصوبي جي شراڪتدارن کي علاوه مقامي سطح تي ڪم ڪندڙ تعلقي يونين ڪائونسلز جي ڪائونسلرن، اقليتي گروهن، هاري تنظيمن، سرڪاري ۽ غير سرڪاري رضاڪارن جي مدد ورتي ويندي.

٢١٦. اِي ايس ايم ايف جو مٿئين جينڊر ائڪشن پلان کي انگريزي ۽ اُردو (پاڪستان جي قومي ٻولي) ۾ سيپٽمبر ٢٠١٨ع ۾ ايف اي او، ايم او سي سي ۽ جي سي ايف، جي ويب سائيٽ تي عام ڪيو ويو هو. اُن کان علاوه ٻنهي دستاويزن کي اُردو ٻوليءَ ڳوٺاڻي سطح تي پڻ عام ڪيو ويو آهي.

٦.٥ شڪايتن جي خاتمي جو نظام:

٢١٧.شڪايتن جي خاتمي وارو نظام (جي آر ايم) منصوبي جي انتظام ڪاريءَ جو هڪ لازم عنصر آهي، جنهن جي توسط سان منافعو حاصل ڪندڙ طبقي کان رايا گڏ ڪندي، منصوبي جي سرگرمين ۽ ڪارڪردگيءَ متعلق سندن خدشن کي ختم ڪيو ويندو. هن نظام جو بُنياد ايف اي او جي گهُرجن مطابق ۽ خاص طور معاشري جي موجوده مخصوص خدشن، جيڪي مقامي منافعو حاصل ڪندڙن کي درپيش آهن، انهن جي نمائندگي تي مُنحصر آهي.

جي آر ايم بابت ايف اي اوز جي پهچ:

٢١٨. ايف اي او پُختو ارادو رکي ٿو ته مذڪوره منصوبي تي، ادارتي ماحول مُطابق ۽ سماجي قانون تحت عملدرآمد ڪيو ويندو. مذڪوره مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي ارادي تحت اِها خاطري ڪرائجي ٿي ته ايف اي او پروگرام جو فائدو حاصل ڪندڙ طبقو، متاثر ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور پنهنجا خدشا يا اُنهن کي موٽ نه ڏيڻ بابت شڪايت ڏسيل قانون تحت هِن نظام تائين رسائي حاصل ڪري. تنظيم ڪٿ ڪرڻ جي ذيلي نظام تحت اهڙن شڪايتن کي وصول ڪندي، انهن جو جائزو وٺندي ۽ مُناسب ۽ معقول حد تائين تنظيم ڪاريءَ جي سطح تي، انسپيڪٽر جنرل جي آفيس اهڙين شڪايتن جو آزاڻا جائزو وٺندي ته هن سطح تائين پُڄندي آخرڪار شڪايتن جو ازالو ڇو نه ڪيو ويو آهي.

٢١٩. ايف اي او پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙ طبقي طرفان، ايف اي اوز جي ماحولياتي ۽ سماجي سطح تي ڪيل خاطرداريءَ جي ڀيڪڙي بابت لڳايل الزامن ۽ خدشن کي حل ڪرڻ جي مد ۾ مدد مهيا ڪئي ويندي. هن مقصد واسطي، خدشن جو، اهليت جي مقرر حدن ۽ هدايتن تحت جائزو ورتو ويندو، جيڪي اداري جي ماحولياتي ۽ سماجي معيارن سان لاڳاپيل هوندا ۽ جيڪي ايف اي او جي سمورن منصوبن تي يڪسان لاڳو سمجهيا ويندا.

٢٢٠. خدشن جو نهايت باريڪ بينيءَ سان مُناسب انداز ۾ جهڙوڪ: مئنجمينٽ ۽ فني سطح ۽ علائقي آفيس سطح تي جائزو ورتو ويندو. جيڪڏهن ڪنهن خدشي يا تحفظات جو مُشاورت طئي ٿيل طريقيڪار تحت پروجيڪٽ مئنجمينٽ

سطح تي حل نه ڪڍيو ويو ته اُن کي اُڪلائڻ جي لاءِ، ڏسيل هدايتن تحت انسپيڪٽر جنرل کي درخواست ڪئي ويندي. پروگرام ۽ پروجيڪٽ مئنيجر شڪايتن بابت ٽڏي تي ڏيان ڏيڻ جا مڪمل پابند رهندا.

٢٢١. شڪايتن جي ازالي واري عمل دوران، غيرجانبداري، باهمي احترام، انساني حقن، سُڃاڻ شخص جو خيال رکڻ وارن اصولن کي اڳيان رکيو ويندو. ساڳي ريت قومي وقار ۽ اُن جي مستحڪمي، برابري، شفافيت، ايمانداري ۽ گڏيل احترام تي به عمل ڪيو ويندو.

منصوبي جي سطح جا جِي آر ايم:

٢٢٢. منصوبي جي تياريءَ دوران مُشاورتن واري عمل ۾ اهو نُڪتو اُڀيو ته پروجيڪٽ جي متاثر ماڻهن، جِن ۾ هڪجهڙي ثقافت واري اقليت به خدشن جي خاتمي وارو ساڳي نظام (جي آر ايم) تحت پنهنجا تحفظات وندي سگهنديون. اقليتن به مجموعي طور مُشاورتي عمل دوران ساڳي نظام تحت خدشا وندڻ واري خواهش جو اظهار ڪيو. تنهنڪري اِهو محض منصوبي جي بُنياد تي موجود هو نه ڪي حڪومتي ڍانچي (ترجيحن ايتري تائين جو ايف اي او يا مقامي سماجي تنظيمن رد عمل ڏيکاريو ته جي آر ايم کي ايف اي اوز جي بُنياد تي هلايو وڃي) هيٺ بڻايو .ويو. مُشاورتي عمل ۾ اُن تي پڻ زور ڀريو ويو ته خدشن جي خاتمي واسطي هاٿ لائين کي استعمال ڪيو وڃي. مذڪوره سفارشن کي ذهن ۾ رکندي منصوبي واسطي جي آر ايم جو خاڪو ٺاهيو ويو. اهو سمجهايو ويندو آهي ت هي عمل درآمد جي دوران ڪيل صلاحن جي مطابق GRM مخصوص نسلي/ مذهبي اقليتن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ ترميم ڪري سگهجي ٿي جيئن ته هن منصوبي جو ماڳ طئي ٿيل آهي.

٢٢٣. مقامي سطح تي منصوبي بابت شڪايتون اُڪلائڻ جي غرض سان مذڪوره علائقي ۾ هڪ يا اُن کان وڌيڪ شڪايتي مرڪز قائم ڪيا ويندا. (١) رابطي جي نمبر جي معلومات ۽ (٢) شڪايت تي ڪارروائي بابت ڄاڻ، ٻنهي بابت لاڳاپيل معلومات مُهيا ڪئي ويندي ۽ جمع ڪيل شڪايت کي منصوبي جي اختتام تائين سمورين گڏجاڻين، ورڪشاپن ۽ ٻين لاڳاپيل موقعن تي وقت بوقت پڙرو به ڪيو ويندو. اِها توقع به ڪجي ٿي ته ڄاڻ ڦهلائڻ جي حوالي سان تيار ڪيل مواد سميت داخل ڪيل شڪايت تي ڪارروائيءَ جي باري ۾ ٻي ضروري معلومات، مُڪيه رابطي ڪار جا نمبر پڻ جاري ڪيا ويندا. منصوبي تحت شڪايتن جو ڪهڙي طرح ازالو ڪبو يا حفاظتي ڪارڪردگي جانچڻ بابت ڪاغذي ڪارروائي وغيره جو رڪارڊ پڻ رکيو ويندو.

٢٢٤. شڪايتن جي ازالي وارو نظام، هيٺ ڏنل نُڪتن تي مشتمل هوندو:

- مُشاورتي عمل دوران ڏسيل ترجيحات جي پوئيواري ڪئي ويندي، معمولي نوعيت جي شڪايتن کي مقامي سطح تي ڪارروائي ڪندي روايتي انداز ۾ سماجي اڳواڻن جي لاڳاپيل عملدارن سان ڳالهه ٻولهه ڪرائي، اُن کي حل ڪيو ويندو ۽ هِن تناظر ۾ ڳوٺن جي بزرگن ۽ سندن راءِ جو احترام ڪيو ويندو. جتي اقليتن طرفان شڪايت داخل ڪرائي ويندي ۽ اُتي (١) شڪايت جي ازالي واسطي لاڳاپيل ڳوٺ جي معزز کي مُنتخب ڪيو ويندو ۽ اهو بزرگ لازمي طور اقليتي برادريءَ منجهان ئي هوندو يا (٢) ٻن يا ٻن کان وڌيڪ معززن کي مقرر ڪرڻ جي ضرورت پوڻ جي صورت ۾ اقليتن کي برابريءَ جي نمائندگي ڏني ويندي.
- مثال طور، سڌي ريت ايف اي او تحت شڪايت جي ازالي لاءِ ماحول سازگار هُئڻ جي صورت ۾، مذڪوره شخص وٽ ذاتي طور شڪايت داخل ڪرڻ جي قابليت نه هئڻ جي صورت ۾، لاڳاپيل شخص پنهنجي شڪايت جو لکت توڙي زباني اظهار مقامي يونٽ جهڙوڪ: ايف اي او يا مقرر سماجي تنظيم جي اڳيان ڪري سگهندو.
- مقامي سطح تي شڪايت وصول ڪندڙ پروجيڪٽ جو عملو، ساڳي شڪايت کي صوبائي عملدرآمدي يونٽ (پي پي آءِ يو) مُلتان وٽ جمع ڪرڻ جو ذميوار هوندو. مثال طور جتي شڪايت جو دعويدار شخص، سڌي ريت دعويٰ داخل ڪرڻ چاهيندو هُجي ته ڪيس ائين ڪرڻ جو حق حاصل هوندو ته هُو پي پي آءِ يو مُلتان ۾ مقرر حفاظتي ڪم جي اسپيشلسٽ وٽ دعويٰ داخل ڪرائي.

- ڪنهن شڪايت جي بي نام داخلا مقصود هُجي ته مذڪوره علائقي جي سماجي روايتن يا اقليتي تضاد حل ڪرڻ واري نظام کي نظر ۾ رکيو ويندو ۽ سماجي خود انتظام ڪاري واري نظام ۾ مداخلت نه ڪئي ويندي. سڌي ريت شڪايت داخل ڪرائيندڙ کي حفاظتي ڪم جي اسپيشلسٽ جي اڳواڻ جو پي پي آءِ يو تحت رابطي جو نمبر ڏنو ويندو ته جيئن هُو شڪايت جي حوالي سان وڌيڪ رابطي ۾ رهي سگهي
- شڪايت داخل ڪرائيندڙ جي شڪايت ڪانپوءِ، شڪايتن جي ازالي واري نظام جو هڪ شعبو اهڙي شڪايت کي، حفاظتي اسپيشلسٽ جي اڳواڻ وٽ رجسٽرڊ ڪرائيندو ۽ اُن کي پي ايم يو پروجيڪٽ جي ڪوآرڊينيٽر ڏانهن موڪليندو ته اهو واضح ڪري ته شڪايت ٻڌڻ جوڳي آهي. هن عمل دوران شڪايت ڪندڙ جو نالو مخفي رکيو ويندو.
- ٻڌڻ جوڳي شڪايت کي، پي ايم يو يا لاڳاپيل پروجيڪٽ تحت اُڪلايو ويندو. پي ايم يو جو پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر شڪايت کي رڪارڊ ڪرڻ جي لاءِ ذميوار هوندو. جيڪڏهن ڪنهن حل بابت ڏرين سان رضا نامو ٿيو ته اُن جو سبب واضح ڏسيو ويندو.
- جيڪڏهن صورتحال تمام گهڻي مُنجهيل هُجي ۽ شڪايت ڪندڙ تجويز ڪيل حل کي قبول ڪرڻ جي لاءِ تيار نه هُجي ته مٿس هرپرو زور نه پريو ويندو ۽ شڪايت کي اعليٰ سطح تي مٿي موڪليو ويندو، جيستائين اُن جو ممڪنه حل نِڪري اچي.
- هر موصول شڪايت جي لکت ۾ ثابتي ڪم وارن ١٠ ڏينهن اندر موڪلي ويندي ۽ ٣٠ ڏينهن اندر اُن جو ممڪنه حل ڪڍيو ويندو.
- ڪڍيل حل تي عملدرآمد جي لاءِ، انچارج، جيڪو شڪايت ڪندڙ سان رابطي لاءِ مقرر ٿيل هوندو، اهو ساڻس رابطي ۾ رهندو ۽ ڪيس مُشاورت يا انٽرويو جي لاءِ گهرائي سگهندو ته جيئن مُناسب هم آهنگي قائم ڪري سگهجي.
- سيني موصول شڪايتن، اُن بابت ايندڙ موت ۽ حل کي لازمي طور رجسٽرڊ ڪيو ويندو.

اندروني ڪارروائي:

٢٢٥. **مڪيه حفاظتي اسپيشلسٽ**: ڪا شڪايت جيڪا لکت يا زباني (فون تي) صورت ۾، پي پي آءِ يو جي مُکيه حفاظتي اسپيشلسٽ کي موصول ٿئي ته اهڙي صورت ۾ موصول شڪايت کي رجسٽرڊ ڪيو ويندو ۽ ان کي اهليت طئي ڪندڙ مُکيه اسپيشلسٽ ڏانهن موڪليو ويندو ته هُو اُن جي حقيقت جو تعين ڪري. تنهن کان پوءِ ساڳي شڪايت کي پي ايم يو جي پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر ڏانهن موڪليو ويندو.

٢٢٦. **پروجيڪٽ مئنجمينٽ يونٽ**: پي پي آءِ يو جي مکيه حفاظتي اسپيشلسٽ کان لکت جي صورت ۾ پهتل شڪايتون، سڌي ريت پي ايم يو جي ڪوآرڊينيٽر کي پهچنديون. پروجيڪٽ جو ڪوآرڊينيٽر اُن جي اهليت جي حوالي سان حتمي طور تي جانچ واري ڪارروائي کي عمل ۾ آڻيندي شڪايت جو ازالو ڪندو.

٢٢٧. **پروجيڪٽ اوورسائيٽ ڪميٽي (پي او سي)**: جيڪڏهن شڪايت کي پي ايم يو تحت حل نه ڪري سگهي ته اهڙي صورت ۾ پي او سي اُن جي وضاحت ڪندو. جيڪڏهن پي او سي به اُن جو حل ڪڍڻ کان لاچار هُجي ته اهڙي صورت ۾ مذڪوره شڪايت کي وڌيڪ مٿئين سطح تي ايف اي او جي نمائندي ڏانهن روانو ڪيو ويندو.

٢٢٨. **ايف اي او جو نمائندو**: جيڪڏهن پهرين ٻن سطحن يعني پي ايم يو ۽ پي او سي شڪايت جو ازالو نه ٿا ڪن تهُ پوءِ اُن جي حل لاءِ ايف ايو جي نمائندي کي درخواست ڪئيي ويندي.

٢٢٩ **ايشيا ۽ پئسفڪ جي لاءِ ايف اي او جي علائقائي آفيس**: جيڪڏهن لازم سمجهيو وڃي ته ايف اي او جي نمائندي کي درخواست ڪرڻ گهرجي ته علائقائي آفيس کي شڪايت جي حل جي لاءِ درخواست ڪئي وڃي يا لاڳاپيل شڪايت کي سڌي ريت علائقائي آفيس ڏانهن رواني ڪئي وڃي پر اهو ان صورت ۾ ٿئي جڏهن شڪايت جو حل ناممڪن يا صفا مُنجهيل هُجي.

۲۳۰. **ايف اي او جو علائقائي نمائندو**: مخصوص حالتن ۾ يا مُنجهيل مسئلن تي راهنمائي واسطي ايف اي او جي انسپيڪٽر جنرل کي درخواست ڪندو. اهڙي صورتحال ۾ آفيس طريقيڪار تحت انسپيڪٽر جنرل (او آءِ جي) مسئلي جو حل ڪيندو.

قرارداد:

۲۳۱. شڪايت ڪندڙ طرفان قرارداد قبول ڪرڻ جي صورت ۾، راضي نامي جي دستاويز تي صحيحون ڪيون ويندیون، جنهن ۾ قرارداد جي شرط ۽ ضابطن کي واضح ڪيو ويندو.

موصول شڪايت	گهربل قدم
حفاظتي اسپيشلسٽ اڳواڻ (پي پي آءِ يو)	لازمي طور شڪايت کي رجسٽرڊ/ داخل ڪندو ۽ اُن کي ۲ ڏينهن (ڪم وارن) جي اندر، اُن جي اهليت جو معيار جانچڻ لاءِ پي ايم يو کي موڪليندو
پروجيڪٽ مئنجمينٽ يونٽ	شڪايت وصول ڪرڻ جي ۵ ڏينهن (ڪم وارن) جي اندر اُن تي موٽ ڏيندو
پروجيڪٽ اوورسائيٽ ڪميٽي (پي او سي)	ڪائي تنظيم شڪايت وصول ڪري ته اُن شڪايت جي وصولي جي رسيد مهيا ڪري. جيڪڏهن شڪايت قبول ڪئي وئي ته اُن صورت ۾ وصول ڪندڙ مذڪوره سموري معلومات پروجيڪٽ اوورسائيٽ ڪميٽيءَ جي سمورن ميمبرن کي موڪلي ۽ مسئلي جي حل جي لاءِ ميمبرن جي گڏجاڻي ڪوٺائي. پروجيڪٽ اوورسائيٽ ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي جي ۵ ڏينهن بعد موٽ ڏني وڃي.
پاڪستان ۾ ايف اي او جو نمائندو	پي او سي سان صلاح مشوري بعد لازمي طور ۵ ڏينهن (ڪم وارن) اندر موٽ ڏيندو. ايف اي او جو نمائندو: مينادِائولاٽچي Mina Dowlatchahi Mina.dowlatchahi@fao.org FAO-PK@fao.org Tel.+۹۲۵۵۴۵۴-۵۱-۹۲, or +۹۲۵۵۴۹۱-۵۱-۹۲
ايشيا ۽ پئسفڪ جي لاءِ ايف اي او جي علائقائي آفيس	ايف اي او جي نمائندي سان صلاح مشوري بعد لازمي طور ۵ ڏينهن (ڪم وارن) اندر موٽ ڏيندو. ايف اي او جو نمائندو: ڪُنڊاوي ڪئدريسن kundhavi kadiresan kundhavi.kadiresan@fao.org FAO-RAP@fao.org Tel.: (+۶۶ ۲ (۶۹۷ ۴۰۰۰
انسپيڪٽر جنرل جي آفيس	فقط دوڪيبازي (فراڊ) ۽ نامُناسب يا خراب روي بابت جي شڪايت (راز ۾ رکيو ويندو) فيڪس وسيلي: (+۳۹)۰۶۵۷۰۵۵۵۵۰ By e-mail:Investigations-hotline@fao.org ڳجهي هاٽ لائين وسيلي: (+۳۹ (۰۶۵۷۰۵۲۳۳۳

٢٣٢. اقليتي برادري، منصوبي تحت عملدرآمد هيٺ، ڪنهن هڪ يا سمورين ذيلي سرگرمين بابت هر رُخ کان ڪا به شڪايت يا اپيل داخل ڪري سگهي ٿي. مذڪوره شڪايتن يا تحفظات جي حوالي سان، مقرر طريقيڪار تحت وضاحتي پمفليٽ تيار ڪري ورهايا ويندا ۽ اهو اقليتي برادريءَ کي استعمال واسطي پڻ ڏنو ويندو. اقليتي برادريءَ جي سمورن ميمبرن کي شڪايتن ۽ شڪايتي چئنلز (جن بابت مٿي ڄاڻ ڏنل آهي) بابت آگاهه ڪيو ويندو ۽ ڪميونٽيءَ جي گڏجاڻي يا ٻئي ڪنهن موزون وسيلي کان کين آگاهه ڪيو ويندو. ڄاڻ پکيڙڻ جي لاءِ ڄاڻ ۽ رابطي ڪاري جي ٻي ٽيڪناالاجي سميت ميڊيا جي ذريعن کي پڻ استعمال ڪيو ويندو. متاثر ماڻهن ۽ تنظيمن جي ٻيهر آبادڪاري سان لاڳاپيل خيالن ۽ تجويزن کي بهتر نموني ٻڌو ۽ انهن تي عمل ڪيو ويندو.

٠.٦

منصوبي جا امڪاني اثر

١.٦ ماحولياتي ۽ سماجي اثرن جو مجموعي جائزو:

٢٣٣. منصوبي جو مقصد پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر هارين لاءِ موسميات جي مجموعي طور تي اثرن جي توقع آهي ، تنهنڪري مجموعي طور هاڪاري اثرن جي قوي اميد آهي. توڙي جو هنن هاڪاري خاص اثرن جي اميدن باوجود منصوبي کي درجاتي لحاظ کان سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ منصوبن واري ڪئٽيگري بي ۾ رکيو ويو آهي. اُن ڪري جو ليبر مارڪيٽ ۾ وڏي پئماني تي اٿبرابريءَ ۽ منصوبي جي ايراضيءَ ۾ اهڙن ماڻهن کي سرگرمين ۾ بي زمين ماڻهن کي شامل ڪيو ويندو.

منصوبي جا مجموعي طور هاڪاري ۽ ناڪاري اثر هيٺ ڏجن ٿا.

٢٣٤. هاڪاري اثر: قوي امڪان آهي ته منصوبي وسيلي، سنڌو درياهه جي ٻنهي طرفن کان خاص طور پاڻيءَ جي انتظام ڪاريءَ سميت قدرتي وسيلن ۽ زرعي زمين، جنهن تي هاري ڪم ڪن ٿا، تي زرعي تجربن واسطي موسمي استحڪام ۾ واڌارو ٿيندو. ماحولياتي طور، اهو فارمن جي بهتر ڪارڪردگي واسطي ماحول کي سازگار بڻائيندو، جنهن سان انساني صحت کي دوام ملندو ۽ اهو وڏي وقت تائين بحال رهي سگهندو. مشيني ۽ جديد سازسامن، ٽيڪنالاجي، جي ڪُليل ۽ بند فارمن تي استعمال سان معياري زرعي پيداوار ۽ اُپت تي موسمياتي تبديليءَ جي اثرن کي گهٽ ڪرڻ جي قوي اميد آهي. جُز نمبر ٢ هيٺ خاص طور ايف ايف سي جي نشتن وسيلي اها خاطرداري ڪرائي ويندي ته وڌيڪ بهترڪرڻ جي لاءِ سرگرم رهندا ۽ اهو سڀ منصوبي مطابق ٿيندو. مثال طور: انٽيگريٽيڊ پيسٽ مئنجمينٽ (آءِ پي ايم) کي منصوبي تحت استعمال ڪيو ويندو، اُن سلسلي ۾ مربوط پيسٽ مئنجمينٽ تحت جيت مار دوائن جي اثرن کي گهٽايو ويندو. سماجي طور تي حدف طور مقرر ڪميونٽيءَ جي زرعي معاش کي ائداپٽيو صلاحيت جي بُنياد تي وڌايو ويندو. هي منصوبو پڻ مزدورن جي لڏپلاڻ جي سطح ۾ گهٽتائي آڻيندو اُن لاءِ جو زمين جي وڌندڙ پيداوار ۾ هارين جون ضرورتون پوريون ٿينديون ۽ انهن کي هيڏانهن هوڏانهن ڪم ڪرڻ جي تلاش جي ضرورت نه پوندي. پورٽل تحت موسميات کي استحڪام ڏيندي ڪلائميٽ سمارٽ واٽر مئنجمينٽ قائم ڪيو ويندو ۽ قوي اميد آهي ته اهو اقليتن ۽ سرڪاري ڪاتن تي هاڪاري اثر وجهندو. اُن کان علاوه جئنڊر ائڪشن پلان تحت عورتن کي مرڪزي ڌارا ۾ شامل ڪندي، سندن زرعي قابليت ۽ صلاحيت کي وڌائيندي ڪين منصوبي جي سمورين سرگرمين ۾ شامل رکيو ويندو.

٢٣٥. **ناڪاري اثر**: ممڪنه ناڪاري موسمي اثر معمولي نوعيت جا هوندا، جيڪي فقط عملدرآمدي آپريشنل سرگرمين دوران رونما ٿيندا ۽ جن تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو. سماجي رُخ کان، منصوبي لاءِ زمين جي ڪرايي تي فروخت ۽ اُن سان زمين جي قدر ۽ زرعي پيداوار ۾ اضافي جي ڪري، بي زمين هارين ۽ زميندارن جو باهمي رشتو متاثر ٿيندو ۽ اُن ۾ تبديليءَ جو خطرو آهي. اُن کان علاوه پاڪستان ۾ نوجوان خود هارپي جي عمل دوران پنهنجي ڪُٽنبن جو هٿ وندائين ٿا تنهنڪري اِهو خود هڪ خطرو آهي ته اُهي نوجوان عمر جي حساب سان اهڙو ڪم ڪن ٿا؟ هن عمل کي نهايت ويجهڙائي کان معائني هيٺ آندو ويندو. ماحولياتي رُخ کان، زرعي پيداوار ۾ واڌاري جي نتيجي ۾ نئون ماحولياتي مسئلو اڳيان اچي سگهي ٿو. مثال طور، سست رفتاريءَ سان حل ٿيندڙ پاڻ جي اثرن کي مڪمل طور ختم نه ڪري سگهبو. زرعي اُپت ۾ اضافي جو سنئون سڌو مطلب زرعي دوائن جي استعمال ۾ واڌارو آهي تنهن هوندي سڌي توڙي اڻ سڌي ريت زرعي دوائن جي استعمال ۾ واڌارو منصوبي جي مقصدن ۾ شامل نه آهي. ايف ايف ايس جي لاءِ ٻج ۽ زرعي ٽُخم ريزيءَ واري سامان پهچائڻ جو عمل ۽ موسميات کي استحڪام پهچائڻ واري فصلن جي پوکائي پڻ منصوبي جي لاءِ معمولي خطرو پيدا ڪري سگهي ٿو، توڙي جو استعمال واسطي مختلف قسم جي پروڊڪٽس جي سفارش ٿيل آهي ۽ اُهي رجسٽرڊ ۽ سنديافته هئڻ سميت ساڳئي وقت ملڪ ۾ اڳواٽ استعمال هيٺ آهن. آخر ۾ جيستائين منصوبي تحت تعميري سرگرمين طرف ڌيان نه ٿو ڏنو وڃي، تيستائين مختصر نوعيت جي تعميري سرگرمين واسطي ائگرو ميٽ سسٽم جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي. مذڪوره ننڍي پئماني جي اسٽيشنز جي ڪري گهٽائي سگهڻ جهڙا امڪاني ناڪاري اثرمقصود آهن جهڙوڪ: نصب سازيءَ جي عمل دوران صوتي آلودگي، ڌُوڙ

سبب فضائي آلودگي ۽ نصب سازيءَ جي عمل دوران صحت جي سلامتيءَ جو خطرو وغيره شامل آهن. مذڪوره قسم جي سمورن ناڪاري اثرن کي، جُز نمبر ٢ سان جوڙيو ويو آهي جيڪي مقامي سطح تي عارضي نوعيت جا هوندا ۽ جن کي گهٽ ڪري سگهبو.

٢.٦ جُزياتي اثرن جي خرابي

٢٣٦. جُزياتي خرابي جي امڪاني ناڪاري اثرن کي هيٺين چارٽ وسيلي جُز وائيز واضح ڪيو ويو آهي.

جُز نمبر ١ پاڻي ۽ زرعي شعبي ۾ موسمياتي تبديليءَ کي اپنائڻ بابت ڄاڻ ۾ اضافي واري سروس:

ذيلي جُز	هاڪاري اثر	ناڪاري اثر
پاڻي جا انگ اکر چڪاسڻ واري نظام جي ترقي	• سائنسي بُنياد تي هڪ مستحڪم ۽ عالمي معيار جو، اسپيس ٽيڪنالاجي ۽ زميني پئماني وارو پاڻي چڪاسڻ جو نظام • پاڻي چڪاسڻ جو نظام پوري ملڪ ۾ معياري بڻايو ويندو • موسمياتي تبديليءَ ۽ آبي ذخيرن جي بنياد تي زمين اندر پاڻيءَ جي وهڪرن ۾ اضافو • پي سي آر ڊبليو آر، آءِ آر ايس اي، صوبائي آبپاشي ڪاتي ۽ صوبائي آبپاشي ۽ ڊرينيج اٿارٽيز جي صلاحيت وڌائڻ	
بُخارات ۾ تبديلي (اِي ٽي) جي بُنياد تي پاڻيءَ جي انتظام ڪاريءَ واري نظام جو قيام	• زرعي شعبي ۾ پاڻيءَ جي حقيقي استعمال کي چڪاسڻ لاءِ اِي ٽي ڊيٽا ۽ اِي ٽي بُنياد تي مستحڪم ۽ اعليٰ سطحي جائزاتي نظام • پاڻي واري وزارت سميت پي سي آر ڊبليو آر، پنجاب جي آبپاشي ڪاتي ۽ سنڌ جي آبپاشي ۽ ڊرينيج ڪاتي جي صلاحيت وڌائڻ	• اٽگروميٽ سسٽم ۽ اِي ٽي سامان جي نصب ساڪاري ته جيئن ضرورت (I) زمين جي ننڍن حصن جو حصول (ii) صوتي ۽ مِٽي ۽ ڏُوڙ جي آلودگي کي عارضي طور روڪجي
قابليت کي بهتر بنائڻ ۽ ڄاڻ جي وسيلن کي استعمال ڪرڻ	• موسميات، زراعت ۽ واٽر بابت تمام ضروري ڄاڻ جي وسيلن تائين پهچ کي وڌائڻ (۽ هڪبي سان ڳنڍڻ)	

جُز نمبر ٢: موسمياتي تبديليءَ جي تناظر ۾ ڪُليل فارمن جي بحاليءَ جو قيام

ذيلي جُز	هاڪاري اثر	ناڪاري اثر

موسميات جي بحاليءَ جي طريقن کي بهتر ڪرڻ	• وڏي پئماني تي سکيا جي اپ ٽو ڊيٽ (تربيت ۽ رابطي ڪاري) واري مواد ۽ سنڌو درياهه جي صنعتڪارن واسطي سي آر اي طريقن متعلق مود جي سهوليت • فيلڊ جي تجربي جي بُنياد تي سي آر اي طريقن متعلق ردعمل جا وڌيڪ موقعا	
ڪُليل فارمن جي انتظام ڪاري، زراعت ۽ موسمياتي بحالي متعلق تربيت ڪارن جي تربيت	• موسمياتي تبديليءَ متعلق ڄاڻ فراهمي ۽ موسمياتي بحالي ۽ زرعي طريقن متعلق توسيع ڪاتي جي ڪارڪُنن ۽ فارم سهولتڪارن جي صلاحيت وڌائڻ	
زرعي طريقن کي سي آر اي ۽ او ايف ڊبليو ايم طرف منتقل ڪندي هارين جي صلاحيت کي ترقي ونرائڻ	• موسمياتي تبديليءَ جي تناظر ۾ هارين جي بحالي • زراعت جي معياري طريقن، جيڪي ڪلائميٽ سمارٽ ۽ ماحولياتي نظام کي فائدو پُڄائن (زمين جو مٽيون تهه، زرخيزي وغيره) سان زرعي زمين کي بهتر بنائڻ • لڳ ڀڳ ١٤٠٠٠٠ هارين جي ٽيڪنيڪل، فارم مئنجمينٽ، ڪاروباري ۽ اڳواڻيءَ واري مهارتي صلاحيت کي ترقي ونرائڻ	• غير رجسٽرڊ ۽ غير تصديق شده ٻج ۽ زرعي توانائي جي واهپي متعلق ايف ايف ايس خطرو ظاهر ڪيو آهي. • موسميات جي بحاليءَ لاءِ مختلف طريقن جي ترقي ۽ ملڪ اندر استعمال پر اِهي اڃا رجسٽرڊ نه ٿيا آهن. • زرعي پيداوار ۾ واڌارو، سڌي ريت جيت مار دوائن جي واڌو استعمال جو نتيجو آهي، جنهن سان مختلف مسئلا جهڙوڪ: اڻ سِڌي ريت جيت مار دوائن جي استعمال، زرخيري سان نئين ماحولياتي معاملا جنم وٺندا، جن جو امڪان اڃا ختم نه ٿيو آهي. • زميني پيداوار ۾ واڌاري سان عمر جي حساب سان ڪم ڪرڻ ۽ زمينداري معاهدي جهڙا معاملا پيدا ٿيندا

جُز نمبر ٣: لڳاتار منتقليءَ جي عمل لاءِ ڪم جو مجازي ماحول پيدا ڪرڻ

ذيلي جُز	هاڪاري اثر	ناڪاري اثر

آگاهي پيدا ڪرڻ ۽ ڄاڻ ڏائڻ واري مهم	• سمورن هارين تائين سي آر اي تي تجويز ڪيل ائڪشن ايبل ڄاڻ جي وڏي پئماني تي پهچ ۽ رسائي • سرڪاري عملي، اين جي اوز ۽ خانگي شعبي جي شراڪتدارن جي لاءِ آگاهي ۾ اضافو	
پاليسيءَ تي عملدرآمد جي لاءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي مدد	• پاليسي کي متوازن بنائڻ ۽ سي آر اي کي مٿي اُپارڻ واسطي هم آهنگي پيدا ڪرڻ • پاليسي ناهڻ ۽ اُن جي منصوبي سازيءَ ۾ شواهدي مواد جي شموليت ۾ اضافو	
هارين کي موسمياتي بحاليءَ جي طريقن کي اختيار ڪرڻ واسطي خودمختياري خدمتن جي ترقي	• سي آر اي کي مٿي اُپارڻ واسطي گهربل مالي وسيلن ۾ اضافو • سي آر اي جي لاءِ گهربل معيار جي خاطرداري ۾ اضافو ڪرڻ • موسميات جي بحالي واسطي زمين جي تياري لاءِ ڳوٺاڻي نوجوان جي صلاحيت کي وڌائڻ	

۷.۰تخفيف جا قدم ۽ هاڪاري اثر وڌائڻ وارو نقطه نظر

۲۳۷. هِن شعبي تحت ٻن جُزن تحت امڪاني اثرن ۽ تخفيف جي قدمن بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي. هيٺين ٽيبل وسيلي زرعي شعبي جي سرگرمين تحت اثرن ۽ تخفيف جي قدمن کي واضح ڪيو ويو آهي.

ٽيبل نمبر: ۱۸ تجويز ڪيل تخفيف جا قدم

امڪاني خطرو	تخفيف جا قدم ۽ هاڪاري اثرن کي وڌائڻ جا موقعا

جُز نمبر ۱: موسمياتي تبديلي جي حوالي سان، پاڻي ۽ زراعت جي شعبن ۾ اختياري عمل جي باري ۾ ڄاڻ جي سروسز کي وڌائڻ

اوو

عارضي دز ۽ ڏُوڙ، آواز جي آلودگي (اِي ٽي سازسامان جي نصب ڪاريءَ ۽ ائگرو ميٿ اسٽيشنز دوران)	خُشڪ ۽ غردآلود موسم ۾ جڏهن جاءِ وقوع تي ۵۰ ميٽرن تائين قابض جي صورت ۾ نصب ڪاريءَ جي عمل کان پاسو ڪرڻ. نصب ڪاريءَ جو عمل ڪم جي عام ۽ مستقل وقت دوران ڪيو ويندو.
ٿوري زمين جو حصول اِي ٽي جي سامان جي مقصد لاءِ يا زراعت جي متعلق انسٽاليشن.	مثال جي طور تي جتي پي ايم ڊي کي زمين جي ضرورت پوي اِي ٽي سامان ۽ زرعي سامان جي

	اسٽيشن لاءِ . انهن لاءِ هيٺيان طريقيڪار استعمال ڪيا ويندا. (I) موجوده حڪومتي ادارن طرفان زمين حاصل ڪرڻ لاءِ پي ايم ڊي ان کي دستخط ٿيڻ کان پوءِ يا تہ ڪنهن ٻئي ليزر جي معاهدي جي ياداشت نامي کانپوءِ ڪنهن بہ يونيورسٽي جي صوبائي زراعت کاتي، ۽ / يا تحقيق شعبن جي زمين استعمال ڪري سگهي ٿو. مثال طور ملتان ضلعي ۾ ملتان زرعي يونيورسٽي زمين مهيا ڪئي آهي پنهنجي زرعي زمين ريسرچ جي لاءِ پي ايم ڊي کي جيڪا 80 ڪلوميٽر پري آهي شهري علائقي کان جتي زرعي اسٽيشن استال ڪئي وئي آهي. ٽيڪنيڪل اسٽاف کي پي ايم ڊي پاران فراهم ڪيل ڊيٽا جي نگراني ڪرڻ ۽ پڙهڻ لاءِ ڏنو ويو آهي. موٽ ۾ ملتان يونيورسٽي رڪارڊ ڪيل ڊيٽا جي مفت ڪاپي حاصل ڪري رهيو آهي. (II) نجي مالڪن کان زمين حاصل ڪرڻ لاءِ پي ايم ڊي زمين جي خريدي ايڪٽ جي عوامي مقاصد لاءِ زمين خريد ڪندو. جنهن ۾ معاوضي جي متعلق قانون بہ شامل آهن. ان کان علاوه هن منصوبي جي تحت ڪنهن بہ تنصيب جي لاءِ زمين کي خريد ڪرڻ وارو شخص پهرين ايف اي او جي اڳوٽي مشاورت جي ضرورت هوندي هن ڳالهہ کي سمجهڻو پوندو تہ هن ۾ موجود ماڻهو جي رضامندي جي بغير هي زمين خريد ڪري نہ سگهبي ۽ زمين جو ڪوبہ اختصاص ۽ نامور ناظم جو ڪو استعمال ناهي.

جُز نمبر ٢: موسمياتي تبديليءَ جي تناظر ۾ ڪُليل فارمن بحاليءَ جو عمل

زرعي پيداوار جي تيزيءَ جا اثر	ماحولياتي طور تربيت يافته هارين کي فارمنگ جا مُناسب طريقا اچن ٿا. جيت مار دوائن (جِتي سندن استعمال کان سواءِ ڪو چارو نه هوندو) بابت گهربل هدايتون ڏنيون ويونديون مثال طور: زرعي پاڻ جي ترقي، زرخيزي وارن دوائن جي استعمال بابت ڄاڻ(جڏهن تمام لازم هُجي) انٽيگريٽيڊ پيسٽ مئنجمينٽ جي خيال جي ترقي ۽ زهريلي جيت مار دوائن جي استعمال لاءِ حوصلاافزائي
زهريلي ۽ جيت مار دوائن جو اڻ سِڌي ريت زياده استعمال	هاري گروهن لاءِ آءِ پي ايم ۽ جِي اي پي، جي طريقن بابت سائيٽ تي تربيت جو طريقيڪار، اهڙي صورت ۾ جڏهن جيت مار دوائن جي استعمال کان سوا ڪو چارو نه هُجي

	ته مختلف نمونن تحت جيت مار دوائن جي سفارش ڪئي ويندي. توڙي جو منصوبي تحت جيت مار دوائن جي استعمال جي اجازت نه آهي، تنهنڪري تمام گهڻي خطرناڪ جيت مار دوائن (ايچ ايچ پي) کي استعمال نه ڪيو ويندو.(ڏسڻي نمبر ١ ۽ پاڪستان ۾ پابندي پيل جيت مار دوائن جي لاءِ ڏسڻي نمبر ٢ ملاحظي ڪيو). ڏسڻي نمبر ٣ جيت مار دوائن متعلق رهنمائي فراهم ڪري ٿي.
نسل وڌائڻ ۽ زرخيزيءَ خاطر ضرورت کان وڌيڪ دوائن جي سُست استعمال سان ماحوليات جو زيان	فصلن ۽ زمين جي مٿئين جي زرخيزيءَجي لاءِ دُرست ۽ مُناسب دوائن جي استعمال خاطر لازمي تربيت ۽ اُن جي توسيع جو طريقيڪار، جانورن جي چيٽي ۽ ڪمپاسٽنگ جي استعمال (جيڪڏهن ممڪن هُجي) کي هٿي وٺرائڻ. دوائن جو استعمال انتظاميا پاران طئي ڪيل طريقيڪار ۽ علائقي جي صورتحال کي نظر ۾ رکي ڪيو ويندو. دوائن (قوت بخش) جي استعمال خاطر هينيان اي ۴ جا اصول لاڳو رهندا (زمين جي تهه جي اٽلس پاڪستان پاران سُفارش ڪيل)، مخصوص: 1. دُرست ذريعو (قوت بخش دوائن جو مُناسب ذريعو). 2. دُرست اگهه (فصل جي گهُرج مطابق مقدر ۽ زمين جي چڪاس جو شرط لاڳو رهندو) 3. دُرست وقت: جنهن وقت فصل اُن کي هضم ڪرڻ جي حالت ۾ هُجي اُن وقت دوا جو استعمال لاڳو رهندو). 4. دُرست جڳهه: (دوائن (قوت بخش) جو مُناسب طريقو)
مُلڪ ۾ موسمياتي بحاليءَ جي مختلف قسمن جو تعارف پر اُهي اجا تائين رجسٽردِ نه آهن.	فقط جاتياتي ۽ مقامي سطح تي تيار ڪيل قسم جيڪي رجسٽردِ نه آهن(جاتياتي فهرست ۽ وڌيڪ تفيصلن لاءِ ڏِسڻي نمبر ١ ملاحظي ڪيو). جڏهن ايف اي او جي ٽينڪينل آپشن پلانٽ پروٽيڪشن (اي جِي پي ايم) ٻيا تيار ڪيا ته اُنهن اختيار ڪيا ويندا.

امڪاني خطرو	تخفيف جا قدم ۽ هاڪاري اثرن کي وڌائڻ جا موقعا
ٻج مهيا ڪرڻ جو عمل (غير تصديق شده ۽ اڻ رجسٽردِ جي خطري جو خيال رکندي)	فقط رجسٽردِ ۽ تصديق ٿيل ٻج جو استعمال ڪيو. (تفصيلن لاءِ ڏسڻي نمبر ١ کي ملاحظي ڪيو)

جبري پورهيو ۽ نوجوانن جي واجبي عمر جي حساب سان ڪم	رٿا جي علائقي ۾ پورهيي جي لاءِ ٻارن جي دستيابي جي صورت ۾ ڪا به سرگرمي اختيار نہ ڪئي ويندي، جيستائين ڪميونٽي پاران خاطري ڪرائي وڃي تہ پورهيي لاءِ ٻارن يا ڪم جي لاءِ واجبي عمر وارن نوجوانن کي ڪم ۾ ملوث ڪيو ويندو. رٿا جي شروعات کان اڳ جائزاتي سرگرمين دوران اهڙي نشاندهي ٿيڻ جي صورت ۾ ڪم فوري طور بند رکيو ويندو. سلامتيءَ سان تربيت جو بندوبست ڪيو. ٻهراڙي واسطي مهذب روزگار، عمر مطابق ڪم، ڇاڪاڻ تہ ٻهراڙيءَ جو نوجوان اُپٽ ڪاريءَ ۾ پنهنجي ڪُٽنبن جي مدد ڪندا آهن. زمين جي مدت، ٻيلا ۽ ماهيگيري بابت ذميوار اختيارن بابت رضاڪاراڻا هدايتون فارمر فيلڊ اسڪولن وسيلي زميندارن ۽ مقعاطيدارن کي ڳالهائڻ جا وڌيڪ موقعا فراهم ڪندڙ تربيت ڏني ويندي تہ جيئن سوڀائتي پيداواري صورتحال پيدا ٿي سگهي. سمورين شريڪ ڌرين کي سکيا جا هڪجهڙا موقعا فراهم ڪيا ويندا تہ جيئن اُهي پنهنجي پيداوار وڌائڻ واري زرعي صلاحيتن ۽ واجبي ملازمت، محفوظ ۽ واجبي عمر جي نسبت سان ڪم جي ڪِرت سان هم آهنگ ٿي سگهن. عورتاڻن اسڪولن ۾ بہ ساڳي سوچ، جيڪا ايف ايف ايس کان ورتي ويندي، استعمال ڪئي ويندي، جنهن تحت گُذرش معاش ۽ رهڻي ڪهڻي جي معقول معيار جي وڌڻ سميت سماجي معاملن بابت ڄاڻ ۾ بہ اضافو ٿئي ٿو.

زرعي پيداوار کي وڌ سبب زرعي زمين جي قدُر ۾ اضافو، ۽ زميندار راضي نامي کي هٿي وٺرائڻ	زمين جي مُدت، ماهيگيري ۽ ٻيلن کي مقاطعي تي کڻڻ واسطي انتظامي قاعدن بابت رضاکاراڻي انداز ۾ آگاهي فراهم ڪرڻ
منصوبي جي سرگرمين ۾ اقليتن جي ناڪافي شموليت ۽ هلندڙ سماجي ۽ ثقافتي حساس پڻو	**سماجي شموليت واسطي، هاڪاري طور طريقن کي اختيار ڪرڻ جي لاءِ رٿا طرفان استعمال ڪيا ويندا** ذيلي سرگرمين دوران هِن قسم جي خيالن بابت اڳواٽ آگاهي ڏيندي، قدمن جو خصوصي طور جائزو ورتو ويندو. جي آر ايم کي اقليتن واسطي مخصوص ڪيو ويندو.

۲۳۸.ماحولياتي تخفيف جي قدمن جو خلاصو: دوائن جي اڻ سِڌي ريت استعمال کي، آءِ پي ايم جي تربيت تحت اثرائتي نموني گهٽايو ويندو. ان ڏس ۾ جتي دوائن جي استعمال کان سواءِ ڪو چارو نه هوندو ته اُتي دوائن جي محفوظ استعمال بابت تربيت ڏني ويندي ۽ بايو پيسٽي سائيڊز جي مختلف قسمن کي اُتساهيو ويندو. منصوبي تحت جيت مار دوائن جو استعمال ممنوع آهي، تنهنڪري منصوبي جي ايراضي ۾ پابندي پيل دوائن کي استعمال نه ڪيو ويندو.

۲۳۹. سماجي تخفيف جي قدمن جو خلاصو: ٻهراڙي جي مهذب روزگار سان ڪيترائي خطرا سلهاڙيل آهن، اُنهن ۾ صحت ۽ زميني مقاطعي، ماهيگيري اهم آهن، تنهنڪري (۱) زمين، ماهيگيري ٻيلن جي مقاطعي واسطي سرڪاري ضابطن بابت رضاکاراڻا آگاهي فراهم ڪئي ويندي. (۲) ڇاڪاڻ ته مهذب روزگار جي وسيلي طور ٻهراڙيءَ جو نوجوان هارپي جي ڪم ڪار ۾ پنهنجي خاندانن جو هٿ وندائين ٿا تنهنڪري عمر جي لحاظ کان مُناسب ڪم بابت تربيت ڏني ويندي. (۳) اقليتن جي باهمي احترام سان گڏ، دوائن جي محفوظ استعمال واسطي، ايف پي آءِ سي هلندڙ مُشاورت ، شرڪت ڪاري کي جاري رکندو ۽ تحفظات کي گهٽائڻ وارو نظام قائم ڪيو ويندو. ڪميونٽي جي درخواست تي سندن گهُرجون پوريون ڪيون ويندیون ۽ اقليتن جو حساسيت جي حوالي سان مُشاورت ڪئي ويندي.

8.0 عملدرآمد جا ضابطا ۽ تخفيف جو طريقيڪار:

240. اِي ايس ايم ۽ جئنبر ائڪشن پلان کي عملدرآمد جي سلسلي ۾ سُست رفتاري تحت هرگز نه هلايو ويندو بلڪه منصوبي جي خاڪي ۾ هنن جو ڪردار نهايت سرگرم تصور ڪيو ويو آهي. ساڳي ريت هنن دستاويزن تحت شڪايتن جي ازالي وارو نظام به فقط حل جو آخري آپشن نه آهي. اهڙي طرح جِي آر ايم، منصوبي تحت شفاف ڪلچر کي پروان چاڙهيندي ردعمل ڏسڻ جو نهايت منظم نظام متعارف ڪيو ويندو. اِي ايس ايم ايف ۽ جئنبر ائڪشن پلان، ٻئي منصوبي جي عملدرآمد لاءِ هاڪاري رُخ متعين ڪندي، سرگرمين جي تياري ۽ نشاندهي ڪندا ۽ منصوبي کي سماج جي لاءِ اعليٰ ماحول ۽ نفعي بخش بڻائيندا. ان کان علاوه اهو يقيني بڻايو ويندو ته سماجي ۽ ماحولياتي معاملن کي ايف اي او ۽ جِي ايس ايف جي پاليسي مطابق مُناسب انداز ۾ حل ڪيو ويندو. منصوبي جي سمورين هلندڙ سرگرمين کي، جائزاتي جانچ جي عمل مان گُذاريو ويندو، تنهن بعد ڪليئرنس جاري ڪئي ويندي.

241. چيپٽر، منصوبي ۽ اُن جي ذيلي سرگرمين، جن جي نشاندهي، تياري ۽ منظوري ادارتي ضابطي ڪاري تحت ڏني وئي آهي، بابت تفصيلي آگاهي فراهم ڪن ٿا ته انهن کي ادارتي انتظامن تحت ۽ طريقيڪار کي استعمال ۾ آڻيندي حل ڪيو ويندو.

242 سماجي ۽ ماحولياتي حفاظت جا تفصيل هيٺ ڏجن ٿا:

8.1 قدم نمبر 1: ذيلي سرگرمين جو تفصيل:

243. منصوبي کي ڊيزائين ڪرڻ وقت اها قوي اميد رکي وئي هُئي ته نقصانڪاراثرن جي پيٽ ۾ اُن جا وڌيڪ ماحولياتي فائدا رسندا. امڪاني نقصانڪار اثر معمولي نوعيت جا ۽ محدود هوندا تنهنڪري ڪاٿو لڳايو ويو هو ته جيڪڏهن منصوبي جي سائيڪلنگ وقت، اهڙن اثرن جي وقت سِر نشاندهي نه ڪئي وجي ها يا اهڙن اثرن کي گهٽ ڪرڻ وارا قدم شامل نه ڪيا وجن ها ته عملدرآمد دوران وڏو اثر پوڻ جو امڪان رهي ها.

244. عملدرآمد لاءِ چونڊيل هر هڪ سائيٽ لاءِ تجويز ڪيل سرگرميون هڪجهڙيون آهن ۽ اُهي سڄي علائقي ۾ عملدرآمد هيٺ آنديون ويندیون. اهو تجويز ڪيو ويو آهي ته ذيلي سرگرمين جي انعقاد دوران، امڪاني خطرن جي عڪسبندي ڪئي ويندي. ذيلي سرگرمين جي توسط سان، امڪاني اثرن ۽ ان کي گهٽائڻ يا جائزاتي قدمن لاءِ ٺُول به مهيا ٿيندا.

245. هِن سلسلي ۾ ذيلي سرگرمين جي نشاندهي، معائني جي مرحلي دوران پهرين سال ۾ ڪئي ويندي. هر هڪ ذيلي سرگرميءَ جي لاءِ عملدرآمد سائيٽ جي سرگرمي سميت نشاندهي ڪئي ويندي.

8.2 قدم نمبر 2: ذيلي سرگرمين تحت، سماجي ۽ ماحولياتي خطرن جي عڪسبندي:

246. ايف اي او خطرن جي چڪاس واري لسٽ (ڏسڻي نمبر 5) تحت ماحولياتي ۽ سماجي عڪسبندي ڪندي، طئي ڪندو ته ذيلي سرگرمين کي، ماحولياتي ۽ سماجي انتظام ڪاري واري پلان (اِي ايس ايم پي) جي ضرورت آهي يا نه؟

ذيلي سرگرمين دوران خطرن، پئمائش جو درجو، ٻيهر استعمال ۽ اثرن جي جڳهه جي عڪسبندي جا مُک عنصر هوندا ۽ ذيلي سرگرمين جي لاءِ اِي ايس ايم پي کي استعمال ڪجي يا نه جي حوالي سان ماهرن جو فيصلو خاص اهميت جي حامل هوندو.

247. جيڪڏهن ڪنهن ذيلي سرگرميءَ واسطي اِي ايس ايم پي جو استعمال ناگزير هُجي ته اُن صورت ۾ سببن جي فهرست ساڻ ادارتي انتظامن، چڪاس ۽ اثرن کي گهٽائڻ وارين سُفارشن سميت تفصيلي پروپوزل جي صورت ۾ علملدرآمد جي فيز دوران جمع ڪرايو ويندو ته جيئن امڪاني خطرناڪ ماحولياتي ۽ سماجي اثرن جو ادراڪ ۽ انهن جي نشاندهي ڪري سگهجي.

248. ايف اي او پنهنجي چڪاس واري چيڪ لسٽ تحت ماحولياتي ۽ سماجي عڪسبندي جي چڪاس ڪندو. هڪ پيرو عملدرآمد جي سائيٽ مان فائدو حاصل ڪندڙن جي نشاندهي ٿيندي ته هر هڪ ذيلي سرگرميءَ لاءِ چڪاس واري چيڪ لسٽ کي مڪمل ڪيو ويندو ۽ پروجيڪٽ جو حفاظتي اسپيشلسٽ اُن تي صحيحي ڪندو ۽ تنهن بعد اهڙي دستاويز کي اِي ايس ايم يونٽ ۽ ايف اي او جي تائيد حاصل ڪرڻ لاءِ موڪليو ويندو.

249. ذيلي سرگرمين جي عڪسبندي هيٺين ريت ڪئي ويندي.

- اهو چڪاسيو ويندو ته سرگرمي پنهنجي علائقائي حدن ۾ ڪئي وڃي ٿي؟ (منصوبي جي قاعدن ۽ ريگيوليٽري گهُرجن مطابق)
- امڪاني اثرن جي بُنياد تي ماحولياتي اسيسمينٽ جي ضروري گُهرج طئي ڪرڻ.

250. اِي ائنڊ ايس جي عڪسبندي واري چيڪ لسٽ هيٺين نتيجن ۽ عڪسبنديءَ جي حاصلات ته مُبني هوندي. (1) وڌيڪ جائزاتي ڪئٽيگري لاءِ طئي ڪرڻ ۽ (2) اهو طئي ڪرڻ ته ڪهڙي جائزاتي اوزار جي استعمال جي ضرورت آهي.

251. عملدرآمد کان اڳ وارو حفاظتي دستاويز (هر هڪ ذيلي سرگرمي لاءِ هڪ) ماحولياتي ۽ سماجي حفاظت وارو پي ايم يو جو اسپيشلسٽ، عملدرآمد وارين سرگرمين جي شروعات کان اڳ تيار ڪندو ۽ ان کي اِي ايس ايم ۽ ايف ايي او هيڊڪوارٽر لاءِ ضروري تائيد لاءِ روانو ڪيو ويندو.

252. مذڪوره دستاويز هر هڪ ذيلي سرگرميءَ لاءِ هيٺ ڄاڻايل معلوماتي خاڪي تي ٻڌل هوندو.:

الف). سمورن سائيٽن تي ٿيندڙ سرگرمين جو تفصيل

ب). هر هڪ عملدرآمدي سائيٽ جو تفيصلي خلاصو جهڙوڪ

(1) جاگرافيائي سرگرميءَ جا مخصوص عنصر

(2) فائدو حاصل ڪندڙ ۽ شراڪتدار

(3) سائيٽ جو نقشو

ت). شراڪتدارن جي بيان، معائني ۽ عملدرآمدي سرگرمين دوران مصروفيتن جو تفصيل، جيڪي هُو سرانجام ڏيندا.

ث). شڪايتن جي ازالي ۽ ظاهر ڪرڻ واري نظام تحت، سائيٽ تي سموري معلومات کي مخفي رکڻ وارو نظام

ح). ماحولياتي ۽ سماجي خطرن جي چيڪ لسٽ تحت هر ذيلي سرگرمي جو مجيل نتيجو، جنهن تي انتظامي يونٽ جي حفاظتي اسپيشلسٽ جي صحيح هوندي.

خ). ماحولياتي ۽ سماجي انتظام ڪاريءَ واري منصوبي تحت جتي، اثرن کي گهٽائڻ، اشارن، ذميوارين ۽ وقت جي نشاندهي ٿيل هُجي ته اهي لاڳو تصور ڪيا ويندا. اِي ايس ايم پي حفاظتي ڪارڪردگي کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ چڪاس جو نظام لاڳو ڪندو ۽ اهو ان تحت هر سائيٽ تان شراڪتدان جي مصروفيتن سميت روزاني جي بُنياد تي رپورٽ مهيا ڪئي ويندي.

8.3 قدم نمبر 3: ماحولياتي ۽ سماجي خطرن جي انتظام ڪاري (چڪاس ۽ رپورٽ)

253. عڪسبندي واري عمل دوران، ذيلي سرگرمينن لاءِ معمولي خطري جي بنياد تي ماحوليارتي ۽ سماجي خطري جي نشاندهي ڪانپوءِ ضروري گهرجن کي تيار ڪري اي ايس ايم پي کي موڪليو ويندو، جن ۾ اثرن کي گهٽائڻ جي ڄاڻ، اشارن ۽ جتي اثرن کي گهٽائڻ جي ڪارروائي درڪار هوندي اتي جا جُملي تفصيل مهيا ڪيا ويندا.

254. جيستائين فطرت، پئمائش، ٻيهر عملي ڪارروائي ۽ اثرن جي جڳهه، ذيلي سرگرمين جي عڪسبندي جا مُڪيه جُز آهن، تنهنڪر ذيلي سرگرمين لاءِ اِي ايس ايم پي گهربل آهي يا نه، اُن حوالي سان ماهرن جو فيصلو نهايت اهميت جي حامل هوندو.

255. اِي ايس ايم پي هيٺين قدمن تي مشتمل هوندو:

- **تخفيف جا قدم**: هنن جي چيڪ لسٽ تحت ماحولياتي ۽ سماجي خطرن جي نشاندهي هيٺ تعين ٿيندو. جن جي اِي ايس ايم پي فني تفيصل سميت خلاصو بيان ڪندو ۽ هر تخفيفي قدم، اُن جي ڊيزائين، سازسامانن جو تفيصل ۽ آپريشن جي مُناسب طريقيڪار جو تفصيل مهيا ڪندو.
- چڪاس ۽ ذيلي سرگرمين تي علمدرآمد دوران ماحولياتي ۽ سماجي چڪاس جو عمل تخفيفي عمل جي ڪاميابيءَ لاءِ هوندا.
- اِي ايس ايم پي جي چڪاس وارو شعبو خاص طور:

1) چڪاس جي قدمن جا مخصوص خلاصو ۽ فني تفصيل، جيڪو قدمن کي ماپڻ ۽ جڳهه جي فريڪيونسي کي ماپڻ جو طريقو
2) اڙپنا جي حد (جتي ضرورت هُجي) ۽ دُرست عمل جي نشاندهيءَ جو فارمولو

- چڪاس ۽ رپورٽنگ جو طريقيڪار ڪنهن به صورتحال تي جلد ضابطو ڪرڻ خاطر معاون ٿيندو، جيڪو ضروري تخفيفي قدمن ۽ ضروري معلومات، ڪارڪردگي ۽ نتيجن جهڙوڪ: ساليانو آڊٽ، مجموعي اثرن جي چڪاس جي سرور تي مشتمل هوندو.

اداراتي انتظام: اِي ايس پي ايم، اداراتي انتظامن واسطي هڪ خلاصو جهڙوڪ: تخفيف ۽ چڪاس جي قدمن مثال طور، آپريشنل سرگرمين، نگراني، نفاذ، چڪاس، عملدرآمد، اصلاحي قدم، ماليات، رپورٽنگ ۽ عملي جي تربيت، جو ڪير ذميوار هوندو بابت اُن خلاصي ۾تفيصل مهيا ڪندو. اُن کان علاوه اِي ايس ايم پي تجويز ڪيل چڪاس واري عمل ۽ سرگرمين جي لاءِ خرچن جو ڪاٽو ڪندي وڏيڪ فنڊ پڻ مهيا ڪندو. اِي ايس پي ايم، تجويز ڪيل تخفيف ۽ چڪاس وارا قد متاثرگرورهن جي مُشاورت سان تيار ڪندو ته جيئن سندن خدشن کي ختم ٿين. جيڪو اِي ايس پي ايم تحت اڳواٽ طئي پڻ ٿيل آهي.

256. هڪ پيرو عملدرآمدي سرگرمين جي شروعات کان پهرين اِي ايس پي ايم سان گڏجي هڪ دستاويز تيار ڪيو ويندو، جيڪو اِي ايس ايم ۽ ايف اي او يونٽ جي هيڊڪوارٽر پاران تائيد ڪيل هوندو. تنهن بعد پي ايم يو جو حفاظتي اسپيشلسٽ جي اُها ذميواري هوندو ته هُو اُن کي اِي ايس پي ايمز سان گڏجي شراڪتدارن جي مصروفيت ۽ چڪاس واري پلان سان ڳنڍي.

257. هن سلسلي ۾ فيلڊ جو عملو ڪارڪردگيءَ تي چڪاس رکڻ لاءِ ذميوار هوندو، جيڪو چڪاس واري پلان تحت امڪاني خطرن کي عملدرآمدي فيز دوران ختم ڪرڻ تي منحصر هوندو. اهڙي ڄاڻ کي ڪارڪردگيءَ جي رپورٽ ۾ جمع ڪيو ويندو ۽ ترتيب اِي ۽ ايس سيڪشن تحت خطرن جي انتظام ڪاري ۾ شامل ڪيو ويندو، جتي مٿي ڄاڻايل معلومات پڻ شامل هوندي.

258. ڪارڪردگيءَ بابت رپورٽ پي ايم يو جي پروجيڪٽ مئنجمينٽ يونٽ تحت ماحولياتي ۽ سماجي حفاظت واري اسپيشلسٽ کان وصول ڪئي ويندي، جيڪو خود ڪارڪردگيءَ جي رپورٽ دوران گڏ ڪيل ڄاڻ کي سهيڙيندو جيڪو وري خدشن بابت سالياني ماحولياتي ۽ سماجي رپورٽ ۾ آيل ردعمل تي نهيل هوندو ۽ اُن کي اِي ايس ايم جي ايف اي او يونٽ جي تائيد حاصل هوندي.

9.0 عملدرآمد جا انتظام

259. سماجي ۽ ماحولياتي حفاظت جي لاءِ رٿا جي عملدرآمدي انتظامن تي عمل ڪيو ويندو. (ڏسو خاڪو 21). ايف اي او مجموعي طرح اختياراتي بادي طور ڪم ڪندو ۽ رٿا تي وفاقي حڪومت سميت ٻن صوبائي حڪومتن يعني پنجاب ۽ سنڌ سان مُلڪ جي آئيني ۽ قانوني اختياراتي دائري ۾ رهندي، ٽن مختلف بادين سان گڏجي ڪم ڪيو ويندو. وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن واسطي سندن ٿي مختلف وزارتون ۽ڪاتا نمائندگي ڪندا، تنهنڪري رٿا تحت وسيع شراڪتدارن سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ اُميد آهي تہ شراڪتدارن جي سهڪار سان ايف اي او ۽ اِي اِي پاران مختلف سطح جا خطرا گهٽائڻ جي ماپ هيٺ سونپيل ڪم تحت، عملدرآمدي سرگرمين دوران ڪمزورين ۽ خطرن کي گهٽايو ويندو. ايف اي او پاڪستان، اختياراتي بادي جي حيثيت ۾ رٿا تحت سمورين ذميوارين جو پورائو ڪندو. هِن ڏِس ۾ اسلام آباد ۾ قائم ڪيل ايف اي او جي آفيس پي ايم يو جي لاءِ سرڪاري ۽ خانگي عملي جي پرتيءَ جو اهتمام ڪندي. اهو پي ايم يو ٻن پي پي آءِ يوز ۽ اٺن ڊي پي آءِ يوز، جيڪي منصوبي جي سرڪاري ۽ خانگي شعبي مان مقرر ڪيل عملي جي شراڪت سان ناهيو ويندو، سان گڏجي ڪم جي اڪلاءَ لاءِ رابطي ڪاري ڪندو. پي ايم يو جي رهنمائيءَ ۾، اِهي سمورا شعبا گڏيل طور، رٿا جي پروگرامن مثال طور: سالياني ورڪ پلان ۽ بجيٽ جي تياري (سرڪاري مُک ڏُر سان گڏجي)، مجموعي طرح روزانا جي بُنياد تي منصوبي جي انتظام ڪاري، چڪاس وارين سرگرمين جي ڪارڪردگيءَ پروجيڪٽ اوور سائيٽ ڪميٽي ((پي او سي) ۽ ايف اي او ، جي سي ايف منصوبي جي سنڀال واري ٽيم تحت منصوبي جي نگهباني ڪندا. مذڪورہ يونٽ لاڳاپيل ذميوار بادين ۽ عملدرآمدي شراڪتدارن سان گڏجي ذيلي جُز ۽ سرگرمين، جيڪي مالياتي پروپوزل ۽ فزيبلٽي اسٽڊي جي سيڪشن نمبر 5 ۾ ڏسيل آهن جي ڪاميابي لاءِ ڪم ڪندا. ايف اي او جا خاص فني ماهر، پي ايم يو، پي پي آءِ يوز ۽ ڊي پي آءِ يوز لاءِ مقرر ڪيل سرڪاري ۽ خانگي عملي سان سڌي ريت گڏجي هڪ گڏيل پروجيڪٽ ڊليوري ٽيم تشڪيل ڏيندا. مذڪورہ ٽيم سمورين سرگرمين جهڙوڪ: بي سي ايف مالياتي گرانٽ، پنجاب ۽ سنڌ صوبن پاران مهيا ڪيل گڏيل مالي امداد، جنهن کي ايف اي او جي انٽليٽرل ٽرسٽ فنڊ (يو ٽي ايف) ۾ منتقل ڪيو ويندو تحت لاڳاپيل نتيجا حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪم ڪندي. ائين ڪرڻ ڪانپوءِ پي ايم يو ٻن پي پي آءِ يوز ۽ اٺن ڊي پي آءِ يوزءِ ايف اي او جي پاليسين ۽ طريقڪار ساڻ پروڪرومينٽ ۽ مالياتي انتظام ڪاري کي بروءِ ڪار آڻيندا. ايف اي او اِهو لازم ٺهرائيندو تہ پروجيڪٽ ڊليوري ٽيم ۽ منصوبي جي مانيٽرنگ ٽيم، جيڪي ايف اي اوز سان لاڳاپيل پروگرامن جي تڪميل لاءِ تشڪيل ڏنا ويندا ۾ اضافي پرتي نہ ڪئي ويندي. هِن سان پروجيڪٽ اوور سائيٽ ٽيم ۽ مانيٽرنگ ٽيم ۾ وٽي ختم ٿيندي. رٿا تحت سِڌي ريت بجا آوريءَ جو مجموعي طور هڪ هائبرڊ قومي طريقيڪار اپنايو ويندو. هِن قسم جي هائبرڊ سوچ کي، ايف اي او جي ٻين منصوبن

۾ شراڪتدار ادارن جهڙوڪ: يو اين ڊي پي، ورلڊ بئنڪ، اي ڊي بي ۽ آءِ ايف اي ڊي سان ڪامياب تجربي جي بنياد تي اختيار ڪيو پيو وڃي. پاڪستان ۾ اجا تائين ڪنهن منصوبي جي لاءِ وفاق توڙي صوبن ۾ پڇا ڳاڇا جو ههڙو قومي طريقيڪار نه اپنايو ويو آهي. وفاقي سطح تي وزارتن وٽ پاليسي، فريم ورڪ ۽ حڪمت عملي جوڙڻ جو اختيار آهي پر عملدرآمد سندن مينڊيٽ ۾ نه آهي، تنهنڪري وٽن هن قسم جي منصوبن تي عملدرآمد جي صلاحيت نه آهي.

هيئت نمبر 21: منصوبي جي عملدرآمدي انتظام ڪاريءَ جو مجموعي خاڪو



پي ايم يو، پي پي آءِ يوز ۽ ڊي پي آءِ يوز وفاقي، صوبائي ۽ ضلعي اختيارين، جن جي هڪ ذميوار حيثيت آهي، سان پنهنجي ويجهي سهڪار ۽ تعاون سان گڏ، رٿا جي استحڪام ۽ ڪم جي وقتائتي اُڪلاءُ کي يقيني بڻائيندا. رٿا جي هر سرگرميءَ جي مالڪي جون ذميوار اُهي اختياريون آهن. مذڪورهه اختياريون رٿا جي عملدرآمد واري مجموعي دورانيي دوران مک ڪردار نڀائيندا ۽ گڏجي ويجهڙائي سان ڪم ڪندي رٿا جي اي ڊبليو پي بي جي سرگرمين ۽ ترجيحات سان عملدرآمدي سرگرمين کي ڳنڍيندي پنهنجي ڪمٽمينٽ تحت رٿا جي تڪميل کان پوءِ ان جي وارثي جو ڪردار ادا ڪندا.

لاڳاپيل اختيارين جي ڪردار ۽ ذميوارين بابت وڌيڪ ڄاڻ ماليياتي پروپوزل ۾ شامل آهي. جڏهن تہ مختص سرگرمين واسطي ذميوارين جو تعين الڳ سان فزيبلٽي اسٽڊي جي سيڪشن نمبر 5 ۾ ڏار ٿيل آهي.

عملدرآمدي انتظام، حفاظت جا مخصوص ضابطا اِي ايس ايم ايف جي هيٺين صفحي تي ڏس سگهجن ٿا.

رٿا جي عملدرآمد لاءِ حفاظتي اپاءَ

263. رٿا جي انتظام ڪاريءَ جو مرڪز(پي ايم يو):

رٿا جي انتظام ڪاري واسطي اسلام آباد ۾ ايف اي او جي هڪ آفيس قائم ڪئي ويندي. اُن جي ڪُل وقت سربراهي هڪ پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر ڪندو، جيڪو رٿا جي نيڪالي سرگرمين لاءِ واسطيدار ڏُرين سان تعاون ۽ سهڪار لاءِ ذميوار هوندو. پي ايم يو ٻي واڌو مدد مهيا ڪرڻ، روزاني جي ڪمن تي عملدرآمد لاءِ شراڪتي وفاقي4، صوبائي ۽ ضلعي اختيارين سان رابطي ڪاري ۽ رهنمائي حاصل ڪرڻ واسطي بہ ذميوار رهندو.

پي ايم يو وفاقي سطح تي رٿا جي ڪمن جي حوالي سان عملدرآمد پڻ ڪرائيندو. (خاص طور جُز نمبر 1۾ شامل ڪم) اهو پڻ يقيني بڻائيندو تہ ٻنهي صوبن ۾ ٿيندڙ ڪمن ۽ عملدرآمد انتظامن ۾ هڪجهڙائي هُجي.حڪومت پاران رٿا جي رابطي ڪاري واسطي ايم او سي سي طرفان مقرر ڪيل پروجيڪٽ ڊائريڪٽر هوندو. پي ايم يو ۾ هيٺيون عملو پڻ شآمل هوندو. (1) پروڪرومينٽ آفيسر (2) ماليياتي آفيسر (3) مانيٽرنگ آفيسر (4) آءِ ٽي اسپيشلسٽ.

قائم ڪيل پي ايم يو جو سربراهہ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر هوندو، جنهن کي ايم او سي سي قومي ڊيزائنٽي اٿارٽي جي حيثيت ۾ مقرر ڪندو، جيڪو ايف او اي جي اسلام آباد آفيس ۾ مقرر ڪيو ويندو ۽ ايف اي او پڻ نيشنل پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر مقرر ڪندو جيڪو رٿا جي عملدرآمد ۽ سمورين شريڪ ڏُرين سان رابطي ڪاريءَ لاءِ ذميوار هوندو. پي ايم يو شريڪ وفاقي، صوبائي حڪومت ۽ ٻين شراڪتدارن سميت عملدرآمد جي سمورين سرگرمين بابت ذميوار هوندو.

پي ايم يو عملي جو ڪردار ۽ ذميوارين جو وڌيڪ تفصيل فزيبلٽي اسٽڊي جي سيڪشن نمبر 7 ۾ ڄانايل آهن.

.261

264. **عملدرآمد جو صوبائي مرڪز (پي پي آءِ يو):**

پي ايم يو جي زير انتظآم صوبائي سطح تي ٻہ پي پي آءِ يوز مرڪز پنجاب لاءِ ملتان ۽ سنڌ لاءِ حيدرآباد ۾ قائم ڪيا ويندا، جيڪي پي ايم يو لاءِ مددگار طور ڪم ڪندا. پي پي آءِ يوز جا ٻہ مرڪز هڪ ملتان پنجاب ۽ ٻيو حيدرآباد سنڌ ۾ قائم ڪيا ويندا. صوبائي سطح تي جُز نمبر 3 تي عملدرآمد دوران پي پي آءِ يو گڏيل طور زراعت يا آبپاشي کاتن (ٻنهي مان ڪنهن هڪ کاتي جي موجودگي ۾) ۽ سرڪاري عملي ۽ ايف اي او جي پرتي ڪيل مقامي سبجيڪٽ ميٽر اسپيشلسٽ جي وچ ۾ وڌيڪ سهڪار جي نشاندهي ڪندو، جيڪو (1) پاڻي جي انتظام ڪاري ۽ آبي ماهر (2) زير زمين پاڻي ماهر (3) زرعي ماهر (4) هارين جي فيلڊ اسڪول اسپيشلسٽ (5) معلومات ۽ فني مهارت جي اسپيشلسٽ (6) ڄاڻ ۽ رابطي ڪاري جي ماهر (7) حفاظتي اسپيشلسٽ (8) صنف ۽ ڪاڏ خوراڪ جي اسپيشلسٽ ۽ (9) مانيٽرنگ اسپيشلسٽ تي مشتمل هوندو.

262. پي پي سي منصوبي جي عملدرآمدي سرگرمين دوران، پي ايم يو ۽ ٻين پي پي آءِ يو وچ ۾ موثر ڳانڍاپي کي يقيني بڻائيندو. پي پي سي اُن کان علاوه منصوبي جي عملدرآمد دوران، مُلتان ۾ مقرر مُکيه حفاظتي اسپيشلسٽ وٽان موصول شڪايتن کي نيڪال ڪرڻ لاءِ پڻ ذميوار هوندا، ڇاڪاڻ ته هُو اُتي مذڪوره شڪايت کي سِڌي ريت وصول نه ڪري سگهندو. ضلعي سطح تي شڪايت جي حل جي صورت ۾، مُکيه حفاظتي اسپيشلسٽ کي نوٽيفڪيشن ڏنو ويندو، تنهنڪري حل جي نشاندهي مقامي، ضلعي ۽ صوبائي سطح تي، جتي لاڳو هوندو، ڪئي ويندي. (پي ايم يو کي حل بابت آگاهه رکيو ويندو).

263. مُکيه حفاظتي اسپيشلسٽ کي اِي ايس ايم ايف، اُن جي عملدرآمد ۽ منصوبي جي سمورين سرگرمين بابت بروقت آگاهه رکڻ جي غرض سان پرتي ڪيو ويندو.اُن کان علاوه منصوبي جي ضلعن سان ويجهڙائي وارو ڳانڍاپو رکڻ جي لاءِ مُکيه حفاظتي اسپيشلسٽ کي پي پي آءِ يو مُلتان پنجاب جي آفيس کان ٻاهر رهڻو پوندو ته جيئن فيلڊ ۾ سندس موثر رابطو جاري رهي.

264. مُکيه حفاظتي اسپيشلسٽ اُن ڳالهه جي لاءِ ذميوار هوندو ته اِهو يقيني بڻائي ته عملدرآمد کان اڳ ذيلي سرگرمين دوران، عملو منصوبي جي ايراضيءَ جي علائقي ۾ موجود هُجي ۽ اُن کان پوءِ عملدرآمد دوران خطري جي ڪنهن امڪاني معمولي سرگرمي کي گهٽائڻ واسطي، اِي ايس ايم پيز عڪسبنديءَ جي بُنياد تي استعمال ڪري. ذيلي سرگرمي جي نيچر کي ڏسندي، پروجيڪٽ جي علائقي اندر ئي مخصوص مشورو پيش ڪرڻ جي اجازت آهي ته جيئن ڪنهن تدبير تي سمورن ضلعن ۾ ساڳي تربيت يا تخفيف جي قدمن واسطي استعمال ڪجي.(ياد رهي ته ڪُجهه قدم فقط مخصوص علائقن جي لاءِ آهن، ۽ اهو مخصوص ڳوٺن ۽ برادرين جي عملدرآمد دوران چونڊيا ويا هُئا). عڪسبندي ۽ اِي ايس ايم پيز لاءِ هدايتون اِي ايس ايم ايف جي توسط سان مُهيا ڪيون ويندیون. مُکيه حفاظتي اسپيشلسٽ خود

جانچ ۽ چڪاس جي سرگرمين جو، ماحوليات ۽ سماجي حفاظت جي رُخ کان انعقاد ڪرائيندو ۽ هُو منصوبي جي مانيٽرنگ ۽ ايوليشن (ايم ۽ اِي) سان تمام ويجهڙائي رکي ڪم ڪندو.

265. مُکيه حفاظتي اسپيلشٽ اُن ڳالهه جو ذميوار هوندو ۽ اُن کي يقيني بڻائيندو ته منصوبي جو صوبائي ڪوآرڊينيٽر (پي پي سيز) منصوبي تحت جي آر ايم جي استعمال کان واقف آهي، جنهن ۾ رپورٽنگ جو سسٽم، جهڙوڪ: شڪايت جو اندراج مُکيه حفاظتي اسپيشلسٽ ڪندو۽ اهڙو نوٽيفڪيشن پي ايم يو ڏانهن جاري ڪندو، وغيره شامل آهي. اِي ايس ايس، اهو خاطر ڪندو ته منصوبي جي عملدرآمد واري صوبائي يونٽ (پي پي آءِ يوز) ۽ ضلعي عملدرآمد جي يونٽ (ڊي آءِ يوز) اندر جانچ ۽ چڪاس جي ڊيوٽي جا شرط ۽ ضابطا ساڳيا اثرائتا، پي پي آءِ يو ۽ ڊي آءِ يو جي عملي لاءِ هوندا. ڪُجهه صورتن ۾ حفاظتي عملي جا لاءِ مخصوص ضابطا هوندا جهڙوڪ: صوبائي حفاظتي اسپيشلسٽ بايوڊائيورسٽي تي ڏيان مرڪوز رکندو، جيڪو پي پي آءِ يو حيدرآباد سنڌ تحت هوندو.

266. مُکيه حفاظتي اسپيشلسٽ کي ٻيا رهيل حفاظتي اسپيشلسٽ جهڙوڪ: (1) صوبائي حفاظتي اسپيشلسٽ بايوڊائيورسٽي جو پسمنظر رکندڙ (حيدرآباد سنڌ صوبي جي بُنياد تي)، (2) زميني مقاطعي جو اسپيشلسٽ (3) اقليتي اسپيشلسٽ (4)، جئنڊر اسپيشلسٽ وغيره رپورٽ ڪندا. مذڪوره اسپيشلسٽ اِي ايس ايم ايف (اِي ايس ايم پيز جو نتيجو) تحت عملدرآمد جي هموار سرگرمين خاطر مُکيه حفاظتي اسپيشلسٽ کي رپورٽ ڪندا. اهو سه ماهي بُنياد تي يا جڏهن گهربل هوندو.

267. ضلعي عملدرآمد مرڪز (ڊي آءِ يو):

منصوبي تحت رٿا جي اٺن ئي ضلعن لاءِ هڪ هڪ ڊي پي آءِ يو هوندو. ڊِي پي آءِ يوز زراعت ڪاتي جي ضلعي دفترن ۾ قائم ڪيا ويندا. هر ڊي پي آءِ يو زراعت ڪاتي جي ضلعي آفيسر۽ اسسٽنٽ ايگزيڪٽوانجنيئر (ايڪسيئن) يا آبپاشي ڪاتي جي سب ڊويزنل آفيسر (ايس ڊي او) تي مشتمل هوندو. رٿا جي هر ضلعي جي لاءِ 6 عدد توسيعي ڪارڪن ڀرتي ڪيا ويندا، جيڪي لاڳاپيل ڊي پي آءِ يوز جي ميمبر طور توسيعي سرگرميون سرانجام ڏيندا. انهن ڇهن ڪارڪنن مان ڪنهن هڪ کي ضلعي ڪوآرڊينيٽر طور ڪم سونپيو ويندو، جيڪي ضلعي سطح تي فيلڊ ۾ سرگرم هوندا. ضلعي سطح تي جي وسيع سرگرمين جي پيش نظر رٿا جي لاءِ، سمورن ضلعن مان هر هڪ لاءِ هڪ ضلعي عملدرآمد مرڪز (ڊي آءِ يو) قائم هوندو، جيڪو ضلعي جي زرعي اختيارين جي دفتر ۾ واقع هوندو. ڊِي آءِ يو، زراعت ڪاتي جي ضلعي آفيسر۽ اسسٽنٽ ايزيڪٽوانجنيئر (ايڪسيئن) يا آبپاشي ڪاتي جي سب ڊويزنل آفيسر (ايس ڊي او) ۽ ايف اي او پاران مقرر ڪيل ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر تي مشتمل هوندو. رٿا جي سرگرمين جي ڏورس استحڪام لاءِ خاص طور فيلڊ سطح جي عملدرآمدي سرگرميون سرڪاري عملو ايف اي او جي ڀرتي ڪيل ڪنسلٽنٽ جي مدد سان سرانجام ڏيندا. لاڳاپيل سرڪاري عملي کي ايف اي او جي ماهرن کان گهربل فني تربيت ڏياري ويندي.

268. حفاظت ۽ سلامتي جي مقصد خاطر، ايف اي او، هڪ ڪنسلٽنٽ کي پرتي ڪندو، جيڪو مجموعي طور پي پي آءِ يو يونٽ ملتان جي مُکيه حفاظتي اسپيشلسٽ جي رهنمائي سان ذيلي سرگرمين دوران ماحولياتي ۽ سماجي خطرن کي رپورٽ ڪرڻ لاءِ ذميوار رهندو. **سرڪار يا ڪنهن سرڪاري عملي کي رٿا ۾ مصروف رکيو ويندو** عملي کي عڪسبنديءَ جي سرگرمين دوران جي آر ايم جي سالياني عملدرآمدي ورڪشاپن وسيلي تربيت ڏني ويندي، تنهنڪري عوامي مُشاورت جي روشنيءَ ۾، جيڪي غير سرڪاري خدشن کي ختم ڪرڻ جي نشاندهي ڪندي ترجيح ڏين ٿا، جن ۾ ضلعي سطح جي ڪنهن به خدشي کي ختم ڪرڻ ايف اي او جي ذميواري هوندي.

269.رٿا جي ڪارڪنن ۽ عملدارن جي قابليت ۽ اعتماد کي يقيني بنائڻ جي لاءِ مقرر وقت ۾ رٿا جي سرگرمين دوران ماحولياتي ۽ سماجي طور امڪاني خطرن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ (1) رٿا جي لاءِ مقرر ڪيل عملدارن جي حفاظتي گهرجن جو پورائو (2) پرتي ڪيل ڪارڪنن ۽ عملدارن جو اعتماد بحال ڪرڻ.

مربوط قابليت جي پيش نظر (ڏسو اِي ايس ايم ايف ٽائيم لائين ۽ بجيٽ جو ضميمو نمبر 9) مطابق (1) حفاظتي اپائن بابت رٿا لاءِ چونديل ڪارڪنن جي ابتدائي تربيت ۽ (2) حفاظتي اپائن بابت رٿا جي عملدارن توڙي شريڪ ڏرين جي تربيت ڪرڻ

ضميمو ١:غير قابليت جي فهرست

ماحول ۽ ماڻهن تي ٿيندڙ غيرمحفوظ اثرن کان بچڻ لاءِ منصوبي تحت هيٺيون سرگرميون منع ڪيل آهن. ۽ هيٺين سرگرمين کي واضح طور تي فنڊ مان خارج ڪيو ويو آهي.

1. ڪنهن بہ مستقل گهر يا ڪاروبار کي ختم ڪرڻ يا ٻي جڳهہ تي منتقل ڪرڻ.
2. منصوبي کي هڪ ذريعي جي طور تي استعمال ڪندي مقامي ماڻهن ۽ ڳوٺاڻن جي استحڪام کي غير رضاڪارانہ ڪرڻ، ۽/يا آبادڪاري لاڳوڪرڻ ۽ يا مدد ڏيڻ.
3. زمين جي حصول.
4. نئين آبادڪاري (پوک) يا موجوده آبادڪاري (پوک) جو وڌاءُ
5. اهي سرگرميون جيڪي هڪ ڳوٺ ۾ مختلف گروهن ۽ پاڙيسري ڳوٺن ۾ ماڻهن تي خراب اثر پيدا ڪن. يا اهي سرگرميون جيڪي هڪ ڳوٺ ۾ رهندڙ هڪ خاص گروهہ يا ڳوٺن ۾ رهندڙ گڏيل گروهن کي قبول نہ هجن.
6. برادري جي مشهوري، نظرثاني کان پهريان ۽ PMU جي وضاحت کانسواءِ يونين ۽ تعلقي سطح تي گڏجاڻيون ڪري فيصلن تي عمل درآمد ڪرڻ
7. مشهور ماڳن، قديم حياتيات، مذهبي، تاريخي، ثقافتي، ۽ منفرد فطري قدرن جو نقصان ڪرڻ يا ختم ڪرڻ.
8. وسيلن جي روڪٿام ڪرڻ سان نتيجن کي گهٽائڻ يا نقصان پهچائڻ. مثال طور: پوک واري زمين جي لاءِ روڪٿام.
9. موجوده ۽ محفوظ ٿيل علائقن ۾ ڪنهن بہ قسم جي سرگرمين ۽ قدرتي رهائشن ۾ رڪاوٽ وجهڻ.
10. پابندي مڙهيل ۽ غيرپابندي مڙهيل جراثيم (Pesticides, Insecticides and Herbicides) ۽ ٻيا خطرناڪ زهريلا مادن جو متاثرعلائقن ۾ مناسب مقدار ۾ استعمال. جيڪڏهن ڪا آفت اچي ٿي تہ پاڪستان ۾ پابندي مڙهيل جراثيم ختم ڪندڙ دوائن کي ڪنهن خاص مقدار ۾ استعمال جي اجازت هوندي. وڏيڪ ضرورت مطابق هارين کي جراثيم مار دوائون استعمال ڪرڻ جي (FAO/IFC) جي قاعدن ۽ قانون مطابق تربيت ڏني ويندي .
11. نقصان پهچائيندڙ اوزارن جي خريداري ۽ ماحول دشمن شين لاءِ سيڙپڪاري ڪرڻ.
12. ٻيلن جي ڪٽائي عمارتي ۽ غيرعمارتي ڪاٺ جو استعمال
13. قدرتي وسيلن جي توازن کي برقرار نہ رکڻ.
14. غير مقامي جانورن جي سجاڻپ، جيستائين اهي موجود آهن. يا ساڳي جوڙجڪ کان واقف آهن. ۽ پوءِ فنا ٿي ويندا آهن.
15. قدرتي تبديلين يا ڪٿرتن جي ڪري تحفظ ۽ ماحولياتي فائدن کي واضح طور تي ڪنهن بہ قسم جو امڪاني نقصان پهچائڻ.
16. پاڪستان ۽ بين الاقوامي قانون يا ضابطن ۽ معاهدي تحت پابندي مڙهيل ڪنهن بہ پيداوار يا سرگرمين ۾ پيداوارجو واپار ڪرڻ.

١٧: مزدور ۽ پوهتن جي حالت، نقصان، جذبات، غيرجاندار يا لازم قسم شامل آهي ۽ مزدور پورهيتن، ٻارن جي مزدوري يا اهم ڪاروباري ۽ حفاظتي مسئلا.

١٨: ڪنهن بہ اُپت ۾ واپار ڪندڙ ماحولياتي ۽ سماجي رويي ۾ ڪاروبار سان تجارت ڪرڻ.

١٩: ماتحت سرگرميون جيڪي EIA جي مڪمل گهرج هونديون آهن. جن ۾ ڪنهن بہ منصوبي تي مالي مدد نہ ڪئي ويندي، جيڪا خطر ناڪ مواد يا ڪا بہ پابندي مڙهيل ڪيمائين کي استعمال ڪندي.

- **ترجيحت جي فهرست.**

(الف). موسمي آبهوا ۽ زراعت جي پيداوار کي وڌائڻ.

(ب). پاڻي جي وسيلن جي پيداوار ۽ آبهوا سماج جي انتظام کي وڌائڻ.

(ج). مجموعي پيسٽ مينيجمينٽ کي توسيع ڏيڻ، ۽ ان سان گڏوگڏ قدرتي / جراحي جراثيم جي پيٽ ۾ جتي جراثيم هجي اُتي ان جو استعمال ڪيو وڃي.

(ح). هارين جي موسمي استحڪام کي وڌائڻ لاءِ صلاحيتن کي هٿي ڏيارڻ.

(د) آبهوا ۽ ڄاڻايل پاڻي جا انتظام ڪرڻ ۽ CAF جي سرگرمين جي ڪارڪردگي کي مسلسل وڌائڻ ۽ ماحول کي بهتر بنائڻ.

---

٨٢ *Forced labor means all work or service, not voluntarily performed, that is extracted from an individual under threat of force or penalty.*

٨٣ *Harmful child labor means the employment of children that is economically exploitive, or is likely to be hazardous to, or to interfere with, the child's education, or to be harmful to the child's health, or physical, mental, spiritual, moral, or social development*

ضميمو ٢:پاڪستان ۾ پابندي مڙهيل جراثيم جي فهرست.

پاڪستان ۾ زرعي دوائن جي ڪي سنيالڻ جي ظابطي لاءِ *"زرعي پيسٽي سائيڊ آرڊيننس ١٩٧١"* آهي، جيڪو پنجاب ۽ سنڌ ٻنهي صوبن لاءِ لاڳو ٿئي ٿو، ان کان علاوه هيٺيان زرعي پيسٽي سائيڊ آرڊيننس ١٩٧١ تحت پابندي مڙهيل آهن. جيڪي ٻيلي ڪاٺي ۽ ڪاڏ خوراڪ ۽ تحقيق واري وزارت حدود ۾ آهن. جيڪي هيٺ شامل آهن.

1. BHC
2. Binapacryl
3. Bromophos
4. Ethaylcaputjol
5. Chlordimejorm
6. Chlorobenzilate
7. Chlorthiophos
8. Cyhexatine
9. Danapon
10. DDT
11. Dibromoch loropropane and dibromo Chloropropene
12. Decrotophos
13. Diel dirn
14. Disuljoton
15. Endosuljan
16. Endin
17. Enthylened ichloride and carbon tetrachloride
18. Heptachlor
19. Leptophos
20. Mercury Compound
21. Methamidophos
22. Methyl parathion
23. Merinphos
24. Mono chorotophos
25. Tozaphene

ضميمو ٣:جتي ڪيڙا مارڻ جو انتظام

آءِ.پي.ايم جي نقطہ نظر مطابق ممڪن ٿيڻ گهرجي. ڪيڙا مار دوائن جي فراهمي فقط هيٺين حقيقي تفصيلي زميني صورتحال قدرتي ۽ جيت مار دوائن جي اثر ۽ جيت مار انتظام جي اختياري جي ارتقائي موجودگي جي جائزي تحت ٿيڻ گهرجي.

چونڊ ۽ ڪيڙا مار دوائن جي خريداري

جيڪڏهن جيت مار دوائن جو استعمال ضروري سمجهو يا فقط اهو واحد رستو اختيار ڪرڻ مجبوري بڻجي رهيو آهي، پوءِ خبرداري سان مليل معلومات موجب ڪيڙا مار دوائن جي مصنوعات کي استعمال ڪرڻ گهرجي. ان جي عمل جي ڪاڪردگي جو حساب ڪتاب رکندي، ان ۾ دوائن جي افاديت، معشيت جي ترقي يا حدف ۾ ايندڙ حياتات جي مدافعت جي موجودگي شامل آهي. جنهن ۾ انساني صحت ۽ ماحوليات تي پوندڙ منفي اثرن کي گهٽائڻ کي اهميت ڏيڻ گهرجي.

ايف.اي.او اجازت مليل ۽ بندش وارين ڪيڙا مار دوائن جي فهرست برقرار نہ ٿو رکي، جيتوڻيڪ جيت مار دوائن جي انتظام بابت ايف.اي.او، ڊبليو.ايچ.او جا عالمي قانوني ظابطا لاڳاپيل وسيع ماحولياتي معاهدن تحت موجود آهن، جنهن ۾ جيت مار دوائون بہ شامل آهن. هيٺين معيار موجب جوڙيل لسٽ وسيع نموني ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ايف اي او منصوبي ۾ استعمال لاءِ سمجهي وڃي.

١. مصنوعات کي دوائن جي نامياتي گدلاڻ تي اسٽاڪ هوم ڪنوينشن جو موضوع نہ بنجڻ گهرجي. جراثيمن سان لاڳاپيل لسٽ هيٺين ويب سائيٽ تي موجود آهي.

http://ch.pops.int

٢. دوائن جي ڪمپني ملڪ ۾ رجسٽرڊ هجڻ گهرجي، جيڪڏهن رجسٽرڊ ٿيڻ جي فيصلي کي بيان ٿيل مخصوص حد ۾رکيو وڃي ٿو تہ پوءِ مصنوعات کي فصل جي ڪيڙا مار دوائن جي اجازت ڏيڻ گهرجي.

٣. دوائون استعمال ڪندڙن کي محدود نقصان برداشت ڪرڻ جي حد مقرر ڪرڻ گهرجي. ان جو مطلب اهو آهي تہ ايف.اي.او اهي دوائون مهيا نہ ڪندو، جيڪي ڊبليو.ايچ.او جي خطرن جي درجي ١ ۾ / يا جي.ايچ.ايس درجي ١ ۽ ٢ ۾ شامل آهن. اهي فصل جون ڪيڙا مار دوائون جيڪي ڊبليو.ايچ.او خطره جي ٢ درجي يا جي.ايچ.ايس درجي ٣ ۾ شامل آهن. اهي بہ تڏهن مهيا ٿي سگهن ٿيون، جڏهن گهٽ خطرن جو متبادل موجود نہ هجي ۽ اهي استعمال ڪندڙن کان مطالبو ڪري سگهجي ٿو تہ هو احتياطي تدبيرن جي هر حال ۾ پيروي ڪندو[٨٥].

۴. ڪمپنين کي اهو حوالو ڏيڻ گهرجي تہ گهٽ خطرناڪ طريقن جي چونڊ وڌيڪ ڪيو، مسلسل گهٽ نقصانن لاءِ درخواست جو طريقو بہ اهو آهي تہ اهي گهٽ خطرناڪ بهترين حدف ٿيل آهن ۽ گهرج بہ گهٽ دوائن جي ڪيل هجي. روٽرڊم ڪنونيشن جي (ضميمي ٣) ۾ لسٽ موجود آهي، اها مثال طور نظرانداز ڪرڻ گهرجي.

جراثيمن جي دوائن جي ڪابہ عالمي خريداري لازمي طور روٽرڊم ڪنوينشن جي شرطن جي پهرين معلوم راضپي (پي آءِ سي) جي ڪيميائي نقصان ۽ دوائن جي عالمي واپارتحت هجي. ڪنوينشن جي ضميمي ١١١ ۾ شامل دوائون ۽ پي آءِ سي جي طريقي ڪار جي موضوع ۽ ڪنوينشن جي گهرج روٽرڊم ڪنوينشن جي ويب سائيٽ تي موجود آهي.

ڪيڙا مار دوائن جو انتظام

سمورين ان قسم جي دوائن لاءِ هينيون گهربل ڳالهيون لاڳو ٿين ٿيون، جيڪي سڌي طرح ايف اي او مهيا ڪري رهيو آهي، ۽ ٻين طرفان اهي دوائون پڻ ايف اي او منصوبي تحت مهيا ڪيون ويندیون آهن.

1. **دوائن جي خريداري يا حاصلات لاءِ خطري جي جوکم جي مڪمل ڪاٽي وسيلي ڪرڻ گهرجي. جيڪي مناسب قدمن وسيلي صحت ۽ ماحوليات جي جوکم کي گهرج جي حد تائين گهٽائي ٿو.**

2. **دوائن جو مقدار حقيقي گهرج ۽ صحيح ڪاٽي موجب مهيا ٿيڻ گهرجي ۽ ان جي وڌيڪ استعمال لاءِ ان جو اسٽاڪ نہ لڳايو وڃي. جيڪو قدم غير مناسب بڻجي سگهي ٿو، دوائون منصوبي جي لاڳت پيڪيج، قرض جي منصوبي يا تڪڙي مدد جي مخصوص جز طور مهيا نہ ٿيڻ گهرجن.**

[٨٥]. تيار ٿيل مصنوعات جي خطرن واري درجہ بندي. گهٽ نقصانڪار لاءِ عمل وارن موجود جزن جي تشڪيل ۾ وڏن ڪجهہ لاڳاپيل تڪڙو عمل ڪندڙ جزن تي توجهہ ڏيندي ڪرڻ گهرجي. دوائن جي درجہ بندي جي سفارش خطرن جي پسمنظر ۾ درجہ بندي جي هدايتن کي نظر ۾ رکڻ گهرجي (http://www.who.int/ipcs/publications/pesticides hazard/en)

مصنوعات جي وات ۽ چمڙي جي زهريلي اثرن جي بنياد تي فني درجہ بندي ٿيل هجي.جيڪڏهن تبادلن جي ٿيبل ان عزم جي اجازت ڏئي ٿي تہ دوائن جي تشڪيل ۾ خطرن جو درجو بہ سوچ ويچار هيٺ آهي. ٢٠٠٨ ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ اها لسٽ گلوبل هم آهنگي نظام طرفان ڪيميڪل جي درجہ بندي ۽ ليبلنگ طور هٿائي ويندي. جنهن ۾ چمڙي جي زهريلي اثرن جي شدت جي خطرن ۽ ماحوليات جي جوکم جو واڌارو ڪيو ويو آهي.

(http://www.unece.org/trans/danger/publi/ghs/ghs welcome e.html)

"ڪيڙا مار دوائن جي تشڪيل" جو اصطلاح جو مطلب اهو آهي تہ ڪيترن ئي موادن جو ميلاپ استعمال، گهربل ڪم جي پورائي لاءِ لائق مصنوعات پيش ڪري ٿو. جيڪي دوائن جي صورت ۾ خريدارن لاءِ موجود ڪيون وڃن ٿيون." عمل ۾ ايندڙ جزن " جو مطلب دوائن ۾ حياتياتي طور سرگرم هجڻ آهي.

The hazard classification concern the formulated product. Formulation with a law concentration of active[٨٥]

In gradient are less hazardous than formulations with a high concentration of the same active ingredient. The WHO Recommended Classification of Pesticides by hazard and Guidelines to Classification.

(http://www.who.int/ipcs/publications/pesticides hazard/en/) classifies technical products based acute oral

3. **مخصوص سامان جي لاءِ مناسب درخواست ۽ دوائن جا حفاظتي طريقا مهيا ڪرڻ کي اڳتي وڌائڻ گهرجي، تہ جيستائين واضح طور تي اهو يقين ٿي تہ تجويز ٿيل سامان ۽ دوائون اول ئي آساني سان موجود آهن.**
4. **دوائون استعمال ڪندڙن جي تربيت ان لاءِ گهربل قدم کڻڻ گهرجن تہ جيئن ان ڳالهہ کي يقيني بڻايو وڃي تہ جيئن اهي مهيا ٿيل دوائن کي مناسب انداز ۾ذميواري سان سنڀالڻ جي طور طريقن لاءِ اهل ٿي سگهن.**

5. سمورن دوائن مهيا ڪرڻ وارن کي ان ڳالهه کي يقيني بڻائيندي، دوائن کي ايف.اي.او جي هدايتن تحت ذخيرو ڪرڻ گهرجي.

صاف.

هينيان ڪاغذ پٽ ۽ سرگرميون ايف.اي.او ضمني ۽/ يا علائقائي ڪوآرڊينيٽر ۽ وٽن کي تحفظ ڏيندڙ آفيسر کان منظور ڪرائڻ جي شرط گهربل آهي. جائزو ۽ دوائن جي خريداري جي درخواست ان کانسواءِ ٻجن جي سنڀال ۽ ذخيرو ٿيل، زرعي شين جي صاف ستري سنڀال وارو ڪم ايف.اي.او هيڊڪوارٽر جي مڪمل سهڪار سان دوائن جي انتظامي گروپ جي بنياد تي سينئر آفيسر جي معرفت ڪيو ويندو.

1. دوائن جي خريداري جا سمورا آرڊر ايف.اي.او وسيلي ٿين. ان کانسواءِ هيڊ ڪوارٽر آرڊر جي وسيلي، فيلڊ منصوبي جي حڪم تحت يا مقامي خريداري تحت آندا وڃن.
2. منصوبي جا ڪاغذ دوائن جي خريداري لاءِ تصور ڪيا وڃن.
3. منصوبن لاءِ حد جو دستاويز (ٽرمينل رپورٽ) دوائن جي مهيا ٿيڻ لاءِ ضروري آهي.

اجازت جي گذارش ايف.اي.او ضمني، علائقائي ڪوآرڊينيٽر ۽ وٽن کي تحفظ ڏيندڙ آفيسر (دوائن ۽ فصل جي تحفظ جو مرڪزي هنڌ) وٽ جمع ڪرائڻ گهرجي. دوائن جي خريداري ۾ ان جي گذارش مڪمل (ضميمو ١. دوائن جي چيڪ لسٽ) طور هر خريداري جي گذارش ۾ شامل هجڻ لازمي آهي.

وڏيڪ اهو ته پنهنجا ڪاغذات دوائن جي ڪمپني يا دوائن جي فيڪٽري سان سهڪار جي ٻي خيال لاءِ (مثال طور. تربيت تي عمل ڪرڻ يا ان جي ڊزائين ناهڻ) ايف اي او ضمني ، علائقائي ۽ وٽن جي تحفظ واري آفيسر کان ضروري منظور ڪرائڻا هوندا. اهو واڌارو عام طور او.پي.سي طريقيڪار لاءِ نجي سيڪٽر سان سهڪار لاءِ ناهيو ويو آهي ته جيئن ڊي جي بي ١٤/٢٠١٤ ۾ بيان ڪيل آهي.

دوائن جي خريداري ۽ استعمال جا شرط چٽا هجڻ گهرجن.

ڪنهن بہ دوا جي مصنوعات جي خريداري ۽ استعمال لاءِ ان ڳالهہ کي يقيني بنائڻ گهرجي تہ هيٺيان شرط واضح طور پڌرا ٿيل آهن.

- مصنوعات لازمي طور ملڪ اندر حڪومتي اختيارين وٽ رجسٽرڊ ٿيل هئڻ گهرجي.
- ڪمپني جيڪي دوائون مهيا ڪري آهي، اهي ايف اي او، ڊبلي ايچ او جي ڪيڙا مار دوائن جي انتظام جي ظابطن ۽ قاعدن تحت منظور ٿيل هجن. خاص طور انهن جي ڊبن تي ٽرانسپورٽ تي پهچائڻ يا مهيا ڪرڻ دوران ليبل هجڻ لازم آهي.[٨٦]
- انفرادي طور تي دوائن لاءِ درخواست ڏيندڙ استعمال ۾ ايندڙ سامان جي حفاظت، دوائن جي استعمال ۽ انهن سان لاڳاپيل صحت جي حفاظت ۽ ماحولياتي پيدا ٿيندڙ صورتحال ۽ ٻين مسئلن جي تربيت وٺندو.
- درخواست ڏيندڙ کي حفاظتي سامان مهيا ڪندڙ جو اي.سي، يو.ايس يا عالمي طور مڃيل معيارسان مناسب تعلق هجي.
- سامان جي قابل قبول درخواست اها آهي تہ دوائن جي اجازت لاءِ صحيح خوراڪ جي معلومات، انساني صحت ۽ ماحوليات جي سببن جي ڄاڻ يا ان جي استعمال جي معلومات مهيا ڪئي ويندي جيڪڏهن اها مهيا نہ ٿيل آهي.
- سيئي خالي جيت مار دوائن جون گاڏيون تي دفعا ڏوتل ۽ FAO جي اصولن[٨٧] مطابق هجن.

جيڪڏهن جيت مار دوائون ٻجن کي تيار ڪرڻ لاءِ خريد ڪيون وڃن (ٻج جمع ڪرڻ وارو ڪيميڪل يا ٻج کي تيار ڪرڻ) هيٺيان شرط پورا هجڻ گهرجن:

[٨٦] *Reference to Guideline on Good labeling practice for pesticides:*

http://www.fao.org/AGP/pesticide/Code/Download/label.pdf

بج تيار ڪرڻ واري هنڌ:

- هر هڪ بج تيار ڪرڻ واري شيءِ AGP کان منظور شده هجي ۽ ملڪ جي (برآمد/درآمد) لاڳاپيل ملڪي اختيارين کان رجسٽرڊ ٿيل هجي.
- ڪمپني جيڪا جيت مار دوا مهيا ڪري ٿي. ان کي اهو ظاهر ڪري ڇڏڻ گهرجي ته اهي FAO/WHO جي مطابق ڪم ڪري رهيا آهن.

جيت مار دوائن جي انتظاميه تي بين الاقوامي قواعد و ضوابط، خاص طور تي ان جي ليبل هڻڻ، ان جي پيڪنگ ڪرڻ، جيت مار دوائن- تيار ڪيل بجن لاءِ.

- جيت مار دوائن سان علاج ڪيل بج جي استعمال ڪندڙن کي ضروري احتياطي تقاضن کي ثابت قدم رهڻ گهرجي. جيڪي ان شيءِ جي ليبل تي ٻڌايل هجن. (مثال: بچاءَ لاءِ منهن کي ڍڪڻ، عينڪ پائڻ ۽ هٿ پائڻ)
- بجن جي تياري مڪمل سازوسامان واري هنڌ ڪئي وڃي، جتي جيت مار دوائن رکڻ جي مڪمل گنجائش هجي.
- بج تيار ڪرڻ وارن اوزارن جي استعمال ڪندڙن کي مناسب سازوسامان مهيا ڪيو وڃي. معيار، استعمال ۽ اوزارن جي صفائي تي هدايتون ڏنيون وڃن.
- تيار ڪيل بجن کي رنگڻ گهرجي ۽ ان جي واهپي کي گهٽائڻ لاءِ ان کي انوکو ۽ بي سوادي رنگ ڏيڻ گهرجي .
- تيار ڪيل بجن جي سيني ڳنڙين کي واضح نشان ڪيو وڃي. ماڻهن ۽ جانورن جي واهپي لاءِ نه آهن ۽ کوپي ۽ هڏين جو نشان زهر لاءِ.

تيار ڪيل بجن جي استعمال واري هنڌ :

- تيار ڪيل بج استعمال ڪرڻ وارن کي ٻڌايو وڃي، ته بجن ۾ جيت مار دوائون آهن. جيڪي انهن جي صحت، ٻين جي صحت ۽ ماحول تي زهريلا اثر ڇڏي سگهن ٿيون.
